ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 26 جولاءِ 2026ع 11 صفرالمظفر 1448ھ صفحا 06 - ملھہ 30 رپيہ شمارو (340)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Sunday 26th July 2026

چين پاران آمريڪا ۽ ايران کان ڳالهيون شروع ڪرڻ جو مطالبو پاڪستان سميت ٻين ٽالثي ملڪن جي حمايت

ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جي چيني هم منصب وانگ يي سان ملاقات ۾ ايران جي خودمختياري ۽ قومي سلامتي جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو، وچ اوڀر ۾ وڌندڙ تڪرار تي ڳڻتي جو اظهار

اسلام آباد مفاهمت جي يادداشت خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ اهم قدم آهي، ان کي برقرار رکڻ گهرجي: چيني پرڏيهي وزير

چين پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جي ٽالثي جي ڪوششن جي حمايت جاري رکندو ۽ آبنائي هرمز جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ پڻ ڪردار ادا ڪندو

آمريڪا اسلام آباد مفاهمت جي يادداشت جي تحت جنگ بندي معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي: ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي

ايران ۽ چين کي گڏيل رابطي ۽ تعاون کي مضبوط ڪرڻ گهرجي، اميد ته چين تڪرار گهٽائڻ ۽ صورتحال کي معمول تي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهندو

استانا(م د)ڪرغزستان ۾ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي پرڏيهي وزيرن جي اجلاس جي موقعي تي چيني پرڏيهي وزير وانگ يي پنهنجي ايراني هم منصب عباس عراقچي سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن ايران جي خودمختياري ۽ قومي سلامتي جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو وچ اوڀر

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ دهشتگردي خلاف ڪارروائيون جاري

ستونگ جي علائقي ڪڏڪوچه ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي

اسلام آباد (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز جون انٽيليجنس بيسڊ آپريشن العزم تحت بلوچستان ۾ دهشتگردي خلاف انٽيليجنس

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

آمريڪا خلاف حملا ان وقت تائين جاري رهندا جيستائين دشمن مڪمل طور تي هٿيار ڦٽا ڪري: ايران

علائقي ۾ دونهين جا ڪڪر اڀرڻ ان ڳالهه جي نشاني آهن ته آمريڪا جي ڪنهن فوجي، سيڪيورٽي يا مالي مرڪز کي نشانو بڻايو ويو آهي: سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جو سربراه

ايراني فوج جا مسلسل ۽ هدف تي ٻڌل حملا عالمي بالادستي واري نظام، خلاف بيدار ٿيل ايراني قوم جي ڪاوڙ جو عڪس آهن، اهي حملا ان وقت تائين جاري رهندا جيستائين دشمن هٿيار ڦٽا نه ڪندو

"ماناب" ۽ "ليمارڊ" جي ٻارن جي رت جو بدلو وٺنداسين، آمريڪا ۽ اسرائيل 28 فيبروري 2026 تي ايران تي حملو ڪيو هو ۽ ڇڪتاڻ جو اهو سلسلو هاڻي پنجن مهينن کان جاري آهي

آمريڪي فوج لڳاتار 13 ڏينهن تائين ايران جي مختلف علائقن ۾ فضائي ڪارروائيون ڪيون آهن، شهري بنيادي ڍانچي ۾ شامل مواصلاتي نيٽ ورڪ، پل ۽ پاڻي جا پلانٽ تباهه ڪيا ويا

ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سربراهه محمد باقر ذوالقدر چيو آهي ته آمريڪي هدفن خلاف ڪارروائيون ان وقت تائين جاري رهنديون جيستائين دشمن مڪمل طور تي هٿيار ڦٽا ڪري ۽ مناب ۽ لامرد ۾ ٻارن جي قتل عام جو بدلو نه ورتو وڃي ايراني ميڊيا جي رپورٽن مطابق، ذوالقدر چيو ته علائقي ۾ دونهين جا ڪڪر اڀرڻ ان ڳالهه جي نشاني

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ابراهيمي معاهدي ۾ شامل نه ٿيو ته نيو ڪليئر ڊيل نه ٿيندي: ڊونلڊ ٽرمپ

اسان اڃان تائين ايران تي وڏا حملا ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو حتمي فيصلو نه ڪيو آهي

تهران سان جاري ڳالهين ۾ ايراني اختيارين اڳ جي مقابلي ۾ وڌيڪ سنجيدگي جو مظاهرو ڪري رهيون آهن

اسان جون انهي سان ڳالهيون جاري آهن منهنجو خيال آهي ته هو هر گذرندڙ ڏينهن سان گڏ وڌيڪ سنجيده ٿيندا پيا وڃن

واشنگٽن(م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته جيستائين سعودي عرب ابراهيمي معاهدي ۾ شامل نه ٿيو ته

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير چونڊن ۾ حمايت لاءِ ن ليگي وفد جو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪز بهادر آباد جو دورو

وفد جي اڳواڻي مسلم ليگ (ن) سنڌ جي صدر بشير ميمڻ ڪئي

ايم ڪيو ايم چونڊن ۾ ن ليگ جي حمايت جو اعلان ڪيو، نامزدگي ڪاغذ واپس ورتا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آزاد ڪشمير چونڊن ۾ حمايت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مسلم ليگ (ن) جي وفد ايم ڪيو ايم پاڪستان جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

روس جو فوجي تربيتي جهاز ٽيڪ آف دوران تباهه

ماسڪو (اي پي پي) روس جو هڪ فوجي تربيتي جهاز ٽيڪ آف دوران ماسڪو جي علائقي ۾ حادثي جو شڪار ٿي پيو جنهن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

"انقلاب زنده باد" نوجوان مودي سرڪار کي جهڪائي ڇڏيو، وزير تعليم مستعفي

ڀارت ۾ اين اِي اِي ٽِي امتحان جي پيپر ليڪ معاملي تي اٽڪل ٻن مهينن کان جاري شاگردن جي احتجاجي تحريڪ ڪامياب

2026ع ۾ ٿيل نيٽ امتحان ۾ بي ضابطگيون سامهون اچڻ ڪانپوءِ حڪومت ترت معاملي جي جاچ سي بي آءِ حوالي ڪئي

حڪومت مطالبا لڪت ۾ مڃي ورتا، اڄ سڄي ملڪ ۾ پرامن مشعل بردار ريليون پڻ ڪڍيون وينديون: ڪاڪروچ جنتا پارٽي

نئين دهلي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڀارت ۾ اين اِي اِي ٽِي (نيٽ) امتحان جي پيپر ليڪ معاملي تي اٽڪل ٻن مهينن کان جاري شاگردن جي احتجاجي تحريڪ ڪانپوءِ تعليم واري وزير ڌرميندر پرڌان پنهنجي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

نئين دهلي: استعيفيٰ ڏيندڙ ڀارتي تعليم وارو وزير ڌرميندر پرڌان

حمزا شهباز وزيراعظم هائوس ۾ پنهنجي آفيس سنڀالي ورتي

حمزا شهباز مختلف وفاقي وزيرن سان به ملاقاتون ڪيون

حمزا وزيراعظم هائوس جي ڇهين ماڙ تي پنهنجي آفيس مان ذميواريون نڀائيندو

حمزا شهباز پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي سان لاڳاپيل معاملن تي به نظر رکندو

پارٽي ڪارڪنن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي پڻ جوڙيندا

اسلام آباد(م د)پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير حمزا شهباز وزيراعظم هائوس ۾ پنهنجي آفيس سنڀالي ورتي آهي. پارٽي ذريعن موجب، حمزا شهباز گذريل ڏينهن مختلف وفاقي وزيرن سان به ملاقاتون ڪيون جنهن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت طرفان گلگت بلتستان ۾ ٽن اهم شعبن ۾ مضبوط لاڳاپا قائم ڪيا ويندا: وڏو وزير

جديد رونيو اٿارٽي جي قيام، انفراسٽرڪچر، عوامي خدمتن ۽ ٻوڏ متاثرن لاءِ هائوسنگ پروگرام ۾ مدد ڪنداسين

اسان صوبي ۾ ٽرانسپورٽ، توانائي ۽ مرنسپل انفراسٽرڪچر جا پي پي پي منصوبا لاڳو ڪيا آهن

علم، مهارت ۽ ڪامياب ماڊلز کي شيئر ڪري، گڏيل طور تي گورننس کي بهتر بڻائي سگهون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ گلگت بلتستان جي وڏي وزير ايڊووڪيٽ امجد حسين چنچر ڏينهن هڪ اعليٰ سطحي ورچوئل اجلاس ڪيو ته جيئن صوبائي سهڪار کي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ گلگت بلتستان جي وڏي وزير ايڊووڪيٽ امجد حسين سان ورچوئل اجلاس جي صدارت ڪندي

چين: مٽيءَ جون ڇپون ڪرڻ سبب 5 ڄڻا فوت، 3 زخمي

بيجنگ (اي پي پي) چين جي شانشي صوبي ۾ مٽيءَ جي ڇپ ڪرڻ سبب هڪ گهر دٻجي ويو جنهن جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا فوت ۽ 3 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ايف آءِ اي جو ايجنٽ مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

اسلام آباد (اي پي پي) فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) جو ايجنٽ مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي ايف آءِ اي اينٽي ڪرپشن سرڪل

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

برسات ڪانپوءِ دريائن ۾ پاڻيءَ جي سطح بلند، چناب ۾ ٽن هنڌن تي وچولي درجي جي ٻوڏ

قادرآباد بئراج تي پاڻيءَ جو وهڪرو هڪ لک 88 هزار ڪيوسڪ ٿي ويو

خانڪي وٽ هڪ لک 92 هزار ۽ چنيوٽ وٽ هڪ لک 70 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ

چشما بئراج تي پاڻيءَ جو وهڪرو 3 لک 50 هزار ڪيوسڪ ٿي ويو

لاهور(م د)برسات سبب چناب درياهه جي ٽن هنڌن خانڪي، قادرآباد ۽ چنيوٽ وٽ وچولي درجي جي ٻوڏ رڪارڊ ڪئي پئي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي مدرسن ۾ شاگردن جي صحت ۽ حفاظتي اسڪريننگ جي خصوصي مهم مڪمل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صحت کاتي جي سي ڊي سي ون ايچ آءِ وي پروگرام تحت سڄي صوبي جي ديني

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

تعليم واري وزير جي استعيفيٰ تي ڪاڪروچ جنتا پارٽيءَ جو جشن، تحريڪ اڃا ختم ناهي: اڀيجيت ڊيپڪي

ڌرميندر پرڌان جي استعيفيٰ سبب مون کي هيرو نه بڻايو هڪ شخص کي هيرو بڻائڻ سبب ئي ملڪ کي نقصان پهتو آهي

نريندر مودي جي! صبح ٿي وئي آهي مامون، ڀارت ۾ جمهوريت جي صبح ٿي وئي آهي

نيٽ پيپر ليڪ معاملي تي شروع ٿيل تحريڪ ۾ حڪومت جي ڀرين وڪيٽ ڪِري پئي آهي

نئين دهلي(م د)ڀارتي تعليم واري وزير ڌرميندر پرڌان جي استعيفيٰ جي خبر

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي ازبڪستان جي پرڏيهي وزير بختيار سيدوف سان ملاقات ڪندي

نائب وزيراعظم جي ازبڪ وزير سان ملاقات، مختلف شعبن ۾ سهڪار تي ڳالهيون

اسحاق ڊار ڪرغزستان جي شهر چولپون آتا ۾ پرڏيهي وزير بختيار سيدوف سان ملاقات ڪئي

پرڏيهي وزير بختيار سيدوف خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺائڻ لاءِ پاڪستان جي ساراهه ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪرغزستان جي شهر چولپون آتا ۾

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪينسر ۽ شوگر سميت حياتي بچائيندڙ 52 نين دوائن جون قيمتون منظور

وفاقي ڪابينا جي ڪميٽي جو اجلاس ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ ٿيو

اجلاس دوران 52 نين رجسٽرڊ دوائن جي قيمتن جي منظوري ڏني وئي

ڪينسر، شوگر، هيموفيليا ۽ پارڪنسن جي علاج لاءِ استعمال ٿيندڙ دوائون شامل

دوائن جي اگهن جي حتمي منظوري وفاقي ڪابينا ڏيندي

اسلام آباد(م د)وفاقي ڪابينا جي ماتحت ڪميٽي 52 نين رجسٽرڊ حياتي بچائيندڙ دوائن جي اگهن جي منظوري ڏئي ڇڏي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي رهاڪن جو راڳ آلاپيندڙن کي مايوسي کان سواءِ ڪجهه به نه ملندو: ناصر شاهه

وفاق ۾ وزارتون وٺڻ لاءِ اسلام آباد جو طواف ڪندڙ ڪڏهن به سنڌ جا مخلص ٿا ٿي سگهن

ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ رستن تي اچڻ وارو شوق ضرور پورو ڪن، اسان پاڻي پيارينداسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن خالد مقبول صديقي ۽ مصطفيٰ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ امڪاني برسات کي منهن ڏيڻ لاءِ خاص ايمرجنسي ڊيسڪ قائم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ لاءِ جاري ڪيل

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سائنس ۽ فني تعاون بابت وزارتي اسٽينڊنگ ڪميٽي پاران ڪتاب جي رونمائي واري تقريب

حبيب آمريڪن بئنڪ نيويارڪ جو چيئرمين عبدالغفار عباسي نيو جرسي ۾ وفات ڪري ويو

هو حيدرآباد جي مشهور عباسي اسپتال جي باني مرحوم خانبهادر عبدالعزيز عباسي جو پٽ هو

سندس لاڏاڻي تي عباسي خاندان سميت سياسي سماجي ڌرين طرفان گهري ڏک جو اظهار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) روزاني عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي سرواڻ قاضي اسد عابد جو سوٽ حبيب آمريڪن بئنڪ نيويارڪ جو چيئرمين عبدالغفار عباسي (ادا ابو) ڪالهه نيو جرسي آمريڪا ۾ وفات ڪري ويو هو حيدرآباد جي مشهور عباسي اسپتال جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

عبرت گروپ جي سرواڻ قاضي اسد عابد پاران سندس سوٽ عبدالغفار عباسي جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

حيدرآباد: روزاني عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي سرواڻ قاضي اسد عابد سندن سوٽ حبيب آمريڪن بئنڪ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ جا سڀئي شعبا تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا آهن: صدرالدين شاهه راشدي

وفاق ۽ سنڌ ۾ حڪمران عوامي مسئلن جي حل ۾ مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿيا آهن

حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب وڌندڙ مهانگائي ماڻهن جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي ضلعي عهديدارن کي هدايت ڪئي آهي ته 15 سيپٽمبر تائين هر صورت ۾ تحصيل يونين

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: فنڪشنل ليگ اڳواڻ صدرالدين شاهه ۽ ٻيا ميڊيا سان ڳالهائيندي

دوڙ ۾ معمولي ڳالهه تان واسواڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، نوجوان مارجي ويو

علي آباد محلي ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙي دوران ڌرين هڪٻئي تي ڪهاڙين ۽ خنجرن جو استعمال ڪيو

جهيڙي دوران 25 ورهين جو غلام عباس ولد اختر حسين وسواڻي سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي نوجوان زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

دوڙ (رپورٽ: فيروز علي پيلاڻ) دوڙ جي محله علي آباد ۾ واسواڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙوٿي پيو خوني تڪرار ۾ تبديل هڪ ڄڻو مارجي ويو دوڙ جي محله علي آباد ۾ واسواڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

دوڙ: جهيڙي ۾ مارجي ويل همراهه جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ڪراچي ۾ قاضي فيض محمد جي آتم ڪٿا تي ٻڌل ڪتاب "ميرا سفر" جي مهورتي تقريب

قاضي فيض محمد ليکڪ ۽ بهترين سياستدان هو سنڌ جي هارين لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو: ڊاڪٽر عبدالمالڪ

سندس محبوب سنڌ هئي هو سنڌ جي محبت ۾ بنگلاديش پهتو هو: قاضي جاويد

هو پاڪستان جي بانين مان هڪ هو مڊل ڪلاس وارن جو درد رکندو هو: اڳواڻن جو خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) قاضي فيض محمد جي آتم ڪٿا تي ٻڌل ڪتاب "ميرا سفر" جي مهورتي تقريب آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي اي سي آڊيٽوريم هال ۾ انسٽيٽيوٽ آف

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪتاب "ميرا سفر" جي مهورتي تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪندي

ايف بي سڌارا، ڪيش ليس معيشت ۽ ٽيڪس نظام جي بهتري تي تيزي سان ڪم جاري آهي: ناڻي وزير

حڪومت جو مقصد عوام لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ، ٽيڪس ڏيندڙن جو اعتماد بحال ڪرڻ ۽ شفاف نظام قائم ڪرڻ آهي

وزيراعظم خاص طور ايف بي آر سڌارن ۽ ڪيش ليس اڪانامي کي هٿي وٺائڻ تي ڌيان ڏئي رهيو آهي ته جيئن معيشت کي دستاويزي شڪل ڏئي سگهجي

لاهور (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اڳواڻي ۾ حڪومت ٽيڪس نظام ۾ بنيادي سڌارن، ٽيڪس جي واڌ، ڪيش ليس

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ ڊرگ ٽيسٽنگ ليبارٽري ڪينسر جي 9 دوائن کي جعلي، غير معياري ۽ غير رجسٽرڊ قرار ڏئي ڇڏيو

ڊرگ ٽيسٽنگ ليبارٽري جي رپورٽ موجب ڪجهه ڪينسر جي دوائن ۾ ايڪٽوانگريڊينٽ موجود ئي نه هئي: عدنان رضوي

ڪجهه دوائن تي ڊرپ رجسٽريشن نمبر به لکيل نه هئا، ڪيترائي آئوٽ ورجسٽ پريسڪرپشن تي مخصوص فارميسيز جو نالو لکي ڇڏيندا

جعلي ۽ غير معياري ڪينسر جون دوائون مريضن جي حياتين لاءِ سنگين خطرو هونديون آهن

ڪراچي(بيورو رپورٽ)سنڌ ڊرگ ٽيسٽنگ ليبارٽري ڪينسر جي علاج ۾ استعمال ٿيندڙ 9 دوائن کي جعلي غير معياري ۽ غير رجسٽرڊ قرار ڏئي ڇڏيو ڊائريڪٽر سنڌ ڊرگ ٽيسٽنگ ليبارٽري سيد عدنان رضوي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ وفاقي اردو يونيورسٽي جي وفد جي صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سان ملاقات، مسئلن بابت آگاهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي اردو يونيورسٽي جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر پروفيسر اقبال نقوي، صدر ڊاڪٽر روشن علي سومرو، نائب صدر ڊاڪٽر اصغر علي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ملڪي ترقي لاءِ روانگي واپار تي ٻڌل معيشت جوڙڻي پوندي

اي وهڪيلز کي هلي ڏيڻ ٻارڻ جي درآمدي لاڳت ۾ گهٽتائي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو

جديد ٽيڪنالاجي، اليڪٽريڪل وهڪيلز ۽ گرين انرجي طرف تيزي سان وڌڻو پوندو

لاهور (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ سڌارن واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته ملڪي ترقي جو دارومدار پائيدار توانائي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير محسن نقوي وزير اعليٰ بلوچستان سرفراز بگٽي سان ملاقات ڪندي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ڪارروائيون، ٽن زخمين سميت 8 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ڌاڙيلن خلاف ڪارروائيون دوران ٽن زخمين سميت اٺ جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نئون صوبو سنڌ کي ٽوڙي ناهيو ويندو، نئين صوبي واري مطالبي تان هٿ نه کڻنداسين: خالد مقبول

مهاجرن انگريزن سان وڙهي پاڪستان ناهيو آهي، هاڻ پاڪستان اصل وارثن جي حوالي ڪيو وڃي

حيدرآباد ايم ڪيو ايم جو شهر آهي، هتان جي عوام فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي

شهري علائقن تي 80 سيڪڙو مينڊيٽ اسان جو آهي، هر صورت ۾ نئون صوبو ٺاهينداسين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ايم ڪيو ايم پاڪستان جي چيئرمين خالد مقبول صديقي هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي 21 ضلعن ۾ مهاجر رهن ٿا جيڪي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

حڪومت تشدد جي ذميوار ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري، مودي شاگردن کان معافي وٺي: راهول گانڌي

نئين دهلي(م د)پارليامينٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ راهول گانڌي ڀارتي تعليم واري وزير ڌرميندر پرڌان جي استعيفيٰ کي تعليمي نظام جي سڌارن ڏانهن هڪ وڏو قدم قرار ڏنو آهي. راهول گانڌي ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته "انهن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ايم ڪيو ايم اڳواڻ فاروق ستار سان آزاد ڪشمير جو وفد ملاقات ڪندي

نيب جو بي آر ٽي ييلو لائين منصوبي ۾ ساڍا 8 ارب رپين جي ادائيگين جي جاچ جو حڪم

نيب چيئرمين، ڊي جي نيب ڪراچي کي بي آر ٽي ييلو لائين منصوبي سان لاڳاپيل جاچ شروع ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون

ڪراچي کي بي آر ٽي ييلو لائين منصوبي ۾ مبينا طور ساڍا 8 ارب رپين جي اڳواٽ ادائيگين واري معاملي جي جاچ ڪرڻ جي هدايت

جاچ دوران بي آر ٽي ييلو لائين رٿا ۾ ڪيل ساڍا 8 ارب رپين جي اڳواٽ ادائيگين جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو: نيب ذريعا

ڪراچي(بيورو رپورٽ)نيب چيئرمين، ڊي جي نيب ڪراچي کي بي آر ٽي ييلو لائين منصوبي سان لاڳاپيل جاچ شروع ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن نيب ذريعن موجب، چيئرمين نيب، ڊي جي نيب

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي اڳواڻن پاران اڳوڻي وڏي وزير ممتاز ڀٽو جي ننڍي ڀاءُ عاشق حسين ڀٽو جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي(بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وزيرستان ۾ دهشتگردن جي حملي دوران شهيد ٿيل فوجي جوان جو مڙهه لاڙڪاڻي آندو ويو

شهيد ڊشڪيل احمد ميمڻ جو مڙهه اباڻي ڳوٺ پهچايو ويو، سندس جنازي نماز ادا ڪئي وئي

هو وزيرستان جي علائقي ٽانڪ ۾ دهشتگردن جي حملي دوران بهادري سان مقابلو ڪندي شهادت ماڻي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) وزيرستان جي علائقي ٽانڪ جي چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي حملي دوران بهادري سان

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

هفتيوار مهانگائي جي شرح 9.66 سيڪڙو وڌي وئي، پاڇيون، اٽو بجلي ۽ ايل پي جي جا اگهه چوٽ چڙهي ويا

گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ هلندڙ هفتي ايس پي آءِ ۾ به 0.91 سيڪڙو واڌ رڪارڊ، ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا پڻ وڌي ويا

ٻارڻ جي مسلسل وڌندڙ اگهن نه رڳو گهريلو بجيٽ تي ناڌر بار وڌو آهي، پر ٽرانسپورٽ جا خرچ به نمايان حد تائين وڌي ويا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۾ هفتيوار مهانگائي جي شرح سالياني

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان برطانوي هائوس آف لارڊ جي ميمبر ضمير چوڌري ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ سياسي ڪارڪن جي قتل ۾ ملوث جوابدار مقابلي ۾ مارجي ويو

ڳجهي اطلاع تي پوليس ڪارروائي ڪئي ته جوابدارن پوليس پارٽي تي فائرنگ ڪئي

اي اين پي ڪارڪن عاصم جي قتل ۾ ملوث اياز عرف "ڪي ڪي" مقابلي ۾ مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سياسي جماعت جي هڪ ڪارڪن جي قتل ۾ ملوث جوابدار چند ڪلاڪن اندر ئي مبينا

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پاسپورٽ آفيس جي ٻن اهلڪارن ۽ ڇهن ايجنٽن سميت 6 جوابدار گرفتار

ايف آءِ اي انساني اسمگلنگ جي روڪٿام واري سرڪل صدر پاسپورٽ آفيس ۾ ڪارروائي ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي انساني

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ٺٽو بولاخان ويجهو ڪار اونهي کاهي ۾ ڪري پئي، ٻه عورتون ۽ ٽارو ڇاول ٻار ڙو فوت

ٻڄاڻي لنڪ روڊ تي ڳوٺ هاري عورت کي علاج لاءِ اسپتال ڏانهن کڻي ايندڙ ڪار ڪلٽي ٿي کاهي ۾ ڪري پئي

ڪار سوار تاجل زال رسول بخش، ڳوٺ هاري عورت نوازان زال جمن شهڻو ۽ سندس ٻارڙو ٿڌي فوت

ڊرائيور مير برهماڻي ۽ جمن شهڻو سخت زخمي ٿي پيا، فوتين جا لاش وارثن حوالي، زخمي اسپتال منتقل

ٺٽو بولا خان (ن ح) ٺٽو بولاخان ويجهو ٺٽو عارب خان ٻڄاڻي لنڪ روڊ تي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

AG Abbasi
1935-2026
Rest in Peace

اها نهايت ئي غم ۽ صدمي واري خبر آهي ته اسان جو محبوب پيءُ/ ڀاءُ/سئوٽ/ڀيٽيوو، جناب عبدالغفار عباسي (ادا ابو)، چيئرمين حبيب آمريڪن (A.G Zurich) بئنڪ، نيويارڪ، گذريل ڏينهن جمعو 24 جولاءِ تي نيو جرسي، آمريڪا ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي.

هو حيدرآباد جي مشهور عباسي اسپتال جي سرجن مرحوم ڊاڪٽر خان بهادر عبدالعزيز عباسي جو فرزند هو.

هو هڪ انتهائي رحم دل، همدرد ۽ باوقار شخص هو. اسان لاءِ هو هڪ ڀاءُ، سئوٽ يا ڀيٽيوي کان وڌيڪ هو. هو هڪ محترم بزرگ ۽ پيءُ جهڙي شخصيت هو، جنهن جي شفقت ۽ رهنمائي اسان لاءِ تمام گهڻي اهميت رکندي هئي. سندن وڇوڙي اسان جي زندگيءَ ۾ هڪ ئي گهرو خال ڇڏي ڏنو آهي.

اڄ جو ڏينهن اسان لاءِ بي پناهه غم ۽ صدمي جو ڏينهن آهي.

الله تعاليٰ کين ابدي امن ۽ سک عطا فرمائي (جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري). کين هميشه محبت ۽ احترام سان ياد رکيو ويندو.

سوڳوار: عباسي خاندان

[redacted]

آهن تہ آمريڪا جي ڪنهن فوجي سيڪيورٽي يا مالي مرڪز کي نشانو بڻايو ويو آهي هن چيو تہ ايراني فوج جا مسلسل ۽ هدف تي ٻڌل حملا عالمي بالادستي واري نظام خلاف بيدار ٿيل ايراني قوم جي ڪاوڙ جو عڪس آهن اهي حملا ان وقت تائين جاري رهندا جيستائين دشمن مڪمل طور تي هٿيار نہ ڦٽا ڪري ۽ "ماناب" ۽ "ليمارڊ" جي ٻارن جي رت جو بدلو نہ ورتو وڃي قابل ذڪر ڳالهہ اها آهي تہ آمريڪا ۽ اسرائيل 28 فيبروري 2026 تي ايران تي حملو ڪيو هو ۽ چڪتاڻ جو اهو سلسلو هاڻي پنجن مهينن کان جاري آهي، جڏهن تہ 40 ڏينهن بعد، يعني 8 اپريل تي پاڪستان جي وچٽري سان جنگبندي جو معاهدو ٿيو هو جنهن کان اڳ ايران جوابي ڪارروائين ۽ "آبنائي هرمز" کي بند ڪرڻ ذريعي ردعمل ڏنو هو پاڪستان جي ثالثي هيٺ 17 جون تي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگ بندي جي حتمي معاهدي (ايم او يو) تي صحيحون ڪيون ويون ان کان پوءِ ٻنهي ڌرين وچ ۾ سوئٽزرلينڊ ۽ قطر ۾ فني ڳالهيون ٿيون پر اسلام آباد ۾ مقرر ٿيڻ دور ٿيڻ کان اڳ ئي ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي تي معاهدي جي ڀڃڪڙي جا الزام هڻندي ٻيهر دشمني واري عمل جو آغاز ڪري ڇڏيو ايراني ميڊيا موجب، آمريڪي فوج لڳاتار 13 ڏينهن تائين ايران جي مختلف علائقن ۾ فضائي ڪارروائيون ڪيون آهن انهن ڪارروائين سبب شهري بنيادي ڍانچي - جنهن ۾ مواصلاتي نيٽ ورڪ، پل ۽ پاڻي جا پلانٽ شامل آهن - کي تباهہ ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ 55 ماڻهو مارجي ويا ۽ 645 زخمي ٿي پيا. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ جوابي حملن ۾ ايران ڊرونز ۽ ميزائلن جو استعمال ڪندي خطي ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن وارن هنڌن کي نشانو بڻايو

[redacted]

معيشت کي هٿي ڏيڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ذريعي ملڪ جي مالياتي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪري رهي آهي حڪومت جو مقصد عوام لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ ٽيڪس ڏيندڙن جو اعتماد بحال ڪرڻ ۽ هڪ اهڙو شفاف نظام قائم ڪرڻ آهي جيڪو پاڪستان جي پائيدار معاشي ترقي جو بنياد بڻجي سگهي اهڙو اظهار هن ڇنڇر تي لاهور يونيورسٽي آف مينيجمينٽ سائنسز ۾ ايف بي آر جي پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلو پروگرام جي پڄاڻي ۽ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير چيو تہ وزيراعظم محمد شهباز شريف کيس هر مرحلي تي ڀرپور حمايت ڪندو رهيو آهي ۽ حڪومت ٽيڪس پاليسي ۽ ٽيڪس انتظامن ۾ بهتري لاءِ مربوط انداز ۾ ڪم ڪري رهي آهي هن چيو تہ ايف بي آر ۾ هڪ نئون ماڊل متعارف ڪرايو پيو وڃي جنهن سان اداري جي ڪارڪردگي شفافيت ۽ سگهہ ۾ نمايان بهتري ايندي محمد اورنگزيب تربيتي پروگرام مڪمل ڪندڙ آفيسرن کي مبارڪون ڏيندي چيو تہ هاڻي سندن مٿان اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي تہ هو پيشيوارانہ صلاحيتن، ديانتداري ۽ جديد علم عيوض اداري ۾ مثبت تبديلي آڻين هن چيو تہ کيس يقين آهي تہ هي آفيس ايف بي آر کي هڪ جديد، موثر ۽ عوام دوست ادارو بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هن چيو تہ جڏهن پاڪستان 2047ع ۾ آزادي جا 100 سال مڪمل ڪندو تہ 2026ع ۾ شروع ڪيل هي پروگرام هڪ اهڙي سنگ ميل طور ياد رکيو ويندو جنهن اداراجاتي سڌارن ۽ تبديلي جو بنياد رکيو هن چيو تہ مستقبل ۾ پاڪستان ڪٿي بيٺل هوندو، ان جو دارومدار انهن فيصلن تي آهي جيڪي اڄ ڪيا پيا وڃن ان لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن ۽ آفيسرن کي قومي ذميواري جي احساس سان ڪم ڪرڻو پوندو هن چيو تہ وزيراعظم خاص طور ايف بي آر سڌارن ۽ ڪيش ليس اڪانامي کي هٿي وٺائڻ تي ڌيان ڏئي رهيو آهي تہ جيئن معيشت کي دستاويزي شڪل ڏئي سگهجي ٽيڪس نيٽ کي هٿي ڏئي سگهجي ۽ مالياتي شفافيت کي هٿي ملي هن چيو تہ ٽيڪس چوري سان ڪو بہ ملڪ ترقي نٿو ڪري سگهي ان لاءِ حڪومت ٽيڪس چوري جي خاتمي لاءِ موثر قدم کڻي رهي آهي هن چيو تہ وزيراعظم سڌاراجاتي عمل جي شروعات تي هدايت ڪئي هئي تہ پهرين پنهنجي گهر کان شروعات ڪيو ۽ شگر سيڪٽر سان سڌارن جو عمل شروع ڪيو وڃي هن چيو تہ ان کان پوءِ سيمينٽ سيڪٽر ۾ بہ نگراني ۽ سڌاراجاتي قدم کنيا ويا هن چيو تہ حڪومت سيلز ٽيڪس چوري جي وڏن ڪيسن جو پتو لڳايو جنهن جي نتيجي ۾ ٽيڪس وصولين ۾ واڌ ٿي ۽ قومي ناڻي کي فائدو پهتو محمد اورنگزيب چيو تہ حڪومت مختلف قومي ادارن سان گڏجي ڊيٽا بيسز کي جديد رخن تي آڻي رهي آهي تہ جيئن معلومات جي متاسنا کي موثر بڻائي سگهجي ٽيڪس چوري جي روڪٿام ۽ پاليسي سازي ۾ وڌيڪ بهتر انداز ۾ ڪري سگهجي هن چيو تہ جديد ڊجيٽل نظام ۽ مربوط ڊيٽا ئي موثر ٽيڪس انتظاميہ جو بنياد آهي هن زور ڏيندي چيو تہ ايف بي آر جي آفيسرن کي جديد ٽيڪنالاجي خاص ڪري مصنوعي ذهانت مان فائدو کڻڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ اڄ اي آءِ جو دور آهي هن چيو تہ بدلجندڙ ٽيڪنالاجي سان پاڻ کي مسلسل اپ ڊيٽ رکڻ وقت جي اهم ضرورت آهي تہ جيئن اداري جي ڪارڪردگي عالمي معيار موجب بڻائي سگهجي ناڻي واري وزير چيو تہ ايف بي آر جي آفيسرن تي ملڪ جي ٽيڪس ڏيندڙن جو اعتماد ۽ قومي وسيلن جي تحفظ جي اهم ذميواري لاڳو ٿئي ٿي هن چيو تہ حڪومت چاهي ٿي تہ عوام جو اعتماد ايف بي آر تي بحال ٿئي، صنعت ۽ مارڪيٽ جو ماحول بهتر ٿئي ۽ سڌارن جا ثمر عام شهري تائين پهچن هن چيو تہ حڪومت طرفان شروع ڪيل سڌاراجاتي قدمن جا نتيجا سامهون اچڻ شروع ٿي ويا آهن وفاقي وزير چيو تہ هي پنهنجي قسم جو پهريون پروگرام آهي جيڪو پاڪستان حڪومت ۽ لمز يونيورسٽي جي سهڪار سان مڪمل ڪيو ويو هن لمز يونيورسٽي ۽ سمورن حصيدارن جو ٿورو مڃيندي چيو تہ سندن تعاون سان هڪ معياري تربيتي پروگرام ممڪن ٿيو جيڪو ايف بي آر جي انساني وسيلن جي سگهہ وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هن تربيت مڪمل ڪندڙ آفيسرن تي زور ڀريو تہ هو ايمانداري، ديانتداري، پيشيوارانہ مهارت ۽ قومي خدمت جي جذبي سان پنهنجا فرض انجام ڏين ۽ پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي، مضبوط معيشت لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن

[redacted]

انڪشاف ڪيو تہ ڊرگ ٽيسٽنگ ليبارٽري جي رپورٽ موجب ڪجهہ ڪينسر جي دوائن ۾ گهربل فعال دوا (ايڪٽو انگريڊينٽ) موجود ئي نہ هئي عدنان رضوي چيو تہ رپورٽ موجب ڪجهہ دوائن تي ڊريپ رجسٽريشن نمبر بہ لکيل نہ هئا، ڪيترائي آنڪولوجسٽ پريسڪرپشن تي مخصوص فارميسيز جو نالو لکي ڇڏيندا آهن عدنان رضوي چيو تہ جعلي ۽ غير معياري ڪينسر جون دوائون مريضن جي حياتين لاءِ سنگين خطرو هونديون آهن جعلي ڪينسر جي دوائن سان علاج بهتر ناهي ٿيندو بيماري وڌڻ جو امڪان هوندو آهي

[redacted]

جدت، صنعتي توسيع تي ٻڌل آهي، درآمدي دارومدار کان نڪري روانگي واپار تي ٻڌل معيشت جوڙڻي پوندي اي وهيڪلز جو انقلاب برپا ٿي چڪو آهي اليڪٽرڪل وهيڪلز کي هٿي ڏيڻ سان ٻارڻ جي درآمدي لاڳت ۾ گهٽتائي ايندي، جديد ٽيڪنالاجي اليڪٽريڪل وهيڪلز ۽ گرين انرجي طرف تيزي سان وڌڻو پوندو نجي شعبو پاڪستان جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي اسان کي ڊالرز ڪمائيندڙ معيشت طرف اڳتي پوندو نوجوانن کي جديد معيشت جي گهرجن موجب مهارتن سان تيار ڪيو پيو وڃي پاڪستان امن لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن حق جي ويڙهہ ۾ پاڪستان جي ڪاميابي دشمن کان هضم نہ ٿي رهي آهي ڀارت حق جي ويڙهہ ۾ شڪست کان پوءِ غير روائتي جنگ ڪري رهيو آهي اسان کي فتنہ الهندستان طرفان شروع ڪيل دهشتگردي جي لهر کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي عوام کي عالمي منظر نامي بابت آگاهہ ڪرڻ ميڊيا جي ذميواري آهي حڪومت صاف، سستي ۽ جدادار توانائي کي هٿي ڏيڻ لاءِ موثر قدم کڻي رهي آهي صنعتي ترقي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ قابل اعتماد بجلي جي فراهمي اڻٽر آهي حڪومت ڪاروبار دوست ماحول ۽ سيڙپڪاري کي هٿي وٺائڻ لاءِ سڌارن تي عمل ڪري رهي آهي حڪومت ايف بي آر ۾ سڌارن تي تمام گهڻو ڪم ڪيو اهڙو اظهار هن ڇنڇر ڏينهن ايڪسپو سينٽر ۾ جديد اليڪٽرڪ وهيڪلز توانائي پاڪستان نمائش تقريب ۾ خاص مهمان

طور ڳالهائيندي ڪيو هن چيو تہ پاڪستان جي معاشي خودمختياري ۽ پائيدار ترقي جو دارومدار روانگي واپار ۾ واڌ تي آهي ملڪ کي تيزي سان آمدني واپار تي ٻڌل معيشت مان روانگي واپار تي ٻڌل معيشت طرف منتقل ٿيڻو پوندو هن چيو تہ ضروري آهي تہ اسان تيزي سان پنهنجي ٽرانسپورٽ سيڪٽر ۾ اي وي کي متعارف ڪرايون ۽ ٽو ويلرز ٿري ويلرز ۽ فور ويلرز کي مرحليوار برقي توانائي تي منتقل ڪيون ان حوالي سان حڪومت مختلف قدمن جو اعلان ڪيو آهي حڪومت اليڪٽرڪ موٽر سائيڪلن کي هٿي وٺائڻ لاءِ 80 هزار روپين تائين سبسڊي سميت مختلف مراعتون ڏنيون آهن جڏهن تہ هاڻوڪي بجيٽ ۾ اي وي گاڏين تي ڊيوٽيز ۾ بہ گهٽتائي ڪئي وئي آهي تہ جيئن انهن کي ملڪ ۾ وڌ کان وڌ متعارف ڪرائي سگهجي هن چيو هت پاڪستان پاور سيڪٽر ۾ 6 کان 8 هزار ميگاواٽ سولر انرجي ذريعي توانائي جو هڪ بفر پيدا ڪيو آهي هاڻي ضرورت آهي تہ درآمدي تيل تي گهٽ ڀاڙي ملڪي سطح تي پيدا ٿيندڙ بجلي کي ٽرانسپورٽ لاءِ استعمال ڪيو وڃي جڏهن تہ سمورين انڊسٽريز کي بہ چيو آهي ۽ حڪومت جي اڏام پاڪستان تحت واضح ترجيح آهي وفاقي وزير چيو تہ پاڪستان جو مستقبل اسان جي روانگي واپار جي صلاحيت تي ڀاڙي ٿو هن چيو تہ هاڻي پاڪستان ڪيٽ تي ٻڌل معيشت طرفان ڊالر ڪمائيندڙ معيشت طرف تيزي سان منتقل ٿيڻو پوندو احسن اقبال چيو تہ پاڪستان کي 2035ع تائين 100 ارب ڊالرن کان وڌيڪ روانگي واپار جو هدف حاصل ڪرڻو آهي ملڪ جي معاشي خودمختياري جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اسان پنهنجي روانگي واپار کي گهربل رفتار سان وڌائي سگهون ٿا يا نہ هر ڪاروباري شخص کي روانگي واپار ڪندڙ بڻجڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن چيو تہ حڪومت جي ترجيح آهي تہ پاليسين ۾ تسلسل آندو وڃي ۽ نجي شعبي کي روانگي واپار ۾ واڌ لاءِ ڀرپور معاونت فراهم ڪئي وڃي پاڪستان جي اي وي سيڪٽر ۾ بہ عالمي سطح تي نمايان مقام حاصل ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي جڏهن تہ موجوده روانگي واپار جو ڳاٽيلو گهٽ ۾ گهٽ 10 ڀيرا وڌائڻ جي ضرورت آهي وفاقي وزير ٽيڪس سڌارن جو ذڪر ڪندي چيو تہ ايف بي آر جي نظام کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي سڌارا ڪيا ويا آهن تہ جيئن ٽيڪسن جي اسيسمينٽ ۾ انساني مداخلت گهٽ کان گهٽ ٿئي ۽ مصنوعي ذهانت جي استعمال سان ٽيڪس نظام کي وڌيڪ شفاف بڻائي سگهجي ۽ وڏي حد تائين انهن شڪايتن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي هن چيو تہ پاڪستان جو ٽيڪس ٽو جي ڊي پي جي تناسب سان تقريبن ساڍا 9 سيڪڙو آهي جڏهن تہ ترقي ڪندڙ پاڙيسري ملڪن ۾ اها شرح 14 کان 16 سيڪڙو تائين آهي هن چيو تہ ٽيڪس چوري جو خاتمو ۽ ٽيڪس بيس کي وسيع ڪرڻ انتهائي اهم آهي، جيڪڏهن ٽيڪس چوري جاري رهندي ۽ اسان پنهنجي حصي جو ٽيڪس ادا نہ ڪنداسين تہ حڪومت وٽ ڪو بہ ذريعو ناهي تہ هو نوان نوان عوامي ترقياتي منصوبا شروع ڪري، جيڪي ماڻهو باقاعدگي سان ٽيڪس ادا ڪن ٿا اهي بدقسمتي سان انهن ماڻهن جو بار کڻي رهيا آهن جيڪي ٽيڪس چوري ڪن ٿا هن چيو تہ ٽيڪس ڏيندڙن کي حڪومت سان تعاون ڪندي ٽيڪس چوري جي نشاندهي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ٽيڪس بيس وڌيڪ وسيع ٿئي ۽ ٽيڪسن جي شرح ۽ عوام تي بار گهٽ ڪري سگهجي

[redacted]

دستي نائب جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر عرفان عزيز، ڊاڪٽر رضوانہ جبين، ڊاڪٽر ياسمين ۽ رياض احمد تي مشتمل هڪ وفد صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران وفد صوبائي وزير کي وفاقي اردو يونيورسٽي کي پيش ايندڙ انتظامي مسئلن ۽ ملازمن کي پگهارن جي ادائيگي ۾ دير ڪرڻ بابت آگاهي ڏني وفد صوبائي وزير کي درخواست ڪئي تہ هو يونيورسٽي جي مسئلن جي حل ۽ ملازمن کي پگهارن جي وقت تي ادائيگي جي سلسلي ۾ سندن موقف اعليٰ آفيسرن تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو وفد پاران پيش ڪيل مسئلن کي توجهہ سان ٻڌو ۽ يقين ڏياريو تہ هو يونيورسٽي جي مسئلن کي لاڳاپيل اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ ۽ انهن جي حل لاءِ ممڪن سهڪار ڪندو

[redacted]

چار ٻيا جوابدار اونداهيءَ جو فائدو وٺي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ڊڪڻ ضلعي پوليس جي ترجمان موجب، ڊيفنس جي علائقي قيوم آباد سي آر روڊ پرسان گشت دوران پوليس موٽر سائيڪل تي سوار ملزمن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو جنهن تي جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ محمد شان ولد الطاف زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ سندس ساٿي فخر ولد ظفر کي بہ فرار ٿيڻ جي ڪوشش دوران گرفتار ڪيو ويو ٻيون ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس جوابدارن جي قبضي مان 30 بور پسٽل، گوليون ۽ 125 سي سي موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي زخمي جوابدار کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ فرار ٿيل جوابدار جي ڳولا لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن هوڏانهن ڪياماڙي ضلعي جي اتحاد ٽائون ٿاڻي جي حدن قائم خاني ڪالوني قبرستان پرسان مبينا پوليس مقابلي دوران علي اعجاز ولد ذيشان زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ سندس ساٿي فرار ٿي ويو پوليس موجب جوابدار جي قبضي مان پسٽل، گوليون ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي، جڏهن تہ زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي ٻئي طرف اوير ضلعي جي سچل ٿاڻي جي حدن سپر هاءِ وي پنجاب بس اڏي پرسان مبينا پوليس مقابلي دوران شهراز ولد ويرو خان زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ سندس ساٿي فرار ٿي ويو پوليس جوابدار جي قبضي مان پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪري زخمي جوابدار کي اسپتال منتقل ڪيو جڏهن تہ وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي ان ڪانسواءِ شاهہ لطيف ٽائون پوليس قائد آباد پرسان ريڊيو پاڪستان گرائونڊ ويجهو موٽر سائيڪل تي سوار ٻن شڪي ماڻهن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو پر جوابدارن فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني ٻطرفي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 29 ورهين جو تنوير زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ سندس ساٿي قاسم شاهہ کي پڻ گرفتار ڪيو ويو پوليس جوابدارن جي قبضي مان هٿيار، روڪ رقم، موبائل فون ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

[redacted]

ازبڪستان جي پرڏيهي وزير بختيار سعيدوف سان ملاقات ڪئي جنهن دوران مختلف شعبن ۾ ٻہ طرفا سهڪار تي ٿيل اڳڀرائي تي ڳالهيون ڪيون ويون پرڏيهي کاتي مان جاري ڪيل بيان موجب ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ ازبڪستان وچ ۾ اسٽريٽجڪ شراڪتداري مضبوط بڻائڻ جو عزم ڪندي واپار سيڙپڪاري، علائقائي رابطن، توانائي، ثقافت ۽ عوامي سطح تي رابطن سميت مختلف شعبن ۾ ٻہ طرفا سهڪار تي ٿيل اڳڀرائي جو جائزو ورتو هنن اعليٰ سطح جي رابطن کي جاري رکڻ ۽ ٻنهي ملڪن جي ڪاروباري برادرين وچ ۾ ويجهي سهڪار کي هٿي وٺائڻ جي اهميت تي زور ڀريو ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن هلندڙ سال جي شروعات ۾ ازبڪستان جي صدر شوڪت مرزايوف جي پاڪستان جي ڪامياب دوري جو ذڪر ڪندي ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ ان دوري دوران طئي ٿيل مفاهمتن تي وقت سر عملدرآمد ذريعي عملي نتيجن ۾ تبديل ڪيو وڃي ڌرين علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون پرڏيهي وزير بختيار سعيدوف خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺائڻ لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوششن خاص ڪري اسلام آباد مفاهمتي يادداشت کي ممڪن بڻائڻ ۾ ان جي ڪردار جي تعريف ڪئي ٻنهي اڳواڻن ان اميد جو اظهار ڪيو تہ ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي پائيدار امن ۽ علائقائي استحڪام جي راهہ هموار ٿيندي هنن گڏيل رابطا جاري رکڻ تي پڻ اتفاق ڪيو

[redacted]

آهي وفاقي ڪابينا جي ڪميٽي جو اجلاس ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال، صحت واري سيڪريٽري ۽ ڊريپ جي عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران 52 نين رجسٽرڊ دوائن جي قيمتن جي منظوري ڏني وئي جن ۾ ڪينسر شوگر هيموفيليا ۽ پارڪنسن جي علاج لاءِ استعمال ٿيندڙ دوائون شامل آهن دوائن جي اگهن جي حتمي منظوري وفاقي ڪابينا ڏيندي، جنهن کانپوءِ ڊريپ باضابطا نوٽيفڪيشن جاري ڪندو نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ کانپوءِ چاڙهيل دوائون قانوني طور پاڪستان ۾ وڪرو ڪري سگهبيون منظور ٿيل دوائن ۾ ڪينسر جي جديد اميونوٿراپي دوا ڪي ٽروڊا پڻ شامل آهي جيڪا دنيا ۾ 20 کان وڌيڪ قسمن جي ڪينسر جي علاج لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي ان ڪانسواءِ منظور ٿيل دوائن ۾ نيوولوميب، ڊاساٽينيب، ميروپينيم ۽ انسولين بہ شامل آهن اجلاس دوران صحت واري وزارت مريضن کي پيش ايندڙ ڏکيائين کي نظر ۾ رکندي دوائن جي اگهن جي جلد منظوري، فيصلن ۾ شفافيت ۽ عوامي مفاد کي اوليت ڏيڻ تي زور ڏنو اختيارين موجب، منظوري ۾ دير سبب ڪيترائي مريض غير رجسٽرڊ، سمگل ٿيل ۽ مهانگيون درآمدي دوائون وٺڻ تي مجبور هئا، هن فيصلي سان معياري دوائن جي دستيابي بهتر ٿيندي ۽ غير قانوني سپلاءِ تي ڀاڙڻ ۾ گهٽتائي ايندي

[redacted]

ڪمال جي بيان تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي تہ سنڌ جي ورهاڱي جو راڳ آلاپيندڙن کي هاڻي سياسي اڪيلائي ۽ مايوسي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ملندو صوبائي وزير ناصر حسين شاهہ ايم ڪيو ايم اڳواڻن کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو تہ رستن تي اچڻ جو شوق رکندڙ پنهنجو شوق ضرور پورو ڪن موسم گرم آهي تہ پاڻي اسان پياري ڇڏينداسين مصطفيٰ ڪمال جي الزامن جو جواب ڏيندي هن سوال ڪيو تہ 18 سالن جو حساب گهرندڙ پهريان اهو ٻڌائين تہ هنن سياسي لانڊريءَ مان ڌوئي پاڪ ٿيڻ جو ڪيترو حساب ڏنو؟ ملڪ ۾ چار صوبا تہ سنڀالجي نہ پيا سگهجن ۽ ڪمال صاحب کي نئون صوبن جون پچڪاريون سجهي رهيون آهن ناصر حسين شاهہ سنڌ جو پئسو دبئي وڃڻ جي دعوائن کي رد ڪندي چيو تہ الزام تراشي ڪندڙ پهريان بهادر آباد جي فنڊن ۽ پنهنجي وفاقي وزارتن جو آڊٽ ڪرائين هن واضح ڪيو تہ سنڌ جو آئيني ۽ جاگرافيائي نقشو ڪنهن اڳواڻ جي ذاتي خواهش تي تبديل نٿو ٿي سگهي وفاق ۾ وزارتون وٺڻ لاءِ اسلام آباد جو طواف ڪندڙ ڪڏهن بہ سنڌ جا مخلص نٿا ٿي سگهن صوبائي وزير خالد مقبول صديقي تي تنقيد ڪندي چيو تہ هو پنهنجي پارٽي جي اندروني ڌڙي بندي ۽ ڌمڪين کي لڪائڻ لاءِ "صوبو ڪارڊ" کيڏي رهيو آهي "متروڪ زمين" جو فلسفو پيش ڪندڙن کي مشورو ڏيندي هن چيو تہ هو پهريان سنڌ اسيمبليءَ ۾ قانون سازي ۽ آئين جو مطالعو ڪن سنڌ ۾ رهندڙ هر شهري ان ڌرتيءَ جو وارث آهي هتي ڪا بہ زمين لاوارث يا متروڪ ناهي هن وڌيڪ چيو تہ اقتدار جا مزا ماڻيندڙ ايم ڪيو ايم کي اليڪشن ويجهو اچڻ سان ئي اوچتو حيدرآباد جا عوام ياد اچي ويا آهن صوبي جو مطالبو ڪندڙ بلدياتي ادارن ۾ پنهنجي ماضيءَ جي بدترين ڪارڪردگي جو حساب ڪڏهن ڏيندا؟ خالد مقبول صديقي جو اهو بيان ملڪي معيشت ۽ سنڌ جي پرامن ڪاروباري ماحول کي سبوتاژ ڪرڻ جي ڪوشش آهي، پر پيپلز پارٽي ڪوڪلن نعرن بدران ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ترقياتي ڪمن سان جواب ڏئي رهي آهي

[redacted]

ڪن ڏينهن جي برسات جي الرٽ کي نظر ۾ رکندي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيف منسٽر هائوس ۾ هڪ خاص برساتي ايمرجنسي ڊيسڪ قائم ڪئي آهي ۽ سمورن لاڳاپيل کاتن ۽ ضلعي انتظاميا کي هاءِ الرٽ تي رهڻ جي هدايت ڪئي آهي تہ جيئن سخت برسات سبب پيدا ٿيندڙ ڪنهن بہ ايمرجنسي صورتحال جو فوري جواب ڏئي سگهجي وڏي وزير چيو تہ شهرين جي حفاظت ۽ مال ملڪيت جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ سڄي صوبي ۾ سمورا ضروري احتياطي ايمرجنسي قدم کنيا ويا آهن عوام جي سهولت لاءِ برسات سان لاڳاپيل ايمرجنسيز جي رپورٽ ڪرڻ ۽ مدد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٽول فري هيلپ لائن (0800-91915) فعال ڪئي وئي آهي ان سان گڏوگڏ چيف منسٽر هائوس پبلڪ ڪمپلينٽ سيل جا نمبر 021-99207349، 021-99202047، ۽ 021-99207568 چوويهہ ڪلاڪ فعال رهندا. برساتي ايمرجنسي ڊيسڪ تي 24 ڪلاڪن جي بنياد تي شڪايتون وصول ڪرڻ، لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪرڻ ۽ وقتائتي ڪارروائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ خاص ٽيم مقرر ڪئي وئي آهي وڏي وزير مراد علي شاهہ سمورن مقامي حڪومتي ادارن، واٽر اينڊ سيوريج اٿارٽين ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي مڪمل طور تي متحرڪ رهڻ ۽ خاص ڪري هيٺانهين ۽ حساس علائقن ۾ نيڪالي جا اثرائتا انتظام يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي هن ٽريفڪ پوليس کي پڻ خاص هدايتون جاري ڪيون تہ برساتن دوران هڪ جامع ٽريفڪ مينيجمينٽ پلان لاڳو ڪيو وڃي، ٽريفڪ جي رواني کي يقيني بڻايو وڃي متبادل رستن جي سڃاڻپ ڪئي وڃي ۽ مسافرن کي وقتائتي معلومات فراهم ڪئي وڃي. وڏي وزير ضلعي پوليس آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ هو برسات جي متوقع سلسلي دوران ضلعي انتظاميا ۽ ٽريفڪ پوليس جي مدد ۾ سرگرمي سان شامل رهن ۽ ايمرجنسي جي صورت ۾ فوري جواب کي يقيني بڻائين مراد علي شاهہ چيو سمورن کاتن کي برساتن دوران ڪنهن بہ ايمرجنسي سان منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار رهڻ گهرجي انساني جانين ۽ مال ملڪيت جو تحفظ اسان جي سڀ کان اولين ترجيح آهي ۽ هر اداري کي پنهنجون ذميواريون انتهائي هوشياري ۽ ذميواري سان نڀائڻ گهرجن وڏي وزير شهرين کي پڻ گذارش ڪئي تہ هو برسات جي سلسلي دوران احتياط کان ڪم وٺن تيز برسات دوران غير ضروري سفر کان پاسو ڪن ۽ ڪنهن بہ ايمرجنسي صورتحال جي صورت ۾ فوري طور تي مقرر ڪيل هيلپ لائنز ذريعي رپورٽ ڪن سنڌ حڪومت مسلسل موسم جي صورتحال جي نگراني ڪري رهي آهي ۽ سمورن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي آهي تہ هو اڳڪٽي واري پوري عرصي دوران تياريون برقرار رکن تہ جيئن عوام کي ٿيندڙ تڪليف کي گهٽ ڪري سگهجي ۽ موسم سان لاڳاپيل ڪنهن بہ ايمرجنسي جو اثرائتو جواب ڏئي سگهجي

[redacted]

سڀني نوجوانن ۽ شاگردن کي دل جي گهراين سان واڌايون جن جمهوريت، آئين ۽ پنهنجي مستقبل جي تحفظ لاءِ روڊن تي نڪري ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو مون کي اوهان سڀني تي فخر آهي" راهول گانڌي وزيراعظم نريندر مودي کان مطالبو ڪيو تہ هو شاگردن کان معافي وٺي، جڏهن تہ حڪومت مظاهرين خلاف تشدد جا ذميوار ماڻهن خلاف فوري ڪارروائي ڪري واضح رهي تہ پيپر ليڪ معاملي تي نئين دهلي جي جنتر منتر تي لڳ ڀڳ ٻن مهينن کان احتجاج جاري هو جنهن دوران پوليس مظاهرين تي لاٺيازي ۽ واٽر ڪينن جو استعمال پڻ ڪيو جڏهن تہ ڪيترن ئي احتجاج ڪندڙن کي گرفتار بہ ڪيو ويو هو

[redacted]

ڪراچي کي بي آر ٽي ييلو لائين منصوبي ۾ مبينا طور ساڍا 8 ارب روپين جي اڳواٽ ادائيگين واري معاملي جي جاچ ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي نيب ذريعن جو چوڻ آهي تہ جاچ دوران بي آر ٽي ييلو لائين رٿا ۾ ڪيل ساڍا 8 ارب روپين جي اڳواٽ ادائيگين جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو جڏهن تہ اها بہ جاچ ڪئي ويندي تہ اڳواٽ ادائيگين ڪانپوءِ ڪهڙا ڪم مڪمل ڪيا ويا ۽ ڪهڙا رهجي ويا. ياد رهي تہ ٺيڪيدارن کي ساڍا 8 ارب روپين جي اڳواٽ ادائيگي ڪرڻ جي الزام هيٺ بي آر ٽي ييلو لائين ڪراچي جي اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي کي لاهور مان گرفتار ڪيو ويو هو

[redacted]

مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويل لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ عاقل واسي پاڪ فوج جي جوان شهيد تشڪيل احمد ميمڻ جو مڙهہ اباڻي ڳوٺ پهچايو ويو جتي سندس جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنهن ۾ پاڪ فوج جي آفيسرن جوانن وارثن ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پاڪ فوج جي دستي شهيد کي سلامي پيش ڪئي جڏهن تہ قومي جهنڊي ۾ ويڙهيل شهيد جي مڙهہ کي مڪمل فوجي اعزاز سان دفنايو ويو ان حوالي سان شهيد تشڪيل احمد ميمڻ جي وارثن جو چوڻ آهي تہ تشڪيل احمد ميمڻ وزيرستان جي علائقي ٽانڪ ۾ چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي حملي دوران بهادري سان مقابلو ڪندي شهيد ٿيو آهي تشڪيل احمد ميمڻ وطن جي خاطر پنهنجي جان قربان ڪئي سندس شهادت تي اسان کي فخر آهي جيڪڏهن پنهنجي ملڪ جي دفاع جي لاءِ ٻين جوانن جي جان جي قرباني ڏيڻي پئي تہ اسين ان کان بہ ڪونہ ڪيٻائينداسين

[redacted]

جي امير ڪاشف سعيد شيخ، جنرل سيڪريٽري محمد يوسف ۽ سيڪريٽري اطلاعات مجاهد چنا سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ جي صدر سردار ممتاز ڀٽو جي ننڍي ڀاءُ عاشق حسين ڀٽو جي وفات تي گهري ڏک ۽ رنج جو اظهار ڪندي مرحوم جي ڪامل مغفرت، درجات جي بلندي ۽ سموري خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي آهي

[redacted]

باني مرحوم خان بهادر عبدالعزيز عباسي جو پٽ هو مرحوم هڪ غير معمولي مهربان رحمدل ۽ باوقار انسان هو سندس وفات سان وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي سندس لاڏاڻي تي عباسي خاندان سميت سياسي سماجي ڌرين طرفان گهري ڏک جو اظهار ڪيو ويو

[redacted]

ڪائونسل ۽ وارڊ سطح تائين پارٽي جي تنظيم سازي مڪمل ڪئي وڃي هن چيو تہ ايندڙ عام چونڊن ۽ بلدياتي چونڊن لاءِ ڀرپور تياري ڪئي وڃي ۽ هر ٽڪ مان مضبوط، سرگرم ۽ عوامي اميدوار سامهون آندا ويندا هن اعلان ڪيو تہ سيپٽمبر دوران سنڌ جي سڀني ضلعن جا تنظيمي دورا ڪيا ويندا، جڏهن تہ ضلعي سطح تي ورڪرز ڪنوينشن ۽ تنظيمي اجلاس منعقد ڪري پارٽي کي هيٺين سطح تائين وڌيڪ فعال ۽ منظم بڻايو ويندو سيد صدرالدين شاهہ راشدي سنڌ حڪومت تي سخت تنقيد ڪندي چيو تہ بدترين نااهلي، ڪرپشن ۽ رشوت خوري سبب سنڌ جا سڀئي شعبا تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا آهن نااهل حڪمرانن صوبي جي زرخيز زمينن کي بنجر بڻائي ڇڏيو آهي سنڌ کي درياءَ سنڌ مان ان جو آئيني ۽ قانوني حصو نٿو ڏنو وڃي، جڏهن تہ وفاق ۽ سنڌ ۾ حڪمران عوامي مسئلن جي حل ۾ هڪجهڙي نموني ناڪام ثابت ٿيا آهن هن چيو تہ حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب وڌندڙ مهانگائي عام ماڻهو جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي هنن خيالن جو اظهار هن پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) سنڌ جي تنظيمي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ صوبائي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم، اسماعيل شاهہ، سيد شفقت شاهہ، وقار جت، جسٽس (ر) آفتاب گريڙو، يو سي چيئرمين ڪامران گريڙو، عبدالڪريم شر، غلام نبي منگريو، انور عظيم ارمان قياض، جمشيد خان، اسامہ جعفري ۽ مختلف ضلعن جي صدرن، جنرل سيڪريٽرين ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پارٽي جي تنظيم سازي، ايندڙ عام چونڊن ۽ بلدياتي چونڊن جي حڪمت عملي، عوامي رابطي جي مهم ۽ سنڌ کي درپيش سياسي، معاشي ۽ عوامي مسئلن تي تفصيلي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ سڀئي ضلعي تنظيمون مقرر مدي اندر تنظيم سازي مڪمل ڪري پنهنجي رپورٽ صوبائي قيادت کي پيش ڪنديون جڏهن تہ پارٽي جون سرگرميون هر يونين ڪائونسل ۽ وارڊ تائين وڌايون وينديون سيد صدرالدين شاهہ راشدي چيو تہ بلدياتي چونڊن ۾ مضبوط تياري ۽ واضح حڪمت عملي سان ميدان ۾ لهڻو پوندو اڌ تيتر اڌ بٽير واري پاليسي نہ هلندي هن هدايت ڪئي تہ عورتن کي پارٽي ۾ اثرائتو ڪردار ڏنو وڃي ۽ سندن تنظيم سازي تي خاص ڌيان ڏنو وڃي هن چيو تہ سياست رڳو نعرن سان نہ پر عوام جي اعتماد ۽ ووٽ جي طاقت سان هلندي آهي، تنهن ڪري ڪارڪن پنهنجن علائقن ۾ عوام سان مسلسل رابطو رکن ۽ سندن مسئلن جي حل لاءِ عملي ڪردار ادا ڪن هن چيو تہ سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي، شاهراهن تي ڌاڙيل راڄ قائم آهي عوام خاص طور اقليتي برادري جي جان ۽ مال محفوظ ناهي، جڏهن تہ حڪمران عوامي مسئلن کان لاتعلق ٿي صرف اقتدار بچائڻ ۾ مصروف آهن تعليم صحت، زراعت، آبپاشي ۽ ٻيا بنيادي شعبا زوال پذير ٿي چڪا آهن پر حڪمرانن جي ترجيح عوام نہ پر پنهنجن مفادن جو تحفظ آهي صدرالدين شاهہ راشدي چيو تہ سنڌ هن وقت سخت پاڻي جي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي وفاق سنڌ جي حصي جو پاڻي روڪي رهيو آهي جڏهن تہ صوبائي حڪومت هن اهم مسئلي تي سنجيده ڪردار ادا ڪرڻ بدران رڳو سياسي بيان ڏئي رهي آهي هن الزام هنيو تہ جن ماڻهن درياءَ سنڌ تي نون واهن جي منظوري ڏني اهي ئي اڄ عوام کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ احتجاج جو ڊرامو ڪري رهيا آهن عوام هاڻي انهن جون فنڪاريون ۽ اداڪاريون چڱيءَ ريت سمجهي چڪا آهن، تنهن ڪري اها نورا ڪشتي وڌيڪ نہ هلندي هن چيو تہ پير صاحب پاڳاري جو امن، رواداري ۽ عوامي خدمت جو پيغام سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو ويندو ڪارڪن مستقل مزاجي، اتحاد ۽ محنت سان پارٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻائين وقت سان حالتون تبديل ٿينديون آهن، تنهن ڪري هر ضلعي ۾ پارٽي آفيسن کي فعال بڻايو وڃي ۽ مناسب وقت تي چونڊ اميدوارن جو اعلان ڪيو ويندو اجلاس دوران ڪنڊيارو جي محمد خان جي مشهور سياسي ۽ سماجي شخصيتن پير احمد سعيد جان سرهندي، پير عاصم جان سرهندي، پير آغا عبدالرحمان جان سرهندي، پير جنيد جان سرهندي، پير احمد مدني جان سرهندي، عبدالحفيظ سليم ٽائون ڪائونسلر انور قريشي، رئيس مرتضيٰ خان لغاري، صدام پلي، راؤ غلام حسين راجپوت ۽ ٻين پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) ۾ شموليت جو اعلان ڪيو سيد صدرالدين شاهہ راشدي نون شامل ٿيندڙ اڳواڻن کي ڀليڪار ڪندي چيو تہ پارٽي جا دروازا عوامي خدمت جي جذبي سان ايندڙ هر شخص لاءِ کليل آهن ۽ انهن جي شموليت سان سنڌ ۾ پارٽي وڌيڪ مضبوط ٿيندي ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم چيو تہ اجلاس جو بنيادي مقصد پارٽي کي وارڊ سطح تائين فعال ۽ منظم بڻائڻ آهي هن هدايت ڪئي تہ سڀني ضلعن ۾ وارڊ سطح جي تنظيم سازي مڪمل ڪئي وڃي ۽ ڪارڪن عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن هن چيو تہ فنڪشنل ليگ سنڌ جي عوام جي آئيني، جمهوري ۽ معاشي حقن جي تحفظ لاءِ جي ڊي اي سان گڏجي پنهنجي جدوجهد جاري رکندي ۽ سنڌ کي درياءَ سنڌ مان ان جو جائز حق ڏيارڻ لاءِ هر فورم تي آواز بلند ڪندي رهندي

[redacted]

نيويارڪ جو چيئرمين عبدالغفار عباسي (ادا ابو) جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي تہ رب پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا ڪري (آمين)

[redacted]

بنياد تي 9.66 سيڪڙو وڌي وئي آهي پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس (پي بي ايس) موجب، گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ هلندڙ هفتي ايس پي آءِ ۾ بہ 0.91 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي سرڪاري انگن اکرن موجب، مهانگائي ۾ واڌ جو وڏو ڪارڻ ڀاڄين ۽ ٻين جلدي خراب ٿيندڙ خوراڪي شين جا وڌندڙ اگهہ ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لڳاتار واڌ آهي جنهن سبب ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا پڻ وڌي ويا آهن ساليانی بنياد تي بجلي جي اگهن ۾ 22.79 سيڪڙو آٽي جي قيمت ۾ 74.13 سيڪڙو ۽ ايل پي جي جي قيمت ۾ 46.87 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن تہ بصر ٽماٽا، پٽاٽا، ڳائي ۽ ٻڪري جي گوشت سميت ٻين ڪيترين ئي ضروري شين جون قيمتون پڻ وڌي ويون آهن اداري موجب، ٻارڻ جي مسلسل وڌندڙ اگهن نہ رڳو گهريلو بجيٽ تي واڌو بار وڌو آهي، پر ٽرانسپورٽ جا خرچ بہ نمايان حد تائين وڌي ويا آهن

[redacted]

پيو دوران لٺين ڪهاڙين ۽ خنجر جو آزاديءَ سان استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ 25 سالا نوجوان غلام عباس ولد اختر حسين واسواٿي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي دوڙ اسپتال نيو ويو جتي هو گهرن زخمن سبب فوت ٿي ويو واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف پکڙجي ويو ڌرين ۾ چڪتاڻ سبب دوڙ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال کي ڪنٽرول ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي

[redacted]

هسٽوريڪل اينڊ سوشل ريسرچ ڪراچي پاران منعقد ڪئي وئي

[redacted]

پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو پوليس موجب شارع فيصل پوليس کي ڳجهن ذريعن کان اطلاع مليو تہ ڏالميا ۾ اي اين پي ڪارڪن 30 ورهين جي عاصم جي قتل ۾ ملوث جوابدار پنهنجي ساٿي سميت گلستان جوهر جي علائقي رابعہ سٽي پرسان موجود آهي اطلاع تي پوليس ڪارروائي ڪئي تہ جوابدارن پوليس پارٽي تي فائرنگ ڪندي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي شارع فيصل ٿاڻي جي ايس ايڇ او امتياز حسين موجب پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ اياز عرف "ڪي ڪي" طور ٿي، جڏهن تہ سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن جي ڳولا لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن پوليس جو چوڻ آهي تہ مارجي ويل جوابدار جمعي ڏينهن ڏالميا ۾ عاصم نالي شخص کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو هو جنهن جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ سامهون آئي هئي پوليس مارجي ويل جوابدار جي قبضي مان هٿيار، گوليون، موبائل فون، موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي پوليس موجب قتل کان اڳ جوابدار شارع فيصل واري علائقي مان هڪ موٽر سائيڪل بہ ڦري هئي جيڪا پڻ سندس قبضي مان هٿ ڪئي وئي پوليس موجب اياز عرف ڪي ڪي عادي ڏوهاري هو ۽ سندس خلاف مختلف ٿاڻن تي قتل جي ڪوشش، ڦر ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جا ڪيترائي ڪيس داخل هئا پوليس جو چوڻ آهي تہ شروعاتي جاچ موجب جوابدار وٽان هٿ آيل هٿيار عاصم جي قتل ۾ استعمال ٿيڻ جو شڪ آهي، جڏهن تہ حتمي تصديق لاءِ هٿيار فرانزڪ جاچ خاطر ليبارٽري موڪليو ويو آهي رپورٽ اچڻ کانپوءِ ئي ان بابت حتمي راءِ قائم ڪئي ويندي ٻئي طرف عزيز ڀٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر انصر بٽ پڻ تصديق ڪئي آهي تہ مقابلي ۾ مارجي ويل اياز عرف ڪي ڪي ڏالميا ۾ عاصم جي قتل ۾ ملوث هو جڏهن تہ واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

[redacted]

اسمگلنگ جي روڪٿام واري سرڪل صدر پاسپورٽ آفيس ۾ ڪارروائي ڪندي پاسپورٽ آفيس جي ٻن اهلڪارن ۽ چئن ايجنٽن سميت ڇهن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ذريعن موجب گرفتار جوابدار مبينا طور ملي ڀڳت سان درخواستگذارن کان پاسپورٽ جي ڪارروائي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪرائڻ جي نالي ۾ رقم وصول ڪندا هئا. گرفتار اهلڪارن ۾ ڊيٽا انٽري آپريٽر اظهار الحق ۽ سپورٽ اسٽاف غلام شبير شامل آهن جڏهن تہ گرفتار ايجنٽن ۾ محمد سليمان، عدنان حيدر، طاهر عزيز ۽ انس شامل آهن شروعاتي جاچ موجب جوابدار پاسپورٽ آفيس ۾ موجود درخواستگذارن کان تيز رفتار ڪارروائي ڪرائڻ جي عيوض في درخواستگذار 2 هزار رپيا وصول ڪندا هئا ايف آءِ اي جوابدارن جي قبضي مان پاسپورٽ ٽوڪن مالي ڏيتي ليتي جا ثبوت، بئنڪ چالان، موبائل فون ۽ انهن ۾ موجود مختلف ويزائن ۽ قومي سڃاڻپ ڪارڊن جا اسڪرين شاٽ پڻ هٿ ڪري ورتا آهن ذريعن موجب جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ جاچ جاري آهي

[redacted]

ايمرجنسي ۾ گورهاري عورت کي ٽاٽو بولا خان علاج لاءِ اسپتال ڏانهن کڻي ايندڙ شهدا برادري جي ڪار تيز رفتاري سبب موڙ ڪاٽيندي بريڪ فيل ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڪار اونڌي کاهي ۾ ڪري ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي 2 عورتن ۽ هڪ ڏاڏي ڄاول ٻارڙي سميت ٽي ڄڻا فوت عورتن ۾ 25 ورهين جي گورهاري عورت نوازان زال جمن شهڪو 35 ورهين جي تاجل زال رسول بخش شهڪو ڏني تي فوت ٿي ويون گورهاري عورت جو ٻارڙو بہ فوت ٿي ويو جڏهن تہ 2 ڄڻا ڪار ڊرائيور مير برهماڻي ۽ جمن شهڪو سخت زخمي ٿي پيا فوتين ۽ زخمين کي تعلقا اسپتال ٽاٽو بولاخان آندو ويو جڏهن تہ فوتي عورتن جا لاش ضروري ڪارروائي کان پوءِ وارثن حوالي ڪيا ويا ٻي پاسي حادثي جي زخمين جي حالت سدرندڙ ٻڌائي پئي وڃي-

[redacted]

هندستان مان باهم چانس نہ پر باءِ چوائس آيا هئا. اهڙو اظهار هن ڪالهہ حيدرآباد شهر ۾ ڪوهہ نور چوڪ تي ايم ڪيو ايم جي ڪوٺايل عوامي جلسي جي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو تہ مهاجرن انگريزن سان وڙهي آزادي حاصل ڪري پاڪستان ناهيو آهي هاڻ پاڪستان اصل وارثن جي حوالي ڪيو وڃي هن چيو تہ نئون صوبو سنڌ کي ٽوڙي ناهيو ويندو نئين صوبي واري مطالبي تان هٽ نہ ڪنداسين هن چيو تہ حيدرآباد ايم ڪيو ايم جو شهر آهي هتان جي عوام فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي هن چيو تہ جي شهري علائقن تي 80 سيڪڙو مينڊيٽ اسان جو آهي جلسي کي سنڌ اسيمبلي جي اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي، ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي صابر قائمخاني، ايم پي اي ناصر قريشي، ايم پي اي راشد خان ۽ ٻين خطاب ڪيو

[redacted]

۾ وڌندڙ تڪرار تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي، وانگ يي چيو تہ اسلام آباد مفاهمت جي يادداشت خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ اهم قدم آهي ان کي برقرار رکڻ گهرجي ۽ ڳالهين جو عمل فوري طور تي ٻيهر شروع ڪيو وڃي هن چيو تہ چين پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جي ثالثي جي ڪوششن جي حمايت جاري رکندو ۽ آبنائي هرمز جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ پڻ ڪردار ادا ڪندو ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي تہ آمريڪا اسلام آباد مفاهمت جي يادداشت جي تحت جنگ بندي معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ۽ ايران جي اهم انفراسٽرڪچر تي حملو ڪيو آهي ۽ جنگي ڏوهن جو ارتڪاب ڪيو آهي هن چيو تہ ايران جي ڳالهين جي خواهش برقرار آهي ۽ تهران تڪرار کي وڌيڪ وڌائڻ نٿو چاهي عباس عراقچي زور ڏنو تہ موجوده نازڪ صورتحال ۾، ايران ۽ چين کي باهمي رابطي ۽ تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گهرجي اميد آهي تہ چين تڪرار گهٽائڻ ۽ صورتحال کي معمول تي آڻڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪندو رهندو

[redacted]

ڪارروائيون جاري آهن بلوچستان ۾ مستونگ جي علائقي ڪيڪوچهہ ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪامياب ڪارروائي ۾ فتنہ الخوارج کي مسلسل تباهيءَ جو منهن ڏسڻو پيو سيڪيورٽي ذريعن مطابق سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن العزم ۾ هاڻي تائين مارجي ويل دهشتگردن جو انگ 13 ٿي ويو آهي ڪارروائي دوران فتنہ الهندستان جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي تباهہ ڪيو ويو ۽ ڪامياب آپريشن دوران هٿيار بارود ۽ آءِ اي ڊي تيار ڪرڻ جو مواد بہ هٿ ڪيو ويو سيڪيورٽي ذريعن چيو تہ سيڪيورٽي فورسز جي اثرائتين ڪارروائين ۾ فتنہ الهندستان جا ڪيترائي دهشتگرد زخمي ٿيڻ جا بہ اطلاع آهن بلوچستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ امن امان جي قيام تائين سيڪيورٽي فورسز جون مسلسل ڪارروائيون جاري رهنديون

[redacted]

آمريڪا انهي سان نيوڪليئر ڊيل نہ ڪندو اوول آفيس ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي ٽرمپ چيو تہ سعودي عرب کي ابراهيم معاهدي جو حصو بنجڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ ايٽمي تعاون جو معاهدو ممڪن نہ ٿيندو ايران بابت سوال تي آمريڪي صدر چيو تہ اسان اڃان تائين ايران تي وڏا حملا ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو حتمي فيصلو نہ ڪيو آهي چو تہ تهران سان جاري ڳالهين ۾ ايراني اختياريون اڳ جي مقابلي ۾ وڌيڪ سنجيدگي جو مظاهرو ڪري رهيون آهن هن چيو تہ هن وقت اسان جون انهي سان ڳالهيون جاري آهن منهنجو خيال آهي تہ هو هر گذرندڙ ڏينهن سان گڏ وڌيڪ سنجيده ٿيندا پيا وڃن شايد انهي جو سبب سڀني کي خبر آهي ياد رهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ صدر ٽرمپ سعودي عرب سان ايٽمي پروگرام جي معاهدي جي منظوري ڏني هئي پر انهي تي عمل ڪرڻ جي لاءِ آمريڪي ڪانگريس جي منظوري ضروري آهي ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا بيان ۾ چيو تہ آمريڪا ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ گڏيل سول ايٽمي معاهدي ۾ يورينيم تيار ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي ۽ اهو پروگرام صرف پرامن، غير فوجي مقصدن جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هن اها ڳالهہ بہ واضح ڪئي هئي تہ انهي معاهدي جو بنيادي شرط سعودي عرب جي ابراهيمي معاهدي ۾ شموليت هوندي

[redacted]

مرڪز بهادر آباد جو دورو ڪيو وفد جي اڳواڻي مسلم ليگ(ن) سنڌ جو صدر بشير ميمڻ ڪري رهيو هو وفد ۾ وفاقي وزير راڻديون ڪيٽل داس ڪوهستاني ۽ اميدوار نعيم الحق بہ شامل هئا (ن) ليگي وفد ايم ڪيو ايم اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار، امين الحق، شبير قائمخاني سميت ٻئي قيادت سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ آزاد ڪشمير چونڊن، سنڌ جي سياسي صورتحال، ايم ڪيو ايم ۽ (ن) ليگ جي لاڳاپن ۽ ورڪنگ رليشن شپ تي ڳالهيون ٿيون مسلم ليگ(ن) جي وفد ايم ڪيو ايم قيادت سان هڪ دفعو ٻيهر آزاد ڪشمير چونڊن ۾ حمايت جي درخواست ڪئي ن ليگ جي وفد جي درخواست تي ايم ڪيو ايم پاڪستان آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ ن ليگ جي حمايت جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ جو اعلان ڪيو

عبرت [redacted]

۾ پائليٽ وقت تي اجيڪٽ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ محفوظ رهيو پرڏيهي ميڊيا مطابق روسي دفاع واري وزارت ٻڌايو تہ حادثي وقت جهاز ۾ ڪو بہ هٿيار يا ٻيو سامان موجود نہ هو جهاز غير آباد علائقي ۾ ڪرڻ سبب زمين تي ڪنهن قسم جو جاني يا مالي نقصان ناهي ٿيو وزارت مطابق پائليٽ حادثي ۾ محفوظ رهيو شروعاتي جاچ مطابق جهاز حادثي جو امڪاني سبب فني خرابي قرار ڏنو ويو آهي جڏهن تہ واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

عبرت [redacted]

عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، جيڪا وزيراعظم نريندر مودي فوري طور قبول ڪري ورتي ڌرميندر پرڌان سوشل ميڊيا تي پنهنجي استعيفيٰ جو اعلان ڪندي چيو تہ هو گذريل ڇهن ڏهاڪن کان تعليم ۽ شاگردن جي بهتري لاءِ ڪم ڪندو رهيو آهي ۽ مضبوط تعليمي نظام کي مضبوط قوم جي بنياد سمجهي ٿو هن چيو تہ مئي 2026ع ۾ ٿيل نيٽ امتحان ۾ بي ضابطگيون سامهون اچڻ کانپوءِ حڪومت ٽرت معاملي جي جاچ سي بي آءِ حوالي ڪئي، امتحان رد ڪيو ويو ۽ ٻيهر امتحان وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو هن چيو تہ حڪومت جي ڪوشش رهي تہ ڪنهن بہ قابل شاگرد جو مستقبل امتحاني مافيا سبب متاثر نہ ٿئي ۽ ڪنهن سان بہ ناانصافي نہ ڪئي وڃي. ڌرميندر پرڌان موجب، 16 جولاءِ تي جاري ڪيل امتحاني نتيجا اطمينان جوڳا رهيا، پر ان باوجود ڪجهہ ماڻهن نوجوانن کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي کيس ڏک رسيو ڌرميندر پرڌان چيو تہ نوجوان ملڪ جو مستقبل آهن هو نٿو چاهي تہ ملڪ ۾ پيدا ٿيل صورتحال مان ملڪ دشمن قوتون فائدو وٺن يا ڪنهن بہ شاگرد جو مستقبل قانوني پيچيدگين جو شڪار ٿئي تنهن ڪري هن وزيراعظم کي پنهنجو استعيفيٰ موڪلي ڇڏي آهي ٻئي پاسي احتجاج ڪندڙ تنظيم "ڪاڪروچ جنتا پارٽي" جي ترجمان دعويٰ ڪئي آهي تہ حڪومت سندن مطالبا لکت ۾ مڃي ورتا آهن جنهن ڪانپوءِ هو احتجاج ختم ڪندا جڏهن تہ اڄ تي سڄي ملڪ ۾ پرامن مشعل بردار ريليون پڻ ڪڍيون وينديون واضح رهي تہ پيپر ليڪ معاملي تي نئين دهلي جي جنتر منتر تي لڳ ڀڳ ٻن مهينن کان احتجاج جاري هو جنهن دوران پوليس مظاهرين تي لاٺيازي، واٽر ڪينن جو استعمال پڻ ڪيو جڏهن تہ ڪيترن ئي احتجاج ڪندڙن کي گرفتار بہ ڪيو ويو هو

[redacted]

تہ هو وزيراعظم هائوس جي ڇهين ماڙ تي پنهنجي آفيس مان ذميواريون نڀائيندو ذريعن جو چوڻ آهي تہ حمزا شهباز پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي سان لاڳاپيل معاملن تي بہ نظر رکندو جڏهن تہ پارٽي ڪارڪنن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي پڻ جوڙيندا پارٽي ذريعن موجب، حمزا شهباز سومر کان باضابطا طور پنهنجي آفيس ذميوارين جي شروعات ڪندو

[redacted]

مضبوط بڻائي سگهجي ۽ روينيو گڏ ڪرڻ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ۽ آفتن کان پوءِ گهرن جي ٻيهر تعمير ۾ سنڌ جي ڪامياب تجربن کي شيئر ڪري سگهجي هن اجلاس جو بنيادي مقصد گلگت بلتستان جي حڪومت کي جديد روينيو اٿارٽي قائم ڪري پنهنجي ذريعن مان روينيو گڏ ڪرڻ کي وڌائڻ، پي پي پي منصوبن ذريعي انفراسٽرڪچر ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي کي تيز ڪرڻ ۽ سنڌ جي عالمي سطح تي مڃيل ٻوڏ کي منهن ڏيندڙ هائوسنگ پروگرام کي اتي لاڳو ڪرڻ بابت اسٽريٽجڪ رهنمائي فراهم ڪرڻ هو وڏي وزير مراد علي شاهہ چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کيس هدايت ڪئي

[redacted]

مطابق ضلعي ايمرجنسي عملدارن ٻڌايو تہ حادثي جي فوري بعد مقامي پوليس، فائر فائٽرز ۽ طبي امدادي ٽيمن ريسڪيو آپريشن شروع ڪري ڇڏيس ڪارروائي دوران ملبي هيٺان دٻيل سمورن 8 ماڻهن کي ٻاهر ڪڍيو ويو جن مان 5 ماڻهو موقعي تي ئي فوت ٿي چڪا هئا جڏهن تہ 3 زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي انهن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي

[redacted]

لاهور انٽر بورڊز ڪوآرڊينيشن ڪميشن لاهور آفيس ٻاهران ڪيل ڪارروائي دوران 7 ايجنٽ گرفتار ڪيا، جوابدار شهرين کان آءِ بي سي سي مان ڪاغذن جي فوري تصديق ڪرائڻ جي نالي تي غير قانوني طور تي اضافي رقم وٺي رهيا هئا. ترجمان موجب گرفتار ڪيل جوابدارن کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

"روزاني عبرت" 3[redacted]

مدرسن ۾ شاگردن جي صحت ۽ حفاظتي اسڪريننگ جي خصوصي مهم ڪاميابي سان مڪمل ڪئي وئي آهي مهم دوران سڄي سنڌ جي مختلف مدرسن ۾ مجموعي طور تي 2,132 شاگردن جي ايڇ آءِ وي اسڪريننگ ڪئي وئي صحت کاتي جي عملدارن موجب، هن جامع اسڪريننگ مهم جو بنيادي مقصد شاگردن جي بهتر صحت ۽ نشوونما کي يقيني بڻائڻ ۽ ڪنهن بہ ممڪن وبائي مرض جي وقت سر روڪٿام ڪرڻ هو اسڪريننگ جي تفصيلي نتيجن بعد اها خوشي جي ڳالهہ سامهون آئي آهي تہ مدرسن ۾ ايڇ آءِ وي ۽ هيپاٽائيٽس جي ڪا بہ بيماري موجود ناهي، جيڪا هڪ انتهائي اطمينان بخش ڳالهہ آهي سي ڊي سي ون ايڇ آءِ وي پروگرام جي انتظاميا سڄي سنڌ جي سمورن مدرسن جي انتظاميا، استادن ۽ سرپرستن جو دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪيو آهي جن شاگردن جي ڀلائي، سلامتي ۽ بهتر مستقبل لاءِ صحت کاتي جي ٽيمن سان ڀرپور ۽ مڪمل سهڪار ڪيو صحت کاتي ان عزم کي ورجايو آهي تہ صوبي جي سمورن ٻارن ۽ شهرين کي صحت مند ۽ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ هن قسم جي احتياطي ۽ حفاظتي مهمن جو سلسلو بغير ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهندو

"روزاني عبرت" 3[redacted]

رهي. فلڊ فورڪاسٽنگ ڊويزن موجب، قادرآباد بئراج تي پاڻيءَ جو وهڪرو هڪ لک 88 هزار ڪيوسڪ، خانڪي وٽ هڪ لک 92 هزار ڪيوسڪ جڏهن تہ چنيوٽ وٽ هڪ لک 70 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي سنڌ درياهہ ۾ پاڻيءَ جي سطح ۾ واڌ ڏٺي وئي آهي، جڏهن تہ چشما بئراج تي پاڻيءَ جو وهڪرو 3 لک 50 هزار ڪيوسڪ، ڪالا باغ وٽ 3 لک 33 هزار ڪيوسڪ ۽ تونسا بئراج تي 3 لک 13 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو هوڏانهن راوي ۽ ستلج درياهہ ۾ اڃا بہ گهٽ درجي واري ٻوڏ واري صورتحال برقرار آهي ان ڪانسواءِ بلوڪي وٽ 87 هزار ڪيوسڪ ۽ سڌنائي وٽ 53 هزار ڪيوسڪ پاڻيءَ جو وهڪرو رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن تہ تربيلا ۽ منگلا ڊيم ۾ پاڻيءَ جي سطح وڌيڪ بلند ٿي وئي آهي

[redacted]

سامهون اچڻ شرط دهلي جي مرڪزي احتجاجي هنڌ تي ڪاڪروچ جنتا پارٽي (سي جي پي) جي ڪارڪنن طرفان وڏي پيماني تي جشن ملهايو ويو ان موقعي تي سي جي پي جي باني صدر ابيجيت ڊيپڪي جذباتي انداز ۾ عارضي اسٽيج تان خطاب ڪندي چيو تہ "اسان اهو ڪري ڏيکاريوسين" ابيجيت ڊيپڪي چيو تہ "ڌرميندر پرڌان جي استعيفيٰ سبب مون کي هيرو نہ بڻايو هڪ شخص کي هيرو بڻائڻ سبب ئي ملڪ کي نقصان پهتو آهي" هن تحريڪ جي ڪاميابي ۾ ساٿ ڏيندڙ سڀني ماڻهن جا ٿورا مڃيا، جڏهن تہ خاص ڪري انهن شاگردن جو ذڪر ڪيو جيڪي سماجي اڳواڻ سونم وانگچڪ سان گڏ ڪيترن ئي هفتن تائين بک هڙتال ڪئي ابيجيت ڊيپڪي پارٽي وزيراعظم نريندر مودي کي مخاطب ٿيندي چيو "مودي جي! صبح ٿي وئي آهي ماسون ڀارت ۾ جمهوريت جي صبح ٿي وئي آهي" هن چيو تہ نيٽ پيپر ليڪ معاملي تي شروع ٿيل تحريڪ ۾ حڪومت جي پهرين وڪيٽ ڪري پئي آهي پر هي تحريڪ هتي ختم نہ ٿيندي، هي تہ رڳو شروعات آهي ابيجيت ڊيپڪي احتجاج ۾ شرڪت ڪندڙن ۽ تحريڪ جي حمايت ڪندڙن جا ٿورا مڃيندي چيو" هن تحريڪ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ توهان سڀني جي مهرباني، توهان پوليس جون لٺيون، ڳوڙها آڻيندڙ گيس ۽ تشدد برداشت ڪيو پر پنهنجي ارادن تي ثابت قدم رهيا، ان لاءِ اوهان سڀني جا ٿورائتا آهيون" ان کانپوءِ ايڪس تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ ابيجيت ڊيپڪي چيو" هي تحريڪ اڃا ختم ناهي ٿي" ڊيپڪي مطالبو ڪيو تہ داخلا امتحان رد ٿيڻ ڪانپوءِ آپگهات ڪندڙ شاگردن جي وارثن کي مناسب معاوضو ڏنو وڃي ۽ واضح ڪيو تہ سندن تنظيم ان مطالبي تان هرگز هٽ نہ ڪندي هن 20 جولاءِ تي پارليامينٽ ڏانهن مارچ ڪندڙ هزارين سي جي پي حامين خلاف ڪارروائي دوران پوليس تي مظاهرين خلاف ضرورت کان وڌيڪ طاقت استعمال ڪرڻ جو الزام بہ ورجايو ۽ لاڳاپيل پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ياد رهي تہ پيپر ليڪ معاملي تي نئين دهلي جي جنتر منتر

حيدر آباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني

HESCO

بين الاقوامي مسابقتي آڇ (ICB) جي تحت

آڇون وصول ڪرڻ جو (RFP) ٽينڊر نوٽيس

1. حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (HESCO)، اليڪٽرانڪ پاڪستان اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (E-PADS) جي ذريعي هڪ مرحلي تي ٻہ لفافي طريقيڪار جي تحت بين الاقوامي مسابقتي آڇ (International Bidding Competitive-ICB) جي بنياد تي پروجيڪٽ "حيسڪو جي ٽرانسميشن ۽ ڊسٽريبيوشن (T&D) جي ٽيڪنيڪي لائين لاسز جي مطالعي ۽ تشخيص" لاءِ بين الاقوامي ڪنسلٽنٽ ڪنسورشيم فرم جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي مقصد سان اليڪٽرانڪ درخواست براءِ تجويز (RFP) طلب ڪري ٿي. صرف اهي فارم درخواست ڏيڻ جا اهل هوندا جيڪي E-PADS تي رجسٽرڊ هجن، پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) جي 2026-2027 لاءِ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ ڪارآمد لائسنس رکندا هجن، صوبائي سيلز ٽيڪس (PST) سنڌ ۾ رجسٽرڊ هجن ۽ فيڊرل بورڊ آف ريونيو (FBR) جي ايڪٽو ٽيڪس پيئرز لسٽ (ATL) ۾ شامل هجن.
2. درخواست براءِ تجويز (RFP) واري دستاويزات، جن ۾ شرط ۽ ضابطا، خريداري جو طريقيڪار، بڊ سيڪيورٽي، آڇ جو مدو، ٽيڪنيڪي تفصيل، گهربل تقاضائون ۽ ٻي لاڳاپيل ڄاڻ شامل آهي، E-PADS تي رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙ https://eprocure.gov.pk تان بغير ڪنهن معاوضي جي ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا.
3. سڀئي اليڪٽرانڪ آڇون (E-Bids) مقرر تاريخ ۽ وقت تائين صرف E-PADS جي ذريعي جمع ڪرايون وڃن. هٿ سان (Manual) ڏنل آڇون قابل قبول نہ هونديون. اليڪٽرانڪ آڇون مقرر تاريخ ۽ وقت تي مئنيجر (MM)، حيسڪو هيڊ ڪوارٽر، حيدرآباد جي دفتر ۾ عوامي طور تي انهن آڇ ڏيندڙن يا انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون جيڪي ان موقعي تي شرڪت ڪرڻ چاهين.
4. هر اليڪٽرانڪ آڇ سان گڏ اصل بڊ سيڪيورٽي (Bid Security) لازمًا منسلڪ هجڻ ضروري آهي، جيئن تہ RFP / واڪ دستاويزات ۾ ڏنل آهي، جيڪا چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (CEO) حيسڪو، حيدرآباد جي نالي ڪال ڊپازٽ رسيد (CDR) يا بئنڪ گارنٽي جي شڪل ۾ پاڪستان جي ڪنهن بہ شيڊولڊ بئنڪ مان حاصل ڪيل هجي، ۽ مقرر آخري تاريخ کان اڳ جمع ڪرائڻ ضروري آهي. ٻي صورت ۾ لاڳاپيل آڇ کي غير ذميوار (Non-Responsive) تصور ڪندي مسترد ڪيو ويندو
5. آڇ جو ڪارآمدي مدو (Bid Validity) جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان 120 ڏينهن هوندو
6. پري بڊ اجلاس (Pre-Bid Meeting) تاريخ 18 آگسٽ 2026 اڱارو ڏينهن صبح جو 11:00 وڳي، چيف انجنيئر (P&E)، حيسڪو جي دفتر، ڪمري نمبر 220، ٻي منزل، واپڊا آفيسر ڪمپليڪس، حسين آباد، حيدرآباد ۾ منعقد ٿيندو
7. حيسڪو کي اهو اختيار حاصل هوندو تہ هو پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (PPRA) رولز 2004 جي رول 33(1) (تاحال ترميم سميت) جي مطابق ڪنهن بہ يا سڀني آڇن کي رد ڪري سگهي.
8. هي اشتهار پي پي آر اي (PPRA) ۽ حيسڪو (HESCO) جي ويب سائيٽس تي بہ دستياب آهي

چيف انجنيئر (پلاننگ اينڊ انجنيئرنگ)

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (HESCO) ڪمرو نمبر 220، سيڪنڊ فلور، واپڊا آفيسر ڪمپليڪس، حيدرآباد

دفتر نمبر: 9260197 | فيڪس نمبر: 9260361 اي ميل: pk.gov.cep@hesco

PID (K) 19/2026

عبرت سنسار
IBRAT SANSAR
سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 26 جولاءِ 2026ع

آمريڪا-ايران ٽڪراءُ، عالمي سياست، معيشت ۽ امن جا چئلينج

فريد احمد

وچ اوڀر جي سياسي ۽ جاگرافيائي صورتحال هن وقت پنهنجي انتهائي نازڪ دور مان گذري رهي آهي. آمريڪا ۽ اسلامي جمهوريہ ايران جي وچ ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان جاري اڻ سڌي ڇڪتاڻ ۽ هٿ ٺوڪيل جنگيون هاڻي کليل ۽ سڌي فوجي ٽڪراءَ جي صورت اختيار ڪري چڪيون آهن.

ٻنهي طرفن کان جاري شديد هوائي حملن، بيلسٽڪ ميزائلن جي استعمال، ڊرون ڪارروائين ۽ سامونڊي واپاري رستن کي درپيش خطرن هن تڪرار کي صرف ٻن ملڪن تائين محدود ناهي رکيو، پر ان جا اثر فارس جي نار، يورپ، ايشيا ۽ خاص طور ڏکڻ ايشيائي خطي تي تيزيءَ سان پئجي رهيا آهن.

هن بحران جتي عالمي طاقتن وچ ۾ سفارتي ڇڪتاڻ وڌائي آهي، اتي دنيا جي توانائي مارڪيٽن ۽ عالمي رسدي تسلسل کي بہ متاثر ڪيو آهي.

فوجي لحاظ کان ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جي صلاحيتن کي مفلوج ڪرڻ جي حڪمت عمليءَ تي عمل پيرا آهن. آمريڪا ۽ ان جي اتحادين پاران پينٽاگون ۽ سينٽرل ڪمانڊ (CENTCOM) جي نگرانيءَ ۾ ايران جي اندر ۽ خطي ۾ قائم فوجي ڪمانڊ سينٽرن، هوائي دفاعي نظامن ۽ ڊرون توڙي ميزائل لانچنگ سائيٽن کي نشانو بڻايو پيو وڃي.

جواب ۾ ايران طرفان خطي ۾ جي ملڪن ڪويت، بحرين، اردن، عراق ۽ شام ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن کي ميزائلن ۽ ڊرونز سان حملا ڪرڻ جون رپورٽون اينديون رهن ٿيون. ان کان سواءِ، ٻنهي ڌرين وچ ۾ روايتي هٿيارن سان گڏ سائبر وارفيئر ۽ مواصلاتي نظام کي متاثر ڪرڻ جهڙا جديد حربا بہ استعمال ڪيا پيا وڃن. جنهن سان ڇڪتاڻ ۾ لڳاتار واڌارو ٿي رهيو آهي. هن بحران جو سڀ کان گهڻو دٻاءُ نار وارن ملڪن تي پئجي رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي هڪ طرف علائقائي سلامتيءَ جي خدشن کي منهن ڏئي رهيا آهن، تہ ٻئي طرف پنهنجي معاشي منصوبن جي تسلسل کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. گذريل ڪجهه سالن ۾ نار وارن ملڪن پنهنجي معيشتن کي رڳو تيل تي ڀاڙڻ بدران سياحت، ٽيڪنالاجي، سيڙپڪاري ۽ بنيادي ڍانچي جي ترقيءَ ڏانهن وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر موجوده جنگي ڇڪتاڻ انهن معاشي منصوبن لاءِ نوان خطرا پيدا ڪري رهي آهي. جيتوڻيڪ نار وارن ملڪن پنهنجي هوائي ۽ سامونڊي حدن جي پرسان ٿيندڙ حملن تي ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي، پر سندن پاليسي اها رهي آهي تہ پاڻ کي سڌي فوجي ٽڪراءَ کان پري رکيو وڃي ۽ سفارتي ذريعن سان ڇڪتاڻ گهٽائڻ جون ڪوششون جاري رکيون وڃن.

يورپي ملڪ بہ ان خدشي سبب بين الاقوامي سطح تي سرگرم ٿيا آهن تہ هن تڪرار سبب توانائيءَ جو عالمي بحران پيدا سگهي ٿو ۽ روم سمنڊ رستي يورپ ڏانهن پناهگيرن جي نئين لهر وڌي سگهي ٿي. يورپ جو زور ان ڳالهه تي آهي تہ هرمز جهڙا اهم واپاري لنگه محفوظ ۽ کليل رهن، ڇاڪاڻ تہ انهن رستن جي سلامتي عالمي واپار ۽ توانائيءَ جي فراهميءَ لاءِ انتهائي اهم آهي. ٻئي طرف، روس ۽ چين جون نظرون بہ هن صورتحال تي آهن، ڇاڪاڻ تہ خطي جو استحڪام سندن واپاري ۽ اقتصادي مفادن سان لاڳاپيل آهي. ٻنهي ملڪن ڳالهين ۽ سفارتي حل تي زور ڏنو آهي، جڏهن تہ آمريڪي عملدارن طرفان ايران کي روس ۽ چين کان فوجي مدد ملڻ بابت خدشا پڻ ظاهر ڪيا ويا آهن. وچ اوڀر ۾ سلامتيءَ واري خراب صورتحال دنيا جي معيشت تي سڌا ۽ گهرا اثر وڌا آهن. ان جو وڏو سبب اهو آهي تہ دنيا جي توانائيءَ جي فراهميءَ جو هڪ وڏو حصو هن خطي جي سامونڊي رستن سان ڳنڍيل آهي.

هرمز لنگهہ ۽ علائقي ۾ ڇڪتاڻ سبب خام تيل جي قيمتن بابت غير يقيني صورتحال وڌي وئي آهي. ان سان گڏ سامونڊي آمدرفت جو نظام بہ متاثر ٿيو آهي. واپاري جهازن لاءِ خطرن سبب انشورنس خرچ وڌي سگهن ٿا، جنهن جو اثر واپاري خرچن ۽ شين جي قيمتن تي پئجي سگهي ٿو. هن بحران جا اثر ڏکڻ ايشيا تائين بہ پهچي رهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ پاڪستان، ڀارت ۽ بنگلاديش جهڙا ملڪ پنهنجي توانائيءَ جي ضرورتن، واپاري سرگرمين ۽ سامونڊي رسدي رستن جي حوالي سان وچ اوڀر سان ويجها لاڳاپيل آهن.

پاڪستان لاءِ صورتحال خاص اهميت رکي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هڪ طرف ايران سان ان جي ڊگهي سرحد آهي، جڏهن تہ ٻئي طرف نار وارن ملڪن سان ان جا گهرا معاشي ۽ انساني لاڳاپا آهن. خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ پاڪستان لاءِ سلامتي، توانائيءَ جي فراهمي ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ لکين پاڪستانين جي تحفظ بابت نوان خدشا پيدا ڪري سگهي ٿي. پاڪستان جي پاليسي روايتي طور اها رهي آهي تہ علائقائي تڪرارن جو حل ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ وسيلي ڳوليو وڃي، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ وڏي عسڪري ڇڪتاڻ جا اثر سڄي خطي جي امن ۽ معيشت تي پئجي سگهن ٿا. موجوده صورتحال ۾ پاڪستان لاءِ سپ کان وڏو چيلينج اهو آهي تہ هو پنهنجي علائقائي سلامتيءَ جي خدشن، معاشي ضرورتن ۽ مختلف عالمي طاقتن سان لاڳاپن ۾ توازن برقرار رکي.

وچ اوڀر جي بحران سبب توانائيءَ جي فراهمي، سامونڊي واپار ۽ هوائي اڄ وچ جا شعبا متاثر ٿي رهيا آهن، جنهن سان ٻارڻ، ٽرانسپورٽ خرچ ۽ عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ واڌ جا خدشا وڌي رهيا آهن. خام تيل ۽ قدرتي گئس جي فراهميءَ ۾ رڪاوٽن بہ وڏي رنڊڪ جو اثر عالمي مهانگائي ۽ معاشي سست رفتاريءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿو.

موجوده صورتحال کي ڏسندي بين الاقوامي ماهر خدشا ظاهر ڪن ٿا تہ ايندڙ ڪجهه وقت ۾ توانائي جو بحران پيدا ٿي سگهي ٿو جنهنجا آمريڪا، اسرائيل، برطانيا، ڀارت، روس، چين ۽ پاڪستان جهڙن ملڪن جي داخلي سياست تي بہ اثر ظاهر ٿي سگهن ٿا.

ايران تي گذريل 14 ڏينهن کان لڳاتار حملا ۽ ايران طرفان جواب ۾ خطي مان آمريڪا جي اڏن ۽ ٻين فوجي ٽڪاڻن تي حملا ڪري انهن کي جهڙوڪ ناقابل استعمال بنائڻ ۽ درست نشانن سان، آمريڪي ايجنسين جي مرڪزن ۽ ڪمپنين کي نشانون بنائڻ، ٽاماهاڪ ميزائلن ۽ خاص ڊرونز کي ناڪارا بنائي ڪيرائڻ، پيٽريات دفاعي نظام کي شڪست ڏيڻ بعد آمريڪا طرفان هڪ ڀيرو وري جنگبندي لاءِ ڪوششون شروع پڻ ڪيون ويون آهن تہ جيئن وچ اوڀر جي ان بحران کي وڌيڪ سنگين ٿيڻ کان بچي سگهجي. اهو بحران رڳو هڪ علائقائي عسڪري تڪرار ناهي، پر ان جا اثر عالمي سياست، توانائيءَ جي فراهمي، واپاري رستن ۽ معاشي استحڪام تائين پهچي رهيا آهن. طاقت جي استعمال سان تڪرار وڌيڪ پيچيده ٿيندا، جڏهن تہ پائيدار حل لاءِ سفارتڪاري، ڳالهين ۽ علائقائي سهڪار جي وري ضرورت پوندي. عالمي برادري لاءِ سپ کان وڏو چيلينج اهو آهي تہ ڇڪتاڻ وڌڻ کان روڪيو وڃي، اهم واپاري ۽ توانائيءَ جا رستا محفوظ رکيا وڃن ۽ اهڙو سياسي رستو ڳوليو وڃي، جيڪو خطي ۾ امن ۽ عالمي معاشي استحڪام کي هٿي ڏئي سگهي.

ڀارت ۾ نئين نسل جي نئين مزاحمتي لهر: "ڪاڪروچ جنتا پارٽي" کان اقتدار جي احتساب تائين

محمد علي ناريجو

ڀارت ۾ 'Gen Z_نوجوان نسل' جي هڪ غير معمولي ۽ نئين طرز واري مزاحمتي لهر هن وقت سياسي ۽ سماجي بحث جو مرڪز بڻيل آهي. 'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' نالي هي طنزيہ تحريڪ، جيڪا شروعات ۾ سوشل ميڊيا تي هڪ مزاحيہ مهم طور سامهون آئي، آهستي آهستي نوجوانن جي ناراضگي، تعليمي نظام بابت خدشن ۽ حڪومتي احتساب جي مطالبي جي علامت بڻجي وئي آهي.

نوجوان نسل، جيڪو پنهنجي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ روايتي احتجاجن سان گڏ ڊجيٽل پليٽ فارمن، طنز ۽ تخليقي اظهار کي بہ سياسي دٻاءَ جي اوزار طور استعمال ڪري رهيو آهي. جي هن تحريڪ جي شروعات ڀارت ۾ ٿيندڙ ملڪي سطح جي امتحانن ۾ بي ضابطگين، پيپر ليڪ ٿيڻ ۽ امتحاني نظام بابت پيدا ٿيل خدشن جي پسمنظر ۾ ٿي. هزارين شاگردن جو موقف آهي تہ امتحاني نظام ۾ شفافيت جي کوٽ سندن مستقبل تي سڌو اثر وجهي رهي آهي.

امتحانن بابت وڌندڙ شڪايتن، احتجاجن ۽ عدالتن تائين پهتل معاملن نوجوانن ۾ بي چيني پيدا ڪئي. ان ئي ماحول ۾ ڀارتي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سوريہ ڪانت طرفان نوجوانن کي ڪاڪروچ ڪوٺڻ واري ٺٺول نوجوانن ۾ مزاحمت جي علامت بڻجي وئي.

سوشل ميڊيا جي دور ۾ نوجوان نسل جو انداز بہ تبديل ٿي چڪو آهي. هنن ان لفظ کي رد ڪرڻ بدران ان کي ئي پنهنجي سڃاڻپ ۽ احتجاجي پيغام ۾ تبديل ڪيو. "ها، مان ڪاڪروچ آهيان" جهڙا طنزيہ نعرا، وڊيوز ۽ ميمز تيزيءَ سان پکڙيا، جنهن سان مختلف شهرن ۽ تعليمي ادارن سان لاڳاپيل نوجوان هڪ گڏيل بحث ۾ شامل ٿيڻ لڳا.

اها ڳالهه جديد سياست جي هڪ اهم تبديليءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿي: هاڻي احتجاج صرف جلسن، ريلين ۽ روايتي سياسي تنظيمن تائين محدود ناهي رهيو، پر سوشل ميڊيا تي شروع ٿيندڙ مهمون بہ عوامي دٻاءَ جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. "ڪاڪروچ جنتا پارٽي" جو نالو اپيجيت ديپڪي سان لاڳاپيل آهي، جنهن هن طنزيہ مهم کي هڪ آن لائن پليٽ فارم جي صورت ڏني. هن تحريڪ جو انداز روايتي سياسي پارٽين کان مختلف آهي. ان ۾ نوجوانن جي ناراضگي، طنز ۽ نظام بابت سوالن کي مرڪز بڻايو ويو آهي. تحريڪ جي خاص ڳالهه اها آهي تہ هن ذات، مذهب يا روايتي سياسي ورثي بدران نوجوانن جي گڏيل مسئلن تي ڌيان ڏنو. تعليم، روزگار، امتحاني شفافيت ۽ مستقبل بابت غير يقيني صورتحال ان جي بنيادي بحثن ۾ شامل رهي.

آن لائن مهم کان جنتر منتر تائين: جڏهن طنز عملي احتجاج بڻجي ويو، شروعات ۾ 'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' کي ڪيترن ئي ماڻهن رڳو هڪ سوشل ميڊيا مهم سمجهيو، پر وقت سان گڏ اها مهم عملي احتجاج جي صورت اختيار ڪرڻ لڳي. نوجوانن جو چوڻ آهي تہ امتحاني نظام ۾ بي ضابطگيون، پيپر ليڪ ٿيڻ ۽ انتظامي ناڪاميون رڳو هڪ امتحان جو مسئلو ناهن، پر انهن سان لکين شاگردن جو مستقبل ڳنڍيل آهي.

هن تحريڪ جو اهم پهلو اهو هو تہ ان نوجوانن جي مايوسيءَ کي روايتي سياسي نعري بدران طنز ۽ تخليقي انداز سان پيش ڪيو. Gen_Z نسل، جيڪا انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا سان گڏ وڏي آهي، پنهنجي آواز لاءِ نوان طريقا اختيار ڪري رهي آهي. ميمز، وڊيوز، آن لائن مهمون ۽ طنزيہ علامتون هاڻي سماجي ۽ سياسي بحث جو حصو بڻجي چڪيون آهن.

جڏهن هي آن لائن مهم وڌڻ لڳي تہ ان جو اثر روڊن تي ٿيندڙ احتجاجن ۾ بہ نظر آيو. نئين دهليءَ جي جنتر منتر تي شاگردن ۽ حمايت ڪندڙن احتجاج ڪيو، جتي تعليمي نظام ۾ شفافيت، امتحاني عمل جي بهتري ۽ ذميوارن کان جوابدهي جا مطالبا سامهون آيا.

تحريڪ جا اهم مطالبا امتحاني نظام ۾ بنيادي سڌارا، پيپر ليڪ ٿيڻ سميت بي ضابطگين جي شفاف جاچ، شاگردن جي نقصان جو ازالو ۽ تعليم واري وزارت ۾ احتساب بابت هئا. دهلي سميت ڪيترن ئي شهرن ۾ هزارين نوجوان رستن تي نڪري آيا ۽ تعليم واري وزير ڌرميندر پرڌان تي سياسي دٻاءُ وڌندو ويو. مخالف ڌر جي پارٽين ۽ احتجاج ڪندڙن طرفان سندس استعيفيٰ جو مطالبو ڪيو ويو. جڏهن تہ حڪومت امتحاني نظام بابت پيدا ٿيل خدشن کي منهن ڏيڻ لاءِ قدم کڻڻ جي ڳالهہ ڪئي. آخرڪار ڌرميندر پرڌان کي استعيفيٰ ڏيڻي پئجي وئي، جنهن هن معاملي کي وڌيڪ نمايان بڻايو.

هي واقعو ڀارت جي سياست ۾ هڪ نئون سوال کڻي آيو آهي: ڇا ڊجيٽل دور ۾ نوجوان نسل روايتي سياسي ڍانچن کان ٻاهر نڪري، پنهنجي مسئلن تي عوامي دٻاءَ پيدا ڪرڻ جي نئين طاقت حاصل ڪري رهيو آهي؟

نوجوان جي سياست جو نئون انداز ۽ ڏکڻ ايشيا لاءِ اشارا

'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' جو واقعو رڳو ڀارت جي هڪ تعليمي تڪرار تائين محدود ناهي، پر اهو جديد دور جي سماجي ۽ سياسي تبديليءَ جي هڪ وڏي رجحان کي ظاهر ڪري ٿو. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ نوجوان نسل هاڻي پنهنجي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ روايتي سياسي پارٽين، يونينن يا پراڻن احتجاجي طريقن تي مڪمل ڀروسو نٿي ڪري، پر ڊجيٽل پليٽ فارمن کي بہ پنهنجو اهم اوزار بڻائي رهيو آهي.

نوجوان نسل جي خاصيت اها آهي تہ اهو معلومات تائين تيز رسائي رکي ٿو ۽ ڪنهن بہ مسئلي تي جلدي منظم ٿي سگهي ٿو. پر ساڳئي وقت هن نسل جون اميدون بہ مختلف آهن. تعليم، روزگار، شفافيت، برابري جا موقعا ۽ حڪومتي ادارن جو احتساب هنن جا اهم مطالبا آهن. نوجوانن جي وڏي آباديءَ واري ڀارت جهڙي ملڪ ۾ امتحاني نظام ۽ روزگار جا موقعا سياسي اهميت رکن ٿا. جيڪڏهن نوجوانن کي اهو احساس ٿئي تہ سندن محنت، قابليت ۽ مستقبل سان انصاف نٿو ٿئي تہ اها بي چيني سماجي ۽ سياسي دٻاءَ جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿي. هن تحريڪ جو هڪ ٻيو اهم پاسو اهو آهي تہ نوجوانن طنز کي مزاحمت جي هڪ نئين ٻولي بڻائي ڇڏيو. ماضيءَ ۾ سياسي احتجاج گهڻو ڪري نعرا، جلسا ۽ تقريرون هوندا هئا، پر هاڻي هڪ ميم، هڪ وڊيو يا هڪ ٺٺول بہ وڏي بحث کي جنم ڏئي سگهي ٿي. بهرحال ڊجيٽل تحريڪن جي پنهنجيون حدون بہ آهن. آن لائن مقبوليت کي مستقل سماجي يا سياسي تبديليءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ منظم قيادت، واضح مقصد ۽ عملي حڪمت عملي جي ضرورت هوندي آهي. هر وائرل مهم ڊگهي مدي واري تحريڪ ۾ تبديل ناهي ٿي سگهندي. ڏکڻ ايشيا جي ٻين ملڪن لاءِ بہ هن واقعي ۾ هڪ سبق موجود آهي تہ نوجوانن جي تعليم، روزگار ۽ شفاف نظام بابت سوالن کي نظرانداز ڪرڻ هاڻي آسان ناهي رهيو. حڪومتي ادارن لاءِ ضروري آهي تہ هو نوجوانن جي خدشن کي رڳو سياسي مخالفت طور نہ ڏسن، پر انهن کي پاليسي سڌارن جي موقعي طور بہ استعمال ڪن.

'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' جي تحريڪ اهو ظاهر ڪري ٿي تہ جديد دور ۾ عوامي مزاحمت جا طريقا تبديل ٿي رهيا آهن. هڪ ٺٺول جيڪا شايد نوجوانن کي "اٽي تي چٽي" طور ڏيکارڻ لاءِ ڪئي وئي هئي، نوجوانن ان کي پنهنجي آواز ۽ احتجاج جي علامت بڻائي ڇڏيو ۽ پنهنجي مستقبل سان لاڳاپيل معاملن تي وڌيڪ حساس ۽ متحرڪ ٿي رهيا آهن. تعليم، روزگار ۽ شفافيت جهڙا مسئلا هاڻي رڳو انتظامي معاملا نہ رهيا آهن، پر اهي سياسي سماجي استحڪام لاءِ اهم بڻجي چڪا آهن. حڪومتن لاءِ چئلينج اهو آهي تہ هو نوجوانن جي آواز کي دٻائڻ بدران ان کي ٻڌن، ڇاڪاڻ تہ ڊجيٽل دور ۾ نظرانداز ڪيل سوال اڪثر وڏي عوامي بحث ۽ رد عمل جي صورت اختيار ڪري سگهن ٿا.

هڪ تصوير ۾ نسل، هڪ خواب

ميسيءَ کان يمال تائين: هڪ تصوير ۾ نسلن ۽ فٽبال جي تاريخ جو سفر

فيضان احمد

دنيا ۾ هر روز لکين تصويرون ڪڍيون وڃن ٿيون. گهڻيون تصويرون ڪجهه ڏينهن، مهينن يا سالن کان پوءِ وسري وڃن ٿيون، پر ڪي تصويرون وقت سان گڏ تاريخ بڻجي وڃن ٿيون. انهن تصويرن ۾ رڳو چهرا نہ هوندا آهن، پر قسمت، خواب، مستقبل ۽ نسلن جون ڪهاڻيون بہ سمايل هونديون آهن. ليونل ميسي جي هٿن ۾ پنجن مهينن جي لامين يمال واري تصوير بہ اهڙين انمول تصويرن مان هڪ آهي، جيڪي وقت گذرڻ سان پراڻيون ٿيڻ بدران تاريخ جو حصو ٿي وينديون آهن. ڊسمبر 2007ع ۾ بارسلونا جي هڪ ننڍڙي اسٽوڊيو ۾ موجود ڪنهن بہ شخص اهو تصور بہ نہ ڪيو هوندو تہ ان ڏينهن ورتل اها تصوير مستقبل ۾ عالمي فٽبال جي سڀ کان مشهور ۽ علامتي تصويرن مان هڪ بڻجي ويندي. ان تصوير ۾ هڪ پاسي 20 ورهين جو شرميلو نوجوان ليونل ميسي هو جيڪو اڃا عالمي فٽبال جي چوٽيءَ تي نہ پهتو هو ۽ ٻئي پاسي پنجن مهينن جو معصوم لامين يمال، جنهن جي زندگيءَ جو سفر اڃا تازو تازو شروع ٿيو هو. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ وقت ان ڏينهن هڪ اهڙي ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي هئي، جنهن جي معنيٰ دنيا کي ٻن ڏهاڪن کان پوءِ سمجهہ ۾ اچڻي هئي.

ليونل ميسي: هڪ نظر ۾

پورو نالو: ليونل اينڊريس ميسي (Lionel Andr s Messi)

ڄمڻ جي تاريخ ۽ هنڌ: 24 جون 1987ع ـ روزاريو ارجنٽينا

پوزيشن ۽ خاصيت: فارورڊ (حملہ آور) ـ کاٻي پير سان غيرمعمولي ڊربلنگ، راند جي تخليق ۽ گول ڪرڻ ۾ بي مثال مهارت رکندڙ.

ڪلبي سڃاڻپ: ايف سي بارسلونا جي تاريخ جي عظيم رانديگرن مان هڪ، بعد ۾ پيرس سينٽ جرمين ۽ انٽر ميامي لاءِ پڻ کيڏيو.

قومي ٽيم: ارجنٽينا

وڏا اعزاز: اٺ ڀيرا بالن ڊي اور، 2022ع فيفا ورلڊ ڪپ چيمپيئن، ڪوپا آمريڪا جا لقب ۽ فٽبال جي تاريخ جي عظيم رانديگرن مان هڪ.

لامين يمال: هڪ نظر ۾

پورو نالو: لامين يمال نصراوي ايبانا

ڄمڻ جي تاريخ ۽ هنڌ: 13 جولاءِ 2007ع ـ ايسپلگيس ڊي يوبريگات، بارسلونا (اسپين)

پسمنظر: والد مراڪشي ۽ والده استوائي گني سان تعلق رکندڙ.

مذهب: اسلام

پوزيشن ۽ خاصيت: رائيٽ ونگر (Right Winger) ـ ڪاڙيل، تيز رفتار ۽ غيرمعمولي ڊربلنگ جي صلاحيت رکندڙ رانديگر.

هاڻوڪو ڪلب ۽ اڪيڊمي: ايف سي بارسلونا ـ لاماسيا جو تيار ڪيل باصلاحيت رانديگر.

قومي ٽيم: اسپين

خاص سڃاڻپ: گول کان پوءِ "304" جشن، جيڪو سندس پنهنجي غريب پاڙي روڪافوندا (08304) سان وفاداريءَ جي علامت آهي

وڏا اعزاز: يورو ڪپ چيمپيئن، فيفا ورلڊ ڪپ 2026ع چيمپيئن ۽ ڪوپا ٽرافي (Kopa Trophy) حاصل ڪندڙ تاريخ جو سڀ کان ننڍي عمر وارو رانديگر.

قسمت جو گهڙو جنهن تاريخ لکي اهو 2007ع جو ڊسمبر هو. بارسلونا جي مشهور راندين واري اخبار ڊيئاريو اسپورٽ ۽ يونيسيف اداري پاران غريب خاندانن جي مدد لاءِ هڪ خيراتي ڪئلينڊر تيار ڪيو پئي ويو. مقامي خاندانن مان گهٽا ڪيڻ ذريعي ڪجهه ٻارن کي چونڊيو ويو تہ اهي بارسلونا جي رانديگرن سان فوٽو شوٽ ۾ حصو وٺن. گهٽو ڪيڻ ذريعي فيصلو لامين يمال جي خاندان جي حق ۾ ٿيو. فوٽوگرافر 'جان مونفورٽ' جي سامهون پلاسٽڪ جي هڪ ننڍڙي ٽب ۾ ويٺل پنجن مهينن جي يمال کي نوجوان ميسيءَ جي حوالي ڪيو ويو. ميسي ٿورو هٻڪيو ڇاڪاڻ تہ هن کي ننڍڙو ٻار سنڀالڻ جو گهڻو تجربو نہ هو پر ڪجهہ ئي لمحن ۾ هن وڏي احتياط سان معصوم ٻار کي وهنجاريو.

ڪيترا ئي سال پوءِ مونفورٽ اهو لمحو ياد ڪندي چيو: "مون کي ان وقت خبر ئي نہ هئي تہ هڪ ئي ڪلڪ سان مان مستقبل جي ٻن وڏن فٽبالرن جي تصوير محفوظ ڪري رهيو هوس" فوٽوگرافر جي اها ڳالهہ اڄ فٽبال جي تاريخ جي سڀ کان خوبصورت تبصرن مان هڪ ثابت ٿي چڪي آهي.

هڪ تصوير، جيڪا 16 سالن بعد ٻيهر سامهون آئي. تصوير ڪئلينڊر ۾ ڇپجي وئي، پوءِ وقت جي دز هيٺ ڍڪجي وئي. انهن سورهن سالن دوران دنيا بدلجي وئي. ليونل ميسي بارسلونا کي يورپ جي طاقتور ترين ڪلبن مان هڪ بڻايو ۽ دنيا جي بهترين فٽبالر کي ڏنو ويندڙ 'بالن ڊي اور' (Ballon d'Or) اعزاز رڪارڊ اٺ ڀيرا حاصل ڪيو. بيشمار رڪارڊ قائم ڪيا ۽ 2022ع ۾ ارجنٽينا کي عالمي چيمپيئن بڻائي پنهنجي ڪيريئر جي سڀ کان وڏي خواهش پوري ڪئي.

ٻئي پاسي، ننڍڙو لامين يمال بارسلونا جي مشهور اڪيڊمي لاماسيا (La Masia) ۾ خاموشيءَ سان پنهنجو خواب سينگاريندو رهيو. وقت، چُپ چاپ، انهيءَ تصوير جو ٻيو باب لکي رهيو هو. جڏهن دنيا هڪ تصوير تي حيران ٿي وئي. 2024ع ۾ يورپي چيمپيئن شپ (Euro 2024) دوران صرف 16 ورهين جي عمر ۾ لامين يمال پنهنجي غيرمعمولي راند سان سڄي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو. ان وقت سندس والد اها پراڻي تصوير ٻيهر سوشل ميڊيا تي شيئر ڪئي.

ڪجهہ ڪلاڪن اندر اها تصوير دنيا جي لکين اسڪرينن تي پهچي وئي. ڪنهن تبصرو ڪيو "ميسي پنهنجي هٿن ۾ مستقبل کي ڪنيو هو" ڪنهن لکيو "هي قسمت جو سڀ کان خوبصورت اتفاق آهي" پنهنجي جاءِ تي اهي جذباتي اظهار هئا، پر هڪ ڳالهہ سڀني قبول ڪئي: فٽبال جي تاريخ ۾ شايد ئي ڪا ٻي تصوير ايتري معنيٰ، احساس ۽ علامتي اهميت رکندڙ هجي.

استاد ۽ شاگرد ـ يا ٻہ الڳ ڪهاڻيون؟

مداحن لاءِ ميسي ۽ يمال جي وچ ۾ ڀيٽ ٿيڻ لڳي، پر خود لامين يمال هميشہ عاجزي اختيار ڪئي هو سدائين چوندو رهيو: "ليونل ميسي تاريخ جو عظيم رانديگر آهي. مان سندس نقل نہ، پر پنهنجو رستو ٺاهڻ چاهيان ٿو." شايد انهيءَ هڪ جملي ۾ سندس سموري شخصيت سمايل آهي. هڪجهڙايون، جيڪي حيران ڪن ٿيون ميسي ۽ يمال وچ ۾ صرف اها تصوير ئي ڳنڍيل ناهي، پر ڪيترين ئي حيرت انگيز هڪجهڙاين بہ آهن:

لاماسيا: ٻنهي لاماسيا مان فٽبال جي سکيا ورتي.

کاٻي پير جا جادوگر: ٻئي کاٻي پير جا غيرمعمولي رانديگر آهن.

حملي جو انداز: ٻئي ساڄي ونگ کان اندر ڪٽ ڪري حملو ڪرڻ ۽ گول جا موقعا پيدا ڪرڻ ۾ مهارت رکن ٿا.

رڪارڊ: ٻنهي ننڍي عمر ۾ عالمي فٽبال جا رڪارڊ قائم ڪيا. يمال پنهنجي شاندار ڪارڪردگيءَ سبب دنيا جي بهترين نوجوان رانديگر لاءِ ڏني ويندڙ 'ڪوپا ٽرافي' پڻ پنهنجي نالي ڪئي ۽ ننڍي عمر ۾ ڪيترائي تاريخي اعزاز حاصل ڪيا.

"304" هڪ انگ، هڪ سڃاڻپ

يمال جي هر گول کان پوءِ سندس خوشي ملهائڻ جو انداز بہ پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. هو پنهنجين آڱرين سان 304 جو نشان ٺاهيندو آهي. هي انگ اسپين جي غريب پاڙي روڪافوندا (08304) جي پوسٽل ڪوڊ ڏانهن اشارو آهي، جتي هو وڏو ٿيو. دنيا لاءِ اهو صرف هڪ انگ آهي، پر يمال لاءِ اها پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجي پاڙن ۽ پنهنجي ماڻهن سان وفاداريءَ جو اظهار آهي. هي نوجوانن لاءِ خاموش سبق آهي تہ وڏو ٿيڻ جو مطلب پنهنجو ماضي وسارڻ ناهي هوندو.

2026ع جڏهن تصوير مڪمل ٿي وئي.

وقت جو ڦيٿو وري ساڳئي هنڌ اچي بيٺو- فيفا ورلڊ ڪپ 2026ع

هڪ پاسي ارجنٽينا جي جرسيءَ ۾ ليونل ميسي، ۽ ٻئي پاسي اسپين جي جرسيءَ ۾ لامين يمال. اهو منظر ڏسي دنيا کي 2007ع واري تصوير ياد اچي وئي. هي تاريخي مقابلو آمريڪي رياست 'نيو جرسي' جي 'ميٽ لائف اسٽيڊيم' ۾ ٿيو. مقرر 90 منٽن جي راند بنا ڪنهن گول جي (0_0) سان برابر رهي، پر اضافي وقت جي 106هين منٽ ۾ فيران ٽوريس (Ferran Torres) جي فيصلاڪن گول سان اسپين کي 1_0 تان تاريخي فتح ڏياري، جنهن سان اسپين عالمي تاج پنهنجي نالي ڪيو. انهيءَ لمحي دنيا کي محسوس ٿيو تہ 2007ع ۾ ڪئميرا ۾ محفوظ ٿيل اها تصوير هاڻي پنهنجي مڪمل معنيٰ اختيار ڪري چڪي هئي.

فائنل کان پوءِ ٿيل انعامي تقريب ۾ آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ ۽ فيفا جو صدر جياني انفنٽينو پڻ موجود هئا. اسپين ۽ ارجنٽينا جي رانديگرن کي ميڊل پيش ڪيا ويا. جڏهن تہ فيفا ورلڊ ڪپ جي تاريخي ٽرافي اسپين جي ڪپتان روڊري حوالي ڪئي وئي. روڊريءَ، لامين يمال سميت پنهنجي ساٿي رانديگرن سان گڏ جڏهن اها ٽرافي آسمان ڏانهن بلند ڪئي تہ سڄو اسٽيڊيم پرجوش نعرن، تاڙين ۽ سيٽين سان گونجي اٿيو. ان يادگار منظر ۾ نوجوان لامين يمال تقريب جي مرڪزي شخصيتن مان هڪ هو جنهن کي عالمي فٽبال جي نئين دور جي علامت طور ڏٺو پئي ويو.

دنيا جي نظر نيوجرسيءَ تي:

فيفا ورلڊ ڪپ 2026ع جو فائنل صرف هڪ فٽبال ميچ نہ هئي پر راندين جي تاريخ جو سڀ کان وڏو عالمي ميلو هو.

اٽلپ ٽڪيٽون ۽ تاريخي قيمتون:

هن خيال سان تہ هي شايد ميسيءَ جو آخري ۽ يمال جو پهريون عالمي فائنل هو ٽڪيٽن جي طلب سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا:

سرڪاري قيمت: فائنل جي شروعاتي سرڪاري ٽڪيٽ 2,000 کان 4,000 آمريڪي ڊالرن جي وچ ۾ هئي.

ري سيل مارڪيٽ: ميچ واري ڏينهن آفيشل ري سيل پورٽلز تي هڪ عام سيٽ جي ٽڪيٽ 10,000 کان 25,000 ڊالر تائين وڪرو ٿي، جڏهن تہ 'وي آءِ پي' بوٿن جون قيمتون لکن ڊالرن ۾ پهچي ويون. تاريخ ۾ اها راندين جي ڪنهن بہ سنگل ميچ جي سڀ کان مهانگي ٽڪيٽ ٿي وئي.

سڄي دنيا جو ڌيان ۽ ڏسندڙن جو رڪارڊ

عالمي ڏسندڙ: ڏيڍ ارب کان وڌيڪ ماڻهن پوري دنيا مان ٽيليويزن ۽ اسٽريمنگ ذريعي هن تاريخي مقابلي کي لائيو ڏٺو.

پاڪستاني وقت: آمريڪي مقامي وقت مطابق هي ميچ 19 جولاءِ آچر تي ٽپهر جو 3:00 وڳي شروع ٿي، جڏهن تہ پاڪستان ۾ سومر، 20 جولاءِ 2026ع تي رات جا پورا 12:00 وڄڻ جو وقت هو.

شڪر جو سجدو ۽ عظيم عاجزي

فائنل جي آخري سيٽي وڄڻ سان ئي لامين يمال ميدان تي شڪراني جي سجدي ۾ هليو ويو. عالمي اسٽيج تي سندس اهو عمل ڪيترن ئي مداحن، خاص طور تي مسلمانن لاءِ هڪ يادگار منظر بڻجي ويو. سوشل ميڊيا تي ڪيترن ماڻهن ان کي عاجزي، ايمان ۽ شڪرگذاريءَ جي علامت قرار ڏنو.

ان کان پوءِ يمال اڳتي وڌي ليونل ميسيءَ کي احترام سان ڀاڪر پاتو. ڄڻ اهو منظر ٻڌائي رهيو هو تہ وڏيون ڪاميابيون ماڻڻ باوجود پنهنجن محسنن ۽ وڏن رانديگرن جو احترام ئي انسان جي اصل عظمت هوندي آهي. فائنل کان پوءِ جشن دوران ڪجهہ اسپيني رانديگر فلسطين جو جهنڊو هٿن ۾ جهليل نظر آيا. ورلڊ ڪپ جي ان يادگار رات ۾ لامين يمال جو شڪراني جو سجدو ۽ ڪجهہ رانديگرن جي هٿن ۾ فلسطين جو جهنڊو اهڙا منظر هئا، جيڪي فٽبال کان ٻاهر بہ پنهنجو پيغام ڇڏي ويا. هڪ منظر ايمان، عاجزي ۽ شڪرگذاريءَ جي علامت هو جڏهن تہ ٻئي منظر انساني همدرديءَ بابت عالمي بحث کي نئين سر هٿي ڏني.

فيفا ورلڊ ڪپ 2026ع جون چار تاريخي حقيقتون:

پهريون ڀيرو گڏيل ميزباني: آمريڪا، ڪينيڊا ۽ ميڪسيڪو گڏيل ميزبان بڻيا.

48 قومي ٽيمون: تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ورلڊ ڪپ ۾ 48 ٽيمون شامل ٿيون.

ايزٽيڪا اسٽيڊيم جو اعزاز: ميڪسيڪو جو اسٽيڊيو ايزٽيڪا ٽن مختلف ورلڊ ڪپن جي ميزباني ڪندڙ دنيا جو پهريون اسٽيڊيم بڻيو.

سيالڪوٽ جو ڪردار: پاڪستان جي سيالڪوٽ جي فٽبال ساز صنعت عالمي مقابلي لاءِ استعمال ٿيندڙ بالن جي تياري ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي مهارت جو ثبوت ڏنو.

محنت، جيڪا تصوير کي تاريخ بڻائي وئي، شايد قسمت صرف اها تصوير ٺاهي هئي، پر باقي ڪهاڻي نہ ميسيءَ لکي، نہ فوٽوگرافر ـ اها ڪهاڻي لامين يمال پنهنجي محنت، نظم، قرباني ۽ مسلسل جدوجهد سان لکي.

اڄ جڏهن دنيا ميسي جي هٿن ۾ ويٺل ننڍڙي يمال جي اها تصوير ڏسي ٿي، تڏهن ان کي رڳو ٻہ چهرا نظر نٿا اچن، پر وقت جو هڪ سفر، خوابن جو تسلسل ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل ڏانهن منتقل ٿيندڙ عظمت جي ڪهاڻي نظر اچي ٿي.

شايد اهو ئي سبب آهي جو هي تصوير فٽبال جي تاريخ جي سڀ کان خوبصورت، علامتي ۽ حيرت انگيز تصويرن مان هڪ جي حيثيت ماڻي چڪي آهي.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آچر 26 جولاءِ 2026ع

دهشتگرديءَ جي نئين لهر ۽ قومي اتحاد جي آزمائش!

ٽانڪ ضلعي جي مانجهي خيل ۾ گڏيل چيڪ پوسٽ تي ٿيل خودڪش دهشتگرد حملي جنهن ۾ 12 فوجي جوانن، 2 پوليس اهلڪارن ۽ بيلي ڪاٽي جي هڪ ملازم سميت 15 اهلڪار شهيد ٿي ويا هئا، هڪ ڀيرو ٻيهر اهو ثابت ڪيو آهي ته دهشتگردي ملڪ لاءِ سڀ کان وڏو قومي سلامتيءَ جو چيلنج آهي. بارود سان ڀريل گاڏي ذريعي چيڪ پوسٽ کي نشانو بڻائي رڳو هڪ فوجي چيڪ پوسٽ تي حملو نه هو پر اهو پاڪستان جي امن، استحڪام ۽ رياستي اختيار کي للڪارڻ جي ڪوشش هئي. سيڪيورٽي فورسز جي فوري جوابي ڪارروائي، جنهن ۾ 12 دهشتگرد مارجي ويا، هٿياربند فوج جي پيشه ورانه صلاحيت، بهادري ۽ قومي فرض شناسيءَ جو ثبوت آهي پر ان سان گڏ اهو واقعو اهو به ٻڌائي ٿو ته دهشتگرد تنظيمون اڃا تائين پنهنجين حڪمت عملين تبديل ڪري نوان طريقا اختيار ڪري رهيون آهن.

ڏٺو وڃي ته ملڪ گذريل ٻن ڏهاڪن کان دهشتگردي خلاف هڪ انتهائي ڏکئي ۽ قيمتي جنگ وڙهي رهيو آهي. هزارين فوجي، پوليس اهلڪار ۽ عام شهري هن جنگ ۾ پنهنجي جانين جون قربانيون ڏئي چڪا آهن. ملڪ جي معيشت، سماجي استحڪام، تعليم، سيڙپڪاري ۽ عالمي ساک به هن جنگ سبب متاثر ٿي آهي. ڪيترن ئي فوجي آپريشنز ۽ انٽيليجنس بنيادن تي ڪيل ڪارروائين کان پوءِ اهو تاثر پيدا ٿيو هو ته ملڪ مان وڏي پيماني تي دهشتگرديءَ جو خاتمو ٿي چڪو آهي پر ويجهن ڏهاڙن ۾ خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ ٿيندڙ حملا واضح ڪن ٿا ته خطرو مڪمل طور ختم نه ٿيو آهي. ساڳئي وقت پاڪستان کي به پنهنجون سفارتي ڪوششون وڌيڪ مؤثر بڻائڻيون پونديون. عالمي برادري، گڏيل قومن ۽ علائقائي فورمن تي دهشتگرديءَ بابت قابلِ اعتماد ثبوتن سان پنهنجو موقف پيش ڪرڻ، سفارتي سهڪار حاصل ڪرڻ ۽ سرحدي سلامتيءَ بابت گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ اڄ جي وقت جي ضرورت بڻجي وئي آهي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ صرف بندوقن سان نه پر سفارتڪاري، قانون، معيشت ۽ سماجي شعور سان به کٽي ويندي آهي.

بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا جهڙن حساس علائقن ۾ ترقياتي منصوبن، تعليم، روزگار، صحت، مواصلاتي سهولتن ۽ نوجوانن جي مثبت سرگرمين تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي، جتي بيروزگاري، غربت، احساسِ محرومي ۽ رياستي سهولتن جي کوٽ هوندي، اتي شدت پسند تنظيمون پنهنجو اثر وڌائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. ان ڪري قومي سلامتيءَ جو تصور صرف فوجي سلامتي تائين محدود نه هجڻ گهرجي پر انساني ترقي، سماجي انصاف ۽ معاشي خوشحاليءَ کي به ان جو لازمي حصو بڻائڻو پوندو. دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ ميڊيا، مذهبي اڳواڻن، تعليمي ادارن ۽ سول سوسائٽي جو ڪردار به انتهائي اهم آهي. انتهاپسندي، نفرت ۽ تشدد واري سوچ جو مقابلو صرف قانون لاڳو ڪندڙ ادارا نٿا ڪري سگهن. برداشت، رواداري، قومي يڪجهتي ۽ آئين جي بالادستيءَ بابت آگاهي پيدا ڪرڻ سماج جي هر شعبي جي گڏيل ذميواري آهي. نوجوان نسل کي اهڙي تعليم ۽ ماحول فراهم ڪرڻ گهرجي، جتي هو نفرت جي بجاءِ تحقيق، تخليق ۽ تعمير جي راهه اختيار ڪن. سياسي اختلافن کان مٿي ٿي قومي سلامتيءَ جي معاملي تي گڏيل موقف اختيار ڪيو وڃي. جڏهن رياست، سياسي قيادت، سيڪيورٽي ادارا، ميڊيا ۽ عوام هڪ صفحي تي بيٺل هوندا، تڏهن ئي دهشتگردي جي ناسور جو مستقل خاتمو ممڪن ٿيندو. ٽانڪ جي شهيدن جي قرباني اسان کان اها ئي تقاضا ڪري ٿي ته سندن رت کي صرف جذباتي بيانن تائين محدود نه رکيو وڃي پر ان کي قومي اتحاد، مؤثر پاليسين ۽ پائيدار امن جي صورت ۾ عملي نتيجن تائين پهچايو وڃي. اهڙي ريت ئي پاڪستان هڪ محفوظ، مستحڪم ۽ ترقي يافته رياست طور اڳتي وڌي سگهندو.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

سنڌ مان اغوا ٿيل ٻارن واري ماٺ ۾ حڪومت سنجيده ڇو نه آهي؟

سنڌ ۾ معصوم ٻارڙن جي گمشدگين وارو مسئلو هڪ انتهائي حساس ۽ انساني همدرديءَ جو طلبگار معاملو آهي. پريا ڪماري، اجالا سولنگي سميت ڪيترن ئي گم ٿيل ٻارن جي بازيابيءَ لاءِ پريا ايڪشن ڪميٽي پاران ڀرلوءِ باءِ پاس تي لڳل احتجاجي ڌرڻي جو مقصد به اهڙن معصوم ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ رياست جو ڌيان ڇڪائڻ هو. اهڙن معاملن ۾ حڪومت، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ احتجاج ڪندڙ ڌرين تي برابر ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته هو اهڙو رستو اختيار ڪن، جنهن سان نه رڳو قانون جي پاسداري ٿئي پر متاثر خاندانن کي به انصاف جي اميد ملي. ڌرڻو ختم ڪرائڻ ڪانپوءِ پوليس طرفان سرڪار جي فرياد تي داخل ڪيل ڪيس، جنهن ۾ دهشتگردي ٽوڙ ايڪٽ سميت مختلف سنگين قلمن جو استعمال ڪيو ويو آهي، ڪيترائي قانوني ۽ آئيني سوال اڀاري ٿو. جيڪڏهن واقعي به قانون جي ڀڃڪڙي ٿي آهي ته ان جي جاچ ۽ ڪارروائي قانون موجب ٿيڻ گهرجي پر جيڪڏهن ڪنهن تي بي بنياد الزام لڳايا ويا آهن ته انهن جو ازالو به قانون جي دائري اندر ٿيڻ ضروري آهي. خاص طور تي پريا ايڪشن ڪميٽي جي ڪنوينر لياقت جلباڻي بابت پوليس جي لاتعلقي ۽ سنڌس وارثن پاران سنڌس بازيابيءَ جو مطالبو هڪ اهڙو معاملو آهي، جو ته ڪنهن به شهريءَ جي گرفتاري، حراست يا گمشدگيءَ بابت واضح قانوني رڪارڊ فوري طور تي ظاهر ٿيڻ گهرجي. هوڏانهن ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج خيرپور پاران پوليس کي گرفتار ٿيل ماڻهن کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جا سخت حڪم جاري ڪرڻ ۽ حڪم تي عمل نه ٿيڻ جي صورت ۾ ذميوار عملدارن خلاف قانوني ڪارروائيءَ جو چتاءُ ڏيڻ، عدليه جي آئيني ذميواريءَ جو اهم مثال آهي.

(فدا حسين /حيدرآباد)

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

مَندَ ٿِي مَندَلَ وَڄِئا، ٿاڙِي کِي تَنوارَ
هَارِيَن هَرَ سَنبَاهِيَا، سَرِها ٿِيَا سَنگهارَ
اَڄَ مُنهِنجِي يَارَ، وَسَڻَ جا وِيسَ ڪِئا.

ساوڻ جي مند آئي آهي ته مينهن وسڻ جا آثار به نظر اچن ٿا. ماڻهو خوشيون ڪندي ڳائجن ٿا. ٽاڙو پکي به مسلسل تنواري يا ٻولي پيو. هارين پوکي راهي ڪرڻ واسطي هٿي يا زمين کيڙڻ لاءِ پنهنجا هر سنڀالي يعني تيار ڪري رکيا آهن، ڇو ته باراني علائقن ۾ پوکي راهي مينهن جي پوڻ ڪانپوءِ ئي ٿيندي آهي ان کان علاوه ملوند ماڻهو به ڏاڍو خوش آهن جو سنڌن علائقو گاهه ڦٽڻ ڪري سرسبز ٿيندو، مال متاع به سکيو ۽ سگهارو ٿيندو، کير مکڻ جام ٿيندا "هتي هڪ ڳالهه ياد رهي ته سنڌ ۾ بيراج ٺهڻ ڪانپوءِ پاڻيءَ جي وارا بندي ٿيندي هئي جڏهن پاڻي واهن شاخن ۽ واٽر ڪورسن ۾ پهچڻ شروع ٿيندو هو ته مقامي ماڻهو ڍول وڄائي خوشيون به ڪندا هئا ته اوتي پاڻي يا پڇڙيءَ جي آبادگارن کي ڄاڻ به ڪندا هئا ته پاڻي پهچي ويو آهي" (هاڻ اها رسم ختم ٿئي کي به ڪافي عرصو گذري چڪو آهي) اهڙي طرح لطيف سائين به ساوڻ جي ان مند کي جنهن لاءِ ماڻهو واجهائيندا رهندا آهن تن جي خوشين جو انداز ٻڌائيندي چوڙ ۽ ڪڪرن کي جيڪي وسڻ لاءِ پريا بيٺا آهن تن کي ڪوڏائا ڏيندي "يار" جي لقب سان ڪوٺي ٿو ته منهنجي يار اڄ ڀرپور وسڻ جي تياري ڪئي آهي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اي جي عباسي: هڪ شخص جيڪو اسان تي مهربان هو

عابد علي بيگ

صبح جو لڳ ڀڳ ٽين وڳي جو وقت هوندو جو اوچتو لڳاتار گولين جي وسڪاري، گولاباري ۽ جهاز ڪيرائڻ وارين توپن جي ٺڪاءَ جي آواز تي منهنجي اک کلي وئي. آهي آواز ڪجهه پنڌ تان اچي رهيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪا فائرنگ ويجهو به پنڌ ۾ اچي رهي هئي. ان دوران ڪجهه وڏا ٺڪاءَ به ٿيا، جن مان لڳو پئي ته بم ڪريا آهن. مون 1965ع ۽ 1971ع جون جنگيون پنهنجي اکين سان ڏٺيون هيون، تنهن ڪري انهن سڀني آوازن کي چڱيءَ ريت سڃاڻي سگهيس. ٿوري ئي دير ۾ گهر واريءَ جي به اک کلي وئي. هن گهٻرائجي مون کان پڇيو: 'اهي ڪهڙيون آوازون آهن؟' مون کيس آٿت ڏيندي چيو: 'هتان ڪجهه پنڌ تي فوجي علائقو آهي، شايد اتي فوج جي ڪا مشق هلي رهي هوندي.' هي واقعو ڀورين آگسٽ 1982ع جو آهي. مون کي ڪينيا آئي مس چار مهينا ئي ٿيا هئا. جڏهن ته منهنجي گهرواري ۽ ڪجهه مهينن جي نياڻي ڏيڍ مهينو اڳ ئي نيروبي پهتا هئا. گهرواري ايترو چئي ٻئي پاسي منهن ورائي آرام سان سمهي رهي ته 'هٿن کي به مشقون ڪرائڻ لاءِ اهو ئي وقت مليو آهي! ڪنهن جي ننڊ جو به خيال نٿا رکن، عجيب ماڻهو آهن.' پر منهنجي اکين مان ننڊ ته اڏامي چڪي هئي. مون کي چڱيءَ ريت خبر هئي ته ڪينيا جي ڪنهن به پاڙيسري ملڪ سان جنگ ٿيڻ جو پري پري تائين ڪو امڪان نه هو. البت آفريڪا جي ڪجهه ٻين ملڪن ۾ فوجي بغاوتون ٿينديون رهنديون هيون. مان ويٺو اهو ئي سوچي رهيو هئس ته شايد هتي به اهڙوئي ڪو واقعو پيش آيو هوندو.

ان وقت ايترو سوير ريڊيو يا ٽي وي تان نشريات شروع ٿيڻ جو رواج ئي نه هوندو هو. گهر ۾ ٽيليفون به موجود نه هو. ٻاهر اڃا مڪمل اونداهه ڇانيل هئي ۽ گهٽين جون بتيون به بند ٿي ويون هيون. ڪڏهن ڪڏهن گولين جا آواز ايترا ويجهو پنڌ ۾ ايندا هئا، جو دل ڏهلجي ويندي هئي. منهنجي ننڊ ته بلڪل ختم ٿي چڪي هئي. مان بستري تي پاسا ورائيندي صبح ٿيڻ جو انتظار ڪندو رهيس. آچر جو ڏينهن شروع ٿي چڪو هو، رڳو اها ڳالهه سڪون ڏيندڙ هئي ته صبح جو آفيس ناهي وڃڻو. آخرڪار صبح جو ستين وڳي ريڊيو تان مختصر خبرن ۾ ٻڌايو ويو ته ملڪ جي هوائي فوج جي ڪجهه دستن صدر هائوس تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر اها ڪوشش ناڪام بڻائي وئي آهي. ملڪ جي مختلف علائقن ۾ اڃا به جهيڙا ۽ فائرنگ جاري آهي. اسين پارڪ لينڊ واري علائقي ۾ هڪ ڪمپائونڊ اندر ٺهيل گهرن ۾ رهندا هئاسين. ڪمپائونڊ ۾ اچڻ وڃڻ لاءِ رڳو هڪ ئي دروازو هو، جيڪو هميشه بند رهندو هو. اتي مقرر چوڪيدار، جن کي سواحلي ٻوليءَ ۾ 'عسڪري' چيو ويندو آهي، اچڻ وڃڻ وارن کي سڃاڻي پوءِ ئي دروازو کوليندا هئا. ان ڪمپائونڊ ۾ لڳ ڀڳ ٻه درجن گهر هئا ۽ انهن سڀني ۾ ايشيائي برادريءَ سان واسطو رکندڙ ماڻهو رهندا هئا. صبح جو روشني ٿيڻ سان ئي پاڙي وارا پنهنجن گهرن مان نڪري ڪمپائونڊ جي باغ ۾ گڏ ٿي ويا. هر ڪنهن وٽ شهر جي مختلف علائقن مان ٽيليفون ذريعي مليل خبرون هيون، جيڪي هو هڪٻئي سان ونڊي رهيا هئا. خوشقسمتيءَ سان منهنجي بئنڪ جو هڪ ساٿي ڪوثر ڪاظمي به ساڳئي ڪمپائونڊ ۾ رهندو هو. اسان جو پاڻ ۾ تمام ويجهو ۽ دوستاڻو ناتو هو. هو اڳ ئي هتي رهائش پذير هو ۽ سنڌس گهر ۾ ٽيليفون جي سهولت به موجود هئي. شهر جي مختلف علائقن مان خبرون اچي رهيون هيون ته صدر ڊينيل ارپ موئي خلاف بغاوت ته لڳ ڀڳ ڪنٽرول ۾ اچي وئي آهي، پر جيڪي باغي ناڪام ٿي ڀڄي رهيا هئا، سي رستي ۾ قرلٽ ڪندا پئي ويا. اسان جي گهر کان لڳ ڀڳ ڏهه منٽن جي ڊرائيو تي رهندڙ اسان جي بئنڪ جو هڪ ٻيو ساٿي شاهه صاحب به ان قرلٽ جو شڪار ٿيو هو. جيئن ئي کيس موقعو مليو، هو پنهنجي سڄي ڪٽنب سميت اسان جي ڪمپائونڊ ۾ اچي پهتو. سڀ کان وڌيڪ خوفناڪ خبر اها هئي ته شهر جي ڀرپاسي وارين ڪچين آبادين ۾ رهندڙ هزارين ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ شهر جي مختلف علائقن ۾ داخل ٿي ويا هئا ۽ کليل نموني قرلٽ شروع ڪري چڪا هئا. هن قرلٽ جو سڀ کان وڏو نشانو معاشي طور خوشحال ايشيائي برادري بڻجي رهي هئي. شهر جا ننڍا توڙي وڏا، هر قسم جا دڪان ڦري ويا. حالت اها ٿي وئي جو ڪيترن ئي دڪانن ۾ رڳو پٽيون وڃي بچيون. ماڻهو ته دڪانن جا دروازا، دريون ۽ ٻيو سامان به پٽي کڻي ويا. جن گهرن تي به هن بي قابو هجوم جو وار ٿيو، انهن سان به ساڳيو حال ڪيو ويو. جنهن ٿوري به مزاحمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن کي پنهنجي جان تان هٿ ڌوئڻا پيا. جيتوڻيڪ سڄي شهر ۾ سرڪاري طور ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو هو، پر هزارين ماڻهن جي هن بي قابو قرلٽ کي روڪڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه رهي هئي. ڪجهه هنڌن تي ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا ماڻهو به انهيءَ قرلٽ مان پنهنجو حصو وٺندي ڏٺا ويا.

اسان جي گهر ۽ نيروبي جي آغا خان اسپتال جي وچ ۾ رڳو هڪ سنهو روڊ هو. اسان دريءَ مان ڏسي رهيا هئاسين ته ماڻهو ڦريل سامان پنهنجن مٿن تي کڻي پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. ڪنهن جي مٿي تي ٽرڪ جو ٽائر هو، ته ڪو وري ڊٻي ۾ بند ٿلهن 29 انچن واري ٽي وي مٿي تي کڻي لڏندو لمندو گهر وڃي رهيو هو. (شايد انهن کي گهر پهچڻ ڪانپوءِ اهو خيال آيو هوندو ته سندن علائقي ۾ اڃا بجلي ئي ناهي ته وري وٽن ڪو ٽرڪ آهي جنهن ۾ اهو ٽائر ڪم اچي سگهي) اسان بئنڪ جا ٽئي ساٿي جن جا ٻار اڃا کير پيا هئا، ويهي اهو سوچي رهيا هئاسين ته جيڪڏهن اسان تي به حملو ٿيو ته پاڻ کي ڪيئن بچائينداسين. آخرڪار اهو فيصلو ڪيوسين ته ٻارن جي کير ۽ خوراڪ وارا ٿيلها ۽ جسم تي پاتل ڪپڙا ڇڏڻ ڪانسواءِ باقي هر شيءِ حملو ڪندڙن حوالي ڪري ڇڏينداسين. اسان جو ساٿي شاهه صاحب، جيڪو پنهنجو گهر لٽجڻ ڪانپوءِ اسان وٽ اچي پهتو هو، جوتا پاتل ئي بستري تي ليٽي پيو هو ۽ پنهنجي ڌيان کي ان خوفناڪ صورتحال کان هٽائڻ لاءِ انهن ڏينهن جو هڪ مشهور گيت وڏي آواز سان ڳائي رهيو هو.

ہونٹوں سے چھولو تم میرا گیت امر کردو

اسان جي سامهون واري روڊ تي ٿوري ٿوري دير ڪانپوءِ فوج جون جيپون گشت ڪري رهيون هيون. لڳي ائين رهيو هو ته سندن مقصد آغا خان اسپتال کي قرلٽ ڪندڙن کان محفوظ رکڻ هو. شايد انهيءَ ڪري ئي قسلتي ٽولا اسان جي گهٽيءَ کان پري رهيا. اسان جو هڪ ٻيو بئنڪ ساٿي جيڪو ڪجهه منٽن جي مفاصلي تي رهندو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ اڪيلو هو، سو به اچي اسان سان گڏ ٿيو. دڪانن ۽ بازارن جي کلڻ جو ته ڪو سوال ئي نه هو، تنهنڪري اسان سڀني پنهنجو پنهنجو موجود کاڌو پيتو گڏ ڪري هلايو ۽ وڏي احتياط سان استعمال ڪرڻ لڳاسين، ڇو ته ڪنهن کي به خبر نه هئي ته اها صورتحال اڃا ڪيترا ڏينهن هلندي. ڪمپائونڊ جي مقامي چوڪيدارن به اسان جو ڀرپور ساٿ ڏنو. هو هر وقت ڏاڍا هوشيار ۽ چوڪس رهيا. اسان به واري واري سان جاڳي پهرو ڏيندا رهياسين. اهڙيءَ ريت اهو ڏينهن ۽ رات خيريت سان گذري ويا. جيتوڻيڪ شهر جي مختلف علائقن مان ايندڙ خبرون ڏاڍيون خوفناڪ هيون. انهن ۾ قرلٽ، ماڻهن تي حملا ۽ ڪيترن ئي جاني نقصانن جون خبرون شامل هيون. سومر 2 آگسٽ تي به صورتحال مڪمل طور معمول تي نه آئي ۽ سڄي شهر ۾ سخت ڪرفيو لاڳو رهيو. خبرن مان معلوم ٿي رهيو هو ته صدر سان وفادار فوج باغين کي شڪست ڏئي پڇاڙي ڇڏيو آهي ۽ قرلٽ ڪندڙن خلاف به سخت ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. سرڪاري ريڊيو ۽ ٽيليويزن رڳو محدود خبرون ڏئي رهيا هئا. جڏهن ته باقي گهڻيون خبرون ماڻهن کان ماڻهن تائين افواهن جي صورت ۾ پهچي رهيون هيون. ٽئين ڏينهن اعلان ڪيو ويو ته منجهند ڪانپوءِ ٻن ڪلاڪن لاءِ ڪرفيو ۾ نرمي ڪئي ويندي. منهنجي ساٿي ڪوثر ٻڌايو ته اسان جي جنرل مئنيجر عباسي صاحب جو فون آيو هو. هن چيو هو ته 'توهان سڀ پنهنجو ضروري سامان ۽ ڪپڙا کڻي پنهنجن ڪٽنبن سميت منهنجي گهر اچي وڃو.' منهنجي گهرواري ٿورو ڪيٻايو ۽ چيائين ته 'چند مهينن جي ننڍڙي ٻارڙيءَ کي کڻي ڪيئن ڪنهن ٻئي جي گهر وڃي رهي سگهنداسين؟' پر حالتن جو تقاضو به اهو ئي هو. جيئن ئي ڪجهه وقت لاءِ ڪرفيو هٽايو ويو، اسان چار گاڏين جي قافلي جي صورت ۾ هڪ ٻئي جي اڳيان پٺيان روانا ٿي وياسين. جنرل مئنيجر صاحب جو گهر لڳ ڀڳ اڌ ڪلاڪ جي مفاصلي تي هو، پر روڊن تي گاڏين جي اچ وڃ نه هئڻ ڪري اسين ويهن منٽن ۾ ئي اتي پهچي وياسين. رستي ۾ ڪيترن ئي جاين تي فوج جا دستا گشت ڪندي نظر آيا. عباسي صاحب، سندن گهرواري ۽ ڌيئرن اسان سڀني جو انتهائي پنهنجائپ، محبت ۽ وڏي دل سان استقبال ڪيو. سندن گهر تمام وڏو ۽ ڪشادو هو. هر ڪٽنب کي رهڻ لاءِ الڳ ڪمرو ڏنو ويو. عباسي صاحب جو هڪ دوست آغا صاحب، جيڪو هڪ ٻئي بئنڪ جو جنرل مئنيجر هو، سو به پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ اتي اچي رهيو. سڀني گڏجي اهو فيصلو ڪيو ته ڊڄڻ يا گهٻرائڻ جو ڪو فائدو ناهي، جيڪو به ٿيندو، سڀني سان گڏ ٿيندو. تنهن ڪري هن ڏکئي وقت کي به بهتر نموني گذارڻ جي ڪوشش ڪجي.

بس پوءِ ڇا هو! گهر جي عورتن رڌڻي ۾ وڃي پنهنجي پنهنجي هنر جا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيا. ڏينهن جو مرد لان ۾ ڪرڪيٽ کيڏندا هئا. شام جو ڪڏهن تاش جون بازيون لڳنديون هيون، ڪڏهن ويهي قصا ڪهاڻيون ٻڌائبيون هيون. ڪنهن ڏينهن وي سي آر تي فلم ڏٺي ويندي هئي ته ڪنهن شام ڳائڻ وڄائڻ جي محفل مچي ويندي هئي. عباسي صاحب جي دلڪش ۽ پنهنجائپ ڀري شخصيت اهڙي هئي جو هو اسان جهڙن جونيئر ساٿين سان ايترو ته ملي ويندو هو، جو ڪڏهن به اهو احساس نه ٿيڻ ڏيندو هو ته هو اسان جو وڏو آفيسر ۽ باس آهي. سندس گهر واري ۽ ڌيئرون به سڀني مهمانن جي وڏي محبت سان سار سنڀال لهنديون رهيون. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ ڏينهن جو ڪرفيو ختم ڪيو ويو، پوءِ اسين سڀ آفيسر ٻن گاڏين ۾ گڏجي ڪجهه ڪلاڪن لاءِ بئنڪ وڃڻ لڳاسين. انهن ڏينهن ۾ بئنڪ جا ڪم جا ڪلاڪ به گهٽائي ڇڏيا ويا هئا. انهيءَ دوران نيروبي هوائي اڏي تي هر قسم جون اڏامون بند هيون ۽ ملڪ جو ٻاهرين دنيا سان رابطو لڳ ڀڳ ڪٽيل هو. ان وقت بين الاقوامي ٽيليفون ڪالون ڪرڻ جي سهولت به عام نه هئي، تنهنڪري وڏي ڏکيائي سان اسان پاڪستان ۾ پنهنجن عزيزن کي رڳو ايترو اطلاع ڏئي سگهياسين ته اسين خيريت سان آهيون. بغاوت کان ڇهين ڏينهن اعلان ڪيو ويو ته نيروبي جو هوائي اڏو جزوي طور ٻيهر ڪم شروع ڪري رهيو آهي. انهيءَ ڏينهن عباسي صاحب خوشخبري ٻڌائيندي چيو: 'سڀاڻي کان پي آءِ اي جون نيروبي وارين اڏامون ٻيهر شروع ٿي رهيون آهن ۽ مون سڀاڻي ڪراچي ويندڙ اڏام ۾ سڀني عورتن ۽ ٻارن جون سيٽون اڳواٽ ئي بُڪ ڪرائي ڇڏيون آهن.' اسان ٿوري دير لاءِ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وياسين، سفر لاءِ هلڪو ڦلڪو سامان تيار ڪيو ۽ پوءِ هن واقعي کان ٺيڪ هڪ هفتي ڪانپوءِ اسان جون گهرواريون ۽ ٻار ڪراچي روانا ٿي ويا. حالتون اهڙيون هيون، جو گهر وارن کي سندن اچڻ جي اڳواٽ ڪا خبر به نه ڏئي سگهياسين. (رات جو اڍائي وڳي ڪراچي پهچڻ جي اها دلچسپ ڪهاڻي وري ڪڏهن.)

هوائي اڏي تان واپس اچي، اسان سڀني آفيسرن پنهنجو پنهنجو سامان گڏ ڪيو ۽ عباسي صاحب کان موڪل وٺڻ لاءِ عرض ڪيو. عباسي صاحب پنهنجي هميشه واري مرڪ سان پڇيو: 'ڪيڏانهن پيا وڃو؟' اسان ڪنڌ جهڪائي وراڻيو: 'سڀ پنهنجي گهر.' سندس مرڪ اڃا وڌيڪ گهري ٿي وئي. چيائين: 'سڄو! پر گهر وڃي ڇا ڪندؤ؟ ماني ڪير پچائي کارائيندو؟' اسين سڀ هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳاسين، ڇو ته ان سوال جو جواب ڪنهن وٽ به نه هو. عباسي صاحب پيار ڀري چنڊ ڏيندي چيو: 'سامان اتي ئي رکو. اوهان مان ڪو به ڪيڏانهن نه ويندو.' انهيءَ شام، جڏهن عورتون ۽ ٻار ڪراچي روانا ٿي ويا، ته پوءِ روز شام جو خوب محفلون مچڻ لڳيون. عباسي صاحب ڪيترن ئي ڏينهن تائين وڏي دلچسپ انداز ۾ پنهنجي نوجوانيءَ جي اها يادگار ڪهاڻي ٻڌائيندو رهيو، جڏهن هو پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ کان سامونڊي جهاز ذريعي انگلينڊ ويو هو. فرصت جي وقت ۾ پراڻيون ۽ نيون هندي فلمون ۽ پاڪستاني ڊراما وي سي آر تي ڏسندا هئاسين، جڏهن ته ڪرڪيٽ جو شوق به جيئن جو تيئن جاري رهندو هو. بئنڪ ۾ آفيس جي وقت عباسي صاحب جي شخصيت جو ايترو رعب هوندو هو، جو اسان مان ڪنهن کي به سندس سامهون ڳالهائڻ جي همت نه ٿيندي هئي، پر شام جو جڏهن گهر پهچندا هئاسين ته هو بلڪل اسان جي همعمر دوست وانگر کلندو، ڳالهائيندو ۽ رهاڻيون ڪندو هو. اسان جي بئنڪ جي موڪل شام جو لڳ ڀڳ پنجين وڳي ٿيندي هئي، پر عباسي صاحب روز هڪ ڪلاڪ اڳ، يعني چئين وڳي، گهر هليو ويندو هو. جڏهن اسين سندس گهر پهچندا هئاسين ته هو مرڪندي رڌڻي مان ٻاهر ايندو ۽ چلهي تي رکيل ديڳڙيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چوندو هو: 'عابد ميان! جڏهن پاڻي سڪي وڃي ته چلهو بند ڪري ڇڏجو.' هڪ مهيني کان به وڌيڪ عرصي تائين سندس اهو ئي معمول رهيو. هن اسان لاءِ اهڙا ته لذيذ کاڌا تيار ڪيا، جو اڄ به مون کي سندن هٿن جي پچايل مانيءَ جو ذائقو ياد آهي. مان اڄ به ڪين پوري يقين سان چوندو آهيان ته مٽيءَ جي ديڳڙيءَ ۾ سڄي رات پچايل جيڪي پاوا هن اسان کي کارايا هئا، اهڙو ذائقو وري زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نصيب نه ٿيو. نيروبيءَ ۾ عباسي صاحب سان منهنجو گڏ رهڻ رڳو هڪ سال رهيو. ان ڪانپوءِ هو اسان جي بئنڪ جي آمريڪا واري آپريشن جو صدر بڻجي نيويارڪ هليو ويو، پر ان هوندي به اڄ تائين اسان جا ساڻس ساڳيا ئي پيار، احترام ۽ خلوص وارا لاڳاپا قائم آهن. سيپٽمبر 2001ع ۾ مان آمريڪا ويو هئس. عباسي صاحب سان فون تي ڳالهه ٿي ته چيائين: 'سومر ڏينهن نيويارڪ آفيس اچي وڃجو، ملاقات به ٿي ويندي ۽ گڏجي ماني به کائينداسين.' پر سومر جي صبح جو سندس فون آيو: 'عابد ميان! اڄ هتي اچڻ جي ڪوشش نه ڪجو. هتي جا حال ته نيروبي واري بغاوت جي ڏينهن کان به وڌيڪ خراب آهن.' اهو ئي ڏينهن هو، جيڪو آمريڪا ۾ سڄي دنيا جي تاريخ ۾ نائن اليون جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ان ڪانپوءِ عباسي صاحب گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا مون سان ملڻ لاءِ هانگ ڪانگ به آيو. پنج سال اڳ ڪراچيءَ ۾ به ساڻس ملاقات ٿي. گذريل اپريل ۾ جڏهن آئون آمريڪا ويو هئس ته جڏهن عباسي صاحب سان ملاقات جو پروگرام هو، انهيءَ ئي ڏينهن منهنجي ان دوست جي ويجهي عزيز جو انتقال ٿي ويو، جيڪو مون کي ساڻس ملائڻ وٺي وڃڻ وارو هو. اهڙيءَ طرح اها ملاقات نه ٿي سگهي ۽ پوءِ رڳو فون تي ڳالهين تائين ئي رابطو محدود رهيو.

اوهان لاءِ دعا طور هڪ شعر مان هميشه پڙهندو رهيو آهيان..

تيرا خاور درخشان رهي تابد فروزان
تيري صبح نور افشان ڪبهي شام تڪ نه پهنچي (آمين)

ياد رهي ته محترم، پيارو ۽ محسن اي جي عباسي صاحب (اڳوڻو جنرل مئنيجر، آفريڪا، حبيب بئنڪ، نيويارڪ) ٻه ڏينهن اڳ نيويارڪ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. (الله تعاليٰ کين پنهنجي بي پناهه رحمتن جي ڇانوَ ۾ جاءِ عطا فرمائي آمين)

جڏهن ٻچڙن جي بازيابيءَ جو مطالبو به دهشتگردي بڻجي وڃي!

منظور ڪوسو

ڪنهن به رياست جي سڀ کان پهرين ذميواري پنهنجي شهرين جي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ هوندو آهي پر جڏهن هڪ ماءُ کي پنهنجي گم يا اغوا ٿيل ٻار جي واپسيءَ لاءِ روڊن تي ويهي ڏينهن هفتا ۽ مهينا احتجاج ڪرڻو پوي، تڏهن سوال صرف هڪ ٻار جي گمشدگيءَ جو نه هوندو آهي پر رياست جي ذميواري، انصاف جي نظام ۽ انساني حقن جو به بڻجي ويندو آهي. ڀرلوءِ باءِ پاس تي ويٺل ماٿرون 27 ڏينهن تائين سخت گرميءَ ۾ پنهنجي ٻچڙن جي واپسيءَ لاءِ دانهينديون رهيون، سندن دانهون نه صرف سنڌ پر سڄي ملڪ تائين پڌيون ويون پر وس وارن ۽ بااختيار ماڻهن پاران ٻڌي اڻ ٻڌي ڪئي پئي وئي جڏهن رياست وٽ سمورا وسيلا ۽ اختيار موجود هجڻ باوجود به هڪ به ٻار بازياب نه ٿي سگهي ته اها صورتحال فڪرجوڳي ضرور آهي آخر نتيجو اهو نڪتو ته گم يا اغوا ٿيل ٻچڙن جي بازيابيءَ جو مطالبو دهشتگردي آهي! ڇڻ ته ماڻهن کي ٻڌايو پيو وڃي ته هر حال ۾ خاموش رهو نه ته دهشتگرديءَ جا قلم لڳل هڪ ٺهيل ٺڪيل ايف آءِ آر پروفارما ڪيترن ئي ورهين کان تيار پيو آهي فقط خانن ۾ نالا پُرڻا آهن ۽ مختلف وقتن تي انهن ۾ مختلف ماڻهن جا نالا پريا ويندا آهن ۽ هن ڀيري ان پروفارما ۾ "پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي" جي سرگرم اڳواڻن ميمبرن ۽ ماٿرن جا نالا پريا ويا آهن!!

اسٽيٽ طرفان ڌرڻي وارن تي اها ڪا فرياد ناهي پر هن کي زبان بندي چئي سگهجي ٿو ته اوهان ٻارڙن جي بازيابيءَ جو مطالبو ڇو ڪيو؟ سرڪار جو نمائندو چئي پيو ته گم ٿيل ٻار ڳوليون پيا ۽ توهان وقت ته ڏيو! فضيلا سرڪيءَ کي گم ٿئي 19 سال گذري ويا ۽ پريا ڪماريءَ کي اغوا ٿئي پنج سال! خبر نه ٿي پئي ته سرڪار کي ايئان وڌيڪ ڪيترو وقت گهرجي؟ ۽ جنهن اندر هوءَ ٻار ڳولي سگهندي؟ جيتوڻيڪ هيءَ سنڌ جو مقامي مسئلو آهي ٻار اغوا ڪري ڪي ٻاهرين ملڪ ڪونه موڪليا ويا هوندا پر پوءِ به پنهنجي ناڪاميءَ کي لڪائڻ لاءِ ٻارڙن جي ماٿرن، احتجاج ڪندڙن ۽ صحافين تي اڌ رات جو لٺين جو وسڪارو ڪري کين کُليل پوليس موبائل ۽ قيدين جي وين ۾ اُڇليو ويو سبب ٻڌايو ويو ته هو ملڪ دشمن سرگرمين ۾ ملوث آهن ۽ دهشتگرد آهن ماڻهن کي خاموش ڪرڻ جي اها تدبير پراڻي آهي آمر ضياءُ الحق جي مارشل لا کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ماڻهن کان ان ريت پُرامن احتجاج ۽ ڳالهائڻ جو حق کسيو پيو وڃي اهو حق، جيڪو انهن جو بنيادي تسليم ٿيل انساني حق آهي ڪڏهن دين خطري ۾ ته ڪڏهن ملڪ پر حقيقت اها آهي ته ٻئي شيون پائنده آباد آهن جيڪڏهن ڪو خطري ۾ آهي ته اهو هتان جو عوام آهي بدامني انصاف جو نه ملڻ نهايت مهانگو ۽ ڳالهائڻ جي قيمت ايتري وڏي جو ملڪ دشمن ۽ دهشتگردي جهڙا ايڪٽ لڳائي کُليل ڪاٽن ۾ بند ڪيو وڃي ٿو 25 کان وڌيڪ ٻار گم 27 ڏينهن کان ساهه ٻوساٽيندڙ اتر سنڌ جي گرميءَ ۾ ڌرڻو لڳل پر سڀني وسيلا ۽ طاقت هجڻ باوجود به امن امان جا ذميوار ادارا ڪنهن ماءُ جو هڪ به ٻار بازياب نه ڪرائي سگهيا آهن.

ملڪ جي اڳوڻو وزيراعظم ۽ موجوده چيئرمين سينيٽ سيد يوسف رضا گيلانيءَ جو پٽ علي حيدر گيلاني ملتان (فاروق آباد) 21pp ۾ پنهنجي چونڊ مهم هلائيندي 9 مئي 2013ع تي اغوا ٿيو هو) گيلاني صاحب ان دوران ڪهڙي صدمي مان گذريو هوندو؟ هن ضرور ائين محسوس ڪيو هوندو ته جيئن مٿس درد جي هماليه اچي هن مٿان ڪهڪو ڪيو هجي!! چوندا آهن "اها جاءِ جلي جتي ٻاهه ٻري" بس ان درد کي جيئن يوسف رضا گيلاني محسوس ڪيو هجي شايد ئي ڪو ڪري سگهي تن سالن ڪانپوءِ 10 مئي 2016ع تي علي حيدر گيلاني افغانستان جي شهر غزنيءَ مان بازياب ٿيو هو ٻار ٻچا هر ماڻهوءَ لاءِ ڪُل ڪائنات ٿين ٿا محبتون طبقاتي نه ٿينديون آهن 27 ڏينهن تائين ماٿرون پنهنجن ٻچڙن لاءِ ڀرلوءِ باءِ پاس تي آهه ۽ پڪار ڪنديون رهيون، سڄي دنيا ٻڌو پئي 3 سال هريل قيامت جهڙو مغوي پٽ جي وڇوڙي ۽ طرحين طرحين وهمن وسوسن ۾ گذاريندڙ چيئرمين سينيٽ يوسف رضا گيلانيءَ جي ڪنن تي به سنڌ جي انهن امڙين جا سڏڪا پهتا هوندا سنڌ جي ڪافي ابوجهه ماڻهن جي گيلاني صاحب سان روحاني وابستگي پڻ آهي گهٽ ۾ گهٽ هن کي ته سنڌ جي دهشتگرد ماٿرن جون دانهون ٻڌڻ گهرجن ها!! اڄ جڏهن سنڌ جون ماٿرون پنهنجن گم ٿيل ٻچڙن لاءِ سڏڪا ڀري رهيون آهن تڏهن انهن جي آواز کي سياسي عينڪ سان نه پر انساني همدرديءَ سان ٻڌڻ جي ضرورت آهي انصاف جي تقاضا اها آهي ته گم ٿيل ٻچڙن جي بازيابيءَ ۾ ڪي سڀ کان اولين ترجيح ڏني وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻي آهي ته اها انهن خلاف ڪئي وڃي جن جي ڪري ماٿرون روڊن تي آيون آهن جنهن سماج ۾ ٻار ڳولهڻ جو مطالبو به ڏوهه بڻجي وڃي اتي سڀ کان وڏو سوال صرف گم ٿيل ٻچڙن جو نه پر انصاف جي مستقبل جو به هوندو آهي.

سنڌ ۾ پاڻيءَ جو بحران تاريخ جي آئيني ۾!

ايڊووڪيٽ حق نواز ميمڻ

سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ کي جيڪڏهن صرف هڪ موسمياتي يا زرعي مسئلو سمجهيو وڃي ته اها حقيقت کان اکيون ٻوٽڻ جي برابر هوندي. اصل ۾ اهو مسئلو تاريخ، آئين، ماحول، معيشت ۽ وفاقي لاڳاپن سان سلهاڙيل آهي. سنڌي عوام جو احتجاج رڳو پاڻيءَ جي کوٽ خلاف نه پر انهن خدشن ۽ امڪاني منصوبن خلاف آهي ته جيڪڏهن درياهه جو قدرتي وهڪرو مسلسل متاثر ٿيندو رهيو ته ان جا نتيجا فقط فصلن تائين محدود نه رهندا پر سنڌ جي سماجي ۽ ماحولياتي وجود تي به اثرانداز ٿيندا. سنڌو درياهه هزارين سالن کان سنڌ جي تهذيب، زراعت ۽ معيشت جو بنياد رهيو آهي موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين سنڌ جي آبادڪاري، شهرن جي اوسر ۽ زرعي خوشحاليءَ جو مرڪز سنڌو درياهه ئي رهيو آهي ان ڪري جڏهن به پاڻيءَ جي ورڇ يا نئين منصوبي جو سوال اٿي ٿو ته سنڌ ۾ ان کي صرف هڪ ترقياتي منصوبي طور نه پر پنهنجي مستقبل سان لاڳاپيل سوال طور ڏٺو وڃي ٿو.

پاڻيءَ بابت هلندڙ اختلاف ملڪ ٺهڻ کان اڳ جا آهن برطانوي دور ۾ 1859ع کان پنجاب ۾ نوان ڪئنال ۽ آبپاشي منصوبا تعمير ٿيڻ لڳا، جن سان مٿئين وهڪري تي پاڻيءَ جو استعمال وڌڻ لڳو ان وقت به سنڌ خدشو ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن مٿان پاڻيءَ جي کپت وڌندي وئي ته هيٺين وهڪري تي ان جا ناڪاري اثر پوندا اينڊرسن ڪميشن، راءِ ڪميشن ۽ ٻين فني رپورٽن به هيٺين وهڪري بابت اهڙن خدشن جو ذڪر ڪيو، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته اهو تڪرار ڪو اڄ جو پيدا ڪيل سياسي موضوع ناهي بلڪ گڏيل هندستان ۽ انگريزن جي دور جو آهي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اميد هئي ته صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ آئين ۽ انصاف جي بنياد تي ٿيندي پر وقت سان گڏ اختلاف وڌندا ويا. 1960ع جو سنڌ طاس معاهدو ٻن ملڪن وچ ۾ درياهن جي ورڇ بابت اهم معاهدو هو پر ملڪ اندر پاڻيءَ جي ورڇ جو سوال برقرار رهيو. ان کان پوءِ وڏا ڊيم، لنڪ ڪئنال ۽ آبپاشي منصوبا ٺهندا رهيا، جن بابت سنڌ مسلسل پنهنجا تحفظات ظاهر ڪندي رهي آهي.

1991ع جو پاڻي ٺاهه مسئلي ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو انهيءَ معاهدي جو مقصد صوبن جي پاڻيءَ جي حقن کي تحفظ ڏيڻ ۽ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ هو. سنڌ جو بنيادي موقف اڄ به اهو آهي ته جيڪڏهن هن معاهدي تي ان جي اصل روح مطابق عمل ڪيو وڃي ته ڪيترائي تڪرار پاڻمرادو گهٽجي سگهن ٿا. ان ڪري ضرورت نون تڪرارن پيدا ڪرڻ جي نه پر موجوده معاهدن تي ايمانداريءَ سان عمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جي آهي. ويجهڙ ۾ نون ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ بابت تجويزن سنڌ ۾ نئين بحث کي جنم ڏنو حڪومتن جو موقف آهي ته اهي منصوبا زرعي ترقي ۽ خوراڪ جي سلامتيءَ لاءِ ضروري آهن جڏهن ته سنڌي عوام جو خدشو آهي ته جيڪڏهن موجوده پاڻيءَ جي دستيابي ۽ هيٺين وهڪري جي ضرورتن کي نظرانداز ڪري نوان منصوبا شروع ڪيا ويا ته سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿي اهڙين حالتن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته هر فيصلي کان اڳ شفاف ڊيٽا، فني جائزو، آئيني ادارن جي راءِ ۽ صوبن جي اعتماد کي ترجيح ڏني وڃي.

سنڌ جي پاڻيءَ واري بحران جو سڀ کان حساس رخ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ سنڌو درياهه جي گهٽجندڙ وهڪرن سان لاڳاپيل آهي سنڌ ڊيلٽا، جيڪو هڪ وقت دنيا جي شاهوڪار ڊيلٽائن ۾ شمار ٿيندو هو، اڄ سامونڊي چاڙهه، زمين جي ڪاراڻ، تمر جي ٻيلن جي تباهي ۽ سامونڊي حياتيات جي گهٽتائيءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي ماحولياتي ماهرن جو خيال آهي ته ڊيلٽا جي بقا لاءِ هيٺين وهڪري تائين مناسب مقدار ۾ پاڻي پهچڻ لازمي آهي ٻي صورت ۾ قدرتي نظام کي بحال رکڻ ڏکيو ٿيندو پاڻيءَ جي بحران ۽ موسمياتي تبديلي به هڪ ٽئون عنصر بڻجي سامهون آئي آهي سنڌ جي پاڻيءَ تي ڳالهائڻ، لکڻ، پڙهڻ ۽ جوڙڻ جو مقصد ڪنهن ٻئي صوبي جو حق کسڻ نه پر پنهنجي آئيني ۽ قانوني حقن جو تحفظ ڪرڻ آهي مضبوط وفاق جو بنياد به اهو ئي آهي ته هر صوبي کي پنهنجي وسيلن بابت اعتماد حاصل هجي ۽ فيصلا صلاح مشوري، قانون ۽ انصاف جي بنياد تي ڪيا وڃن پاڻيءَ جي مسئلي کي جيڪڏهن مستقل بنيادن تي حل ڪرڻو آهي ته جذباتي ٿيڻ کان پهرين حقيقتن، شڪ شهبن کان وڌيڪ شفافيت ۽ بيانن کان وڌيڪ عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي تاريخ ٻڌائي ٿي ته پاڻيءَ بابت غلط فيصلا صدين تائين پنهنجا اثر ڇڏيندا آهن جڏهن ته انصاف تي ٻڌل پاليسيون نسلن جي خوشحاليءَ جو سبب بڻجنديون آهن سنڌو درياهه رڳو سنڌ جي پر ملڪي معيشت، ماحول ۽ وفاقي استحڪام جي ساهه واري رڳ آهي ان جي وهڪري، ڊيلٽا ۽ هيٺين وهڪري جي حقن جو تحفظ ڪنهن هڪ صوبي جي عوام جو مطالبو نه پر ملڪ جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي جيڪڏهن پاڻيءَ جي ورڇ ۾ آئين سائنس ماحوليات ۽ صوبائي اعتماد کي بنياد بڻايو ويو ته اختلاف گهٽجي سگهن ٿا پر جيڪڏهن تاريخ جي سبقن کي نظرانداز ڪيو ويو ته اهو بحران ايندڙ سالن ۾ وڌيڪ پيچيده ۽ سنگين صورت اختيار ڪري سگهي ٿو ڇو ته جڏهن درياهه زنده رهندو تڏهن ئي زراعت، معيشت، ماحول ۽ وفاق به مضبوط رهندو.

اڄوڪو ڏينهن ---- 26 جولاءِ

آصف علي زرداري



اڄ موجوده صدرِ پاڪستان ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪو چيئرمين آصف علي زرداريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 26 جولاءِ 1955ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. سندس والد حاڪم علي زرداري شهيد بينظيرآباد ضلعي جي ڳوٺ مير خان زرداريءَ جو رهواسي هو ۽ پنهنجي ٽر جو هڪ وڏو زميندار هو. آصف علي زرداريءَ ابتدائي تعليم مريم اسڪول نواب شاهه مان حاصل ڪئي ۽ ان بعد سينٽ پيٽرڪ اسڪول ڪراچيءَ ۾ پڙهيو. هن ٻارهين ڪلاس جو امتحان ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري مان پاس ڪيو ۽ وڌيڪ تعليم لنڊن جي اسڪول آف اڪنامڪس اينڊ بزنس مان حاصل ڪئي. 1987ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو سان شادي ڪرڻ بعد هن ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. هو 1990ع ۽ 1993ع وارين چونڊن ۾ سوڀارو ٿي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو ۽ ماحوليات ۽ سيڙپڪاريءَ وارن کاتن جو وفاقي وزير مقرر ٿيو. 1997ع کان 1999ع تائين پاڪستان جي سينيٽ جو ميمبر (سينيٽر) رهيو. 1987ع کان 2007ع وارن سالن دوران هن تي ڪيترائي ڪرپشن جا ڪيس داخل ڪيا ويا ۽ هن لڳ ڀڳ 11 سال جيل ۾ گذاريا. هن تي شهيد مرتضيٰ ڀٽي جي قتل جو الزام پڻ لڳايو ويو پر انهن مان ڪو به ڪيس عدالت ۾ سچو ثابت نه ٿيو. هن 2008ع کان 2013ع تائين صدرِ پاڪستان طور ذميداريون سنڀاليون ۽ 10 مارچ 2024ع کان هڪ ڀيرو ٻيهر انهيءَ عهدي تي فائز آهي. زرداري صاحب کي جنم ڏينهن تي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

رياض پارس ملاح

رياض پارس ملاح جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1979ع ۾ تعلقي ٺاري ضلعي خيرپورميرس جي ڳوٺ جمال الدين ملاح ۾ ٿيو هن 1998ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ هڪ شاعر ۽ نثر نويس طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي هو "جديد تاريخ ٺارو" ۽ "ريگستان" رسالن جو چيف ايڊيٽر ۽ رسالي "سرهي سوچ" جو سب ايڊيٽر رهي چڪو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "پيچ پريت جو"، "ٻاراڻا ٻول ۽ راڻديون" ۽ "سنڌوءَ جي ڪناري" شامل آهن.

سيد علي محمد شاهه راشدي

سيد علي محمد شاهه راشدي پنهنجي دور جو جيد عالم، مصنف ۽ مدرس ٿي گذريو آهي ڪيس فقهه حنفي تي وڏو عبور حاصل هو سنڌيانا انسائيڪلو پيڊيا مطابق هن بزرگ جي ولادت 26 جولاءِ 1811ع تي مٽياري ضلعي جي ڳوٺ لاڏيري لال ۾ ٿي هن ابتدائي ديني تعليم ڏاتڙي شريف واري مدرسي مان حاصل ڪئي ان بعد مٽياريءَ جي عالم مخدوم عبدالڪريم متعلوي ۽ ٻين عالمن وٽ اعليٰ ديني تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو فقط نون سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ ڏاتڙي شريف واري درگاهه جي سجاده نشين طور گادي نشين ٿيو درگاهه جا معاملات هلائڻ سان گڏ هو ڏاتڙي شريف واري مدرسي ۾ درس ڏيندو هو سنڌس دور ۾ اهو مدرسو سنڌ جي وڏن مدرسن ۾ شمار ڪيو ويندو هو هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان "مصلح المفتاح" (نماز جا مسئلا)، "بياض سيدي" (مختلف فقهي مسئلا) ۽ "زبدة المولود" (سيرت النبي ﷺ) گهڻو مشهور ٿيا هن بزرگ 21 اپريل 1870ع تي رحلت ڪئي.

عبدالحفيظ قريشي



اڄ مشهور قانوندان ۽ قوم پرست اڳواڻ عبدالحفيظ قريشيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن کي "حفيظ قريشي سينيئر" ۽ "ڇوليا حفيظ قريشيءَ" جي نالي سان به ياد ڪيو وڃي ٿو هن 26 جولاءِ 1920ع تي هالا پراڻا ۾ اکيون کوليون اڃا سال کن جو ابهم ٻارڙو هو جڏهن هن جي والد قاضي شفيع محمد وفات ڪئي ان کري هن جي پالنا سنڌس وڏي ڀاءُ قاضي محمد بچل ڪئي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ سيڪنڊري تعليم ٽنڊي باگي هاءِ اسڪول مان حاصل ڪري ممبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين بي اي جي سند ممبئي يونيورسٽيءَ مان ۽ قانون جي سند ڪراچي لا ڪاليج مان حاصل ڪيائين هن ڪجهه عرصو سنڌ مدرسي اسڪول ۾ پڙهايو ۽ بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪيائين هن کي پلاري پٽ ڏٺيءَ، علامه اقبال ۽ غالب جي شاعريءَ تي عبور حاصل هو هو سڄي عمر سائين جي ايم سيد جو ساٿي رهيو. بزم صوفياءِ سنڌ، ون يونٽ مخالف تحريڪ ۽ سنڌ متحده محاذ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين 1970ع واري ڏهاڪي ۾ رسول بخش پليجي جي سنڌ عوامي تحريڪ جو صدر بڻيو ۽ ٿورڙي عرصي کان پوءِ اها پارٽي ڇڏي ڏنائين تقرير ۽ تحرير ۾ سنڌس ڪو مٽ ۽ ثاني نه هو قومي تحريڪ ۾ ڀرپور وٺڻ سبب ڪيترائي ڀيرا قيد ۽ بند جون سختيون برداشت ڪيائين هن 29 جولاءِ 1997ع ۾ وفات ڪئي.


مختيار انڙ

انيس انصاري



اڄ مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ محقق انيس انصاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌس جنم 26 جولاءِ 1923ع تي احمد بخش انصاريءَ جي گهر ۾ ٿيو هن جي ٻانگ جو نالو الهه بخش انصاري هو. مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي اباڻي شهر لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات 1943ع ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين ۽ ترقي ڪندو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تائين پهچي رٽائر ٿيو هن لڳ ڀڳ 60 ڪهاڻيون ۽ افسانا لکيا، جيڪي سنڌس ڪتابن "انيس جا افسانا" ۽ "ناسور" ۾ ڇپيل آهن سنڌي، اردو ۽ هنديءَ ۾ شاعري ڪيائين هن 2 مارچ 2000ع تي دم ڏنيءَ جي حوالي ڪيو سنڌس آخري آرامگاهه لاڙڪاڻي ۾ آهي سنڌس پونئرن سنڌس ياد ۾ "انيس انصاري اڪيڊمي" قائم ڪئي آهي جنهن پاران ڪهاڻين تي "انيس انصاري ايوارڊ" ڏنو وڃي ٿو.

گلاب راءِ رامچنداڻي



پاڪستان ٺهڻ کان پهريائين سنڌ جي پنهنجي هڪ ڪرڪيٽ ٽيم هئي ۽ گلاب راءِ ميرچنداڻي انهيءَ ٽيم جو مشهور رائونڊر هو هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1927ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو هو پهريون ڀيرو 1945-46ع ڌاري سنڌ جي ٽيم ۾ شامل ٿيو ۽ مهاراشٽر جي ڪرڪيٽ ٽيم سان ٿيل مئچ ۾ حصو ورتائين ان بعد ٻن وڌيڪ فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ مئچن ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪيائين ورهاڱي کان پوءِ ڀارت جي ڪرڪيٽ ٽيم جو حصو بڻجي ويو ۽ 1952ع ۽ 1960ع جي وچ ۾ 33 ٽيسٽ مئچن ۾ حصو ورتائين هن آسٽريليا خلاف هڪ مئچ ۾ ڀارتي ٽيم جي اڳواڻي پڻ ڪئي تاريخ 8 سيپٽمبر 2003ع تي سنڌس لاڏاڻو ٿيو.

نظير احمد پنڌ

هو مشهور ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ جو جنم 26 جولاءِ 1947ع تي خدا آباد ويجهو ڳوٺ بلاول پنڌ ۾ ٿيو هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي هو سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن خدا آباد جي باني ميمبرن مان هڪ هو ۽ انهيءَ ايسوسيئيشن جو مرڪزي عهديدار رهيو ٻين به ڪيترين ئي سماجي تنظيمن جو ميمبر رهيو هڪ ليکڪ طور هن جا ڪيترائي تحقيقي مضمون ڇپجي پڌرا ٿيا هن جو ترتيب ڏنل ڪتاب "تختگاهه خدا آباد" سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ڪتاب قرار ڏئي سگهجي ٿو هن 28 جنوري 2017ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

رياض حسين ميمڻ



اڄ مشهور ليکڪ، شاعر ۽ صحافيءَ رياض حسين ميمڻ جي جنم جو ڏينهن آهي پاڻ سنڌ جي ٻرڪ صحافيءَ ۽ تحريڪ آزاديءَ جي سپاهيءَ مرحوم حاجي محمود هالائيءَ جو فرزند آهي سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1963ع ۾ ميرپور خاص ۾ ٿيو رياض حسين ننڍپڻ ۾ مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ سندس ڪرنگهي واري هڏيءَ ۾ نقص ٿي پيو ۽ سندس اکيون، ڪن ۽ ڳلو پڻ متاثر ٿيا ۽ هو جسماني طور تي معذور ٿي پيو انهيءَ ڪري هو ڪنهن به اسڪول ۾ باقاعدي تعليم حاصل نه ڪري سگهيو البت هن همت نه هاري ۽ پنهنجي والد، ڀائرن ۽ ڀينرن کان سنڌي، اردو ۽ ٿوري گهڻي انگريزي سکي ورتائين ۽ هن 1992ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پرائيويٽ طور پاس ڪري ورتو رياض حسين کي ننڍي هوندي کان ئي ادب سان دلچسپي رهي هن اخبارن ۽ رسالن ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا، ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ به اسڪرپٽ لکيائين هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "آشائن جا ديپ" (ڪهاڻيون - 1990ع)، "ٽڙڪ لهرون سڏڪا" (آتم ڪٿا - 2018ع) ۽ "ميرپور خاص جا ڏات ڏڻي" (2022ع - سوانحي خاڪا) شامل آهن هو ميرپورخاص جي سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار پڻ رهيو آهي.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

بقايا 1 — هڪ فوت

ڪري پيا جن کي علائقي واسين ٻاهر ڪڍي فوري طور ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتال عمرڪوٽ آندو جتان فوتي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ ٻن ٻارن کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو واقعي ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي ۽ فوتي جي گهر ڪهرام مچي ويو جڏهن ته علائقي واسين انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته برساتي پاڻي سان ٿيندڙ خطرناڪ کڏن کي فوري طور ڀرايو وڃي ۽ اهڙن هنڌن تي حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن جيئن مستقبل ۾ اهڙن المناڪ حادثن کان بچي سگهجي هوڏانهن برسات سبب هيٺيان علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا بجلي ۽ مواصلاتي نظام درهم برهم ٿي ويو ڪچن رستن وارن ڳوٺن جا زميني رستا ڪٽجي ويا جڏهن ته عمرڪوٽ ۽ ڪنري شهرن جي مختلف پاڙن ۽ بازارن ۾ پڻ پاڻي بيهجي ويو خاص ڪري ڏاڙو لکين روپين سان ٺاهيل سرڪاري بلاڪ وارا روڊ تباهه ٿي ويا ناقص ۽ غير معياري ڪم سبب لڳايل بلاڪ لڙهي ويا

بقايا 2 — اسپتال منتقل

پرسان نشو ڪندي فوت ٿيو آهي ۽ سندس لاش مليو آهي.

بقايا 3 — خلاف احتجاج

جسقم شهيد بشير خان ضلعي خيرپور جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ زاهد حسين شنباڻي ڪئي جڏهن ته نواز شنباڻي ڪامريڊ فريد خاصخيلي گدا حسين شنباڻي ۽ ٻين قومي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پريا ڪماري سميت سنڌ مان اغوا ٿيل سمورا معصوم ٻارڙا بنا دير بازياب ڪيا وڃن هنن وڌيڪ چيو ته پرامن احتجاج هر شهري جو آئيني ۽ جمهوري حق آهي پر احتجاج ڪندڙن تي تشدد ڪرڻ بيگناهه ماڻهن جي گرفتاري ڪرڻ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ انتهائي افسوس ناڪ عمل آهي مظاهرين سخت نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو ته جسقم جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري پنهل خان ساريو ،پريا ڪماري ايڪشن ڪاميٽي جي چيئرمين سهڻي پارس شهناز شيخ صحافي مٺل کهڙو ۽ مغوي ٻارن جي وارثن ۽ ٻين قومي ڪارڪنن مٿان داخل ڪيل سمورا ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن .

بقايا 4 — پاڻي هيٺ

ڪمزور ٿي ويا آهن جنهن ڪري گهارا پوڻ روز جو معمول بڻيل آهن جنهن ڪري آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي ان موقعي تي هنن آبپاشي کاتي جي اعلیٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي .

بقايا 5 — نوجوان فوت

سهندي فوت ٿي ويو مرحوم جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي هوڏانهن حادثي جو سبب بڻجندڙ اڻڄاتل ڪار ڊرائيور جو اڃا تائين پتو نه پئجي سگهيو آهي

بقايا 6 — ريلي ڪڍي وئي

۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽرن چيو ته هيپاٽائيٽس جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان آگاهي ريلي جو مقصد عوام ۾ بيماري بابت شعور پيدا ڪرڻ وقت سر جاچ ڪرائڻ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ ۽ علاج جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي هنن عوام کي اپيل ڪئي ته هيپاٽائيٽس کان بچاءَ لاءِ احتياطي اپاءَ اختيار ڪن غير معياري سرنجن ۽ اوزارن جي استعمال کان پاسو ڪن ۽ ڪنهن به شڪ جي صورت ۾ فوري طور طبي معائنو ڪرائڻ

بقايا 7

ڪيو جڏهن ته ٻارن جي رڙين تي علائقي واسي گڏ ٿي ويا ۽ علائقي واسين کي ڏسي فرار ٿي ويا هنن جو وڌيڪ اهو به چوڻ هو ته اسان جي مٿان ڪنهن به قسم جو ڪو به ڪيس داخل نه آهي ۽ سپاهي عباس ملڪ ڪنهن جي چوڻ تي ناجائز حملو ڪيو آهي هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۽ ايس ايس پي خيرپور ميرس کي اپيل ڪندي گهر ڪئي آهي ته معملي جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 8 — جاچ جو مطالبو

ڪرائي آهي جنهن ۾ الزام لڳايو آهي ته هنن سندس پٽ حسنين ولد پرويز احمد دستي سان جنسي زيادتي ڪئي آهي هن الزام ۾ ڪا به صداقت ناهي ۽ کين بنا جواز بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف اڻ ڌري ۽ قانون موجب جاچ ڪرائي وڃي ته جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن.هنن ڊي آءِ جي ميرواهه ۽ ايس ايچ او ميرواهه سميت اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته واقعي جي منصفاڻي جاچ ڪرائي کين انصاف سان گڏ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 9 — ڌمڪين جا الزام

ڪندو هو جنهن جي منع ڪرڻ تي هن پنهنجي گهرواري مسمات آسيه کي گذريل چار مهينن کان وٺي هٿ چڙهي ويو آهي جنهن کي پيٽ ۾ هوا ڀرڻ جو آپريشن گذريل ڏينهن ڪنڌڪوٽ جي نجي اسپتال مان ڪرايو جنهن دوران مٺل پٽ جو ٻار پيدا ٿيو جيڪو به ظالم پاڻ سان گڏ کڻي ويو جنهن جو قتل الزام اسان مٿان هڻي رات اسان گهر ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي اسان مٿان تشدد ڪري نياڻي کي قتل جون ڌمڪيون ڏئي فرار ٿي ويو جنهن واقعي جي اين سي به اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي اسين وس وارن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪريون ٿا جلد لوفر کي قانون جي گرفت ۾ آڻي نياڻي جي زندگي بچائي وڃي

بقايا 10 — احتجاجي مظاهرو

رجب زرداري، ڏاڪٽر حسين، ممتاز زرداري، نذير احمد، محمد زرداري ۽ سليم زرداري جي گهر وارين سيما زرداري ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو آهي ته اسان جي مڪرباري وقت جي لياري مطلب پيپلز پارٽي جو قلعو هئي ۽ ان وقت جي مخالفن جي دور ۾ اسان مٿان ڪيس داخل ڪيا ويا ۽ اسان کي طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون ويون جن جو رڪارڊ اڄ به موجود آهي هاڻي وري پنهنجي ئي پارٽي جي حڪومت ۾ پوليس اسان سان ناجائزي ڪري پنهنجي ٻچڙن سان شهر ڏانهن ويندڙ ماڻهن کي کڻي گم ڪري بعد ۾ پيسن جي گهر ڪئي وڃي ٿي جيڪا نه ڏيڻ تي چرس ۽ منشيات جا ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا هنن چيو ته اسان جي دانهن جي داد رسي ڪرڻ وارو ڪو ناهي رهيو اسان بي يارو مددگار بڻيل آهيون جنهن سبب پوليس اسان سان ناانصافي ڪري رهي آهي هنن الزام هڻندي چيو ته ڪجهه ڏينهن پهريان سليم زرداري جيڪو پنهنجي عورتن سان گڏ فوتگي جي اطلاع تي تعزيت ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو ته کيس پوليس طرفان کڻي گم ڪيو ويو بعد ۾ پئسن جي گهر ڪئي وئي نه ڏيڻ تي ايس ايس پي نوشهروفيروز پاران کيس پريا ستي ۾ چرس جو ڪوڙو ڪيس لڳائي ظاهر ڪيو ويو آهي متاثر ماڻهن پاران پنهنجي برادري جي سردار صدر پاڪستان آصف علي زرداري بلاول ڀٽو زرداري ميڊم فريال ٽالپر حاجي علي حسن زرداري عاشق حسين زرداري سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته نوٽيس وٺي سليم زرداري مٿان داخل ڪيس ختم ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 11 — استادن جو احتجاج

علي اصغر شاهه اسڪول کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ اتان آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي احتجاج ۾ وڏي انگ ۾ استادن شرڪت ڪئي جن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي پ ٽ الف جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري اعجاز علي چانڊيو تعلقي صدر اعجاز منگي جنرل سيڪريٽري عبدالصمد بگهيو مطلوب ناريجو ۽ ٻين اڳواڻن آزاد پريس ڪلب ميهڙ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پرائمري استاد شمس الدين سولنگي جي معصوم نياڻي اجالا پروين اسڪول کان موڪل بعد اغوا ٿي هئي جنهن کي اڄ 100 ڏينهن گذري چڪا آهن پر اڃا تائين سندس ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي هنن چيو ته اها انتهائي افسوسناڪ ڳالهه آهي ته معصوم ٻارڙي جي بازيابي لاءِ رياستي ادارا اطمينان جوڳو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن جنهن سبب وارث سخت ذهني اذيت ۾ مبتلا آهن هنن الزام هنيو ته ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس تي اغوا ٿيل ٻارڙن جي بازيابي لاءِ جاري پرامن ڌرڻي تي پوليس چڙهائي ڪري عورتن نياڻين وڪيلن صحافين ۽ احتجاج ۾ شامل ٻين ماڻهن تي تشدد ڪيو جڏهن ته اجالا پروين جي والد شمس الدين سولنگي سندس چاچي سردار سولنگي ۽ ٻين کي گرفتار ڪري سندن مٿان دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪيا ويا، جيڪو عمل مذمت جوڳو آهي استادن جي اڳواڻن چيو ته حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ذميواري آهي ته اغوا ٿيل ٻارڙن کي جلد بازياب ڪرائي وارثن کي انصاف فراهم ڪن پر ان جي ابتڙ پرامن احتجاج ڪندڙن کي هراسان ڪري سندن آواز دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي هنن مطالبو ڪيو ته اجالا پروين سولنگي پريا ڪماري ۽ سنڌ جي مختلف شهرن مان اغوا ٿيل ٻين سمورن ٻارڙن کي بنا دير بازياب ڪيو وڃي، پرائمري استاد شمس الدين سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪندڙن خلاف داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن پوليس تشدد ۾ ملوث اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثر خاندانن کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي آخر ۾ احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته پ ٽ الف سميت مختلف سماجي ۽ شهري تنظيمون احتجاج جو دائرو وڌائينديون ۽ سڄي سنڌ ۾ وڌيڪ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 12 — جي دعوي

پوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ ۽ پڇا ڳاڇا جاري آهي جڏهن ته قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد کيس لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو ايس ايچ او اشفاق احمد شر چيو ته ڏوهارين خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائيون جاري رهنديون ۽ علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ پوليس پنهنجون ذميواريون ڀرپور نموني نڀائيندي

بقايا 13

ڪينال جيڪي صرف دريائي ٻوڏ دوران سنڌ حڪومت جي اجازت سان کولڻا آهن،پر وفاقي حڪومت ۽ پنجاب جو حڪمران طبقو سنڌي عوام جي سخت احتجاجن ۽ اعتراضن جي باوجود وهائي سنڌ جي حصي پٽيءَ جو پاڻي کليو وڃي ،جنهن جي ڪري سنڌ جون لکين ايڪڙ آباد ۽ سرسبز زمينون رڻ پٽ ۽ بيابان ٿي ويون آهن مٿان وري غير قانوني جلالپور ڪينال ڏاهي سنڌ جي حصي پٽيءَ جي پاڻي تي وڌيڪ ڌاڙو هنيو ويو آهي اڳواڻن چيو ته ٻئي پاسي پيپلزپارٽي جيڪا گذريل اڙيهه سالن کان سنڌ مٿان حڪمراني ڪندي اچي اُن سنڌ جي پاڻي ،زمينن ۽ وسيلن جو دفاع ڪرڻ بدران ڪرسي خاطر سنڌ جي وسيلن کي مال غنيمت سمجهي سڀ ڪجهه وفاق حوالي ڪري ڇڏيو آهي اڳواڻن چيو ته پيپلزپارٽي جو وڏيرڪو ،عوام دشمن ۽ ڪرسي پرست حڪمران طبقو گذريل اڙيهه سالن جي اقتدار دوران سنڌي عوام کي گمراهه ڪرڻ ۽ سنڌو درياءَ ۽ سنڌ جي وسيلن کي بچائڻ لاءِ هلندڙ جدوجهدن کي ناڪام ڪرڻ ۽ عوام جو ڌيان هٽائڻ لاءِ سوين رنگن ۽ روپن ۾ ناٽڪ ،مڪر دوکوفريب ۽ چالاڪي کان ڪم وٺي سنڌ دوستي جو ڪوڙو جبو پائي "مرسون مرسون ،سنڌ نه ڏيسون" جي نالي ۾ مودي سرڪار خلاف مظاهرا ڪري پئي جڏهن ته غير قانوني ڏاهيل جلالپور ڪينال سميت سنڌو درياءَ جي پاڻي تي وفاقي حڪومت ۽ پنجاب جي حڪمران طبقي طرفان لڳندڙ ڏاڙي خلاف خاموش بڻيل آهي وڏي افسوس جي اها ڳالهه آهي پيپلزپارٽي جو سينيٽ جو ميمبر پاڻي بابت سينيٽ ڪميٽي جو چيئرمين چوي ٿو ته جلالپور ڪينال ڏاهڻ ۽ کولي وهائڻ جي مون کي ڪا خبر ڪونهي ۽ پيپلزپارٽي سنڌ جو صدر چوي ٿو ته "پنجاب جلالپور ڪينال الائي ڪڏهن ڏاهيو ۽ وهايو آهي". اڳواڻن چيو ته پيپلزپارٽي جا حڪمران سنڌي عوام سان اهو مذاق ڪرڻ بند ڪن اڳواڻن چيو ته پيپلزپارٽي جي ان ڊرامي بازيءَ کي عوام چڱي ريت سمجهي ٿو پيپلزپارٽي جي وزير اعليٰ وزيرن ۽ مشيرن ڇهن ڪينالن بابت به ساڳيو ڊرامو ڪيو هو ته ڪينال ڪٽي پيا ٿهن ڊجيٽل آدمشماري دوران به مخالفت جو ڪوڙو ڊرامون ڪري وري رجي بوگس سنڌ دشمن ڊجيٽل آدمشماري جي انگن اکرن تي صحيح ڪري آيا. اڳواڻن سنڌ جي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته پيپلزپارٽي جي ڪوڙن ڊرامن ،مڪر،ڍڳي ۽ دوکي ۾ نه اچن سنڌو درياءَ جيڪو اسان جي جياپي جو واحد وسيلو آهي ان کي بچائڻ سنڌ جي زمينن وسيلن ۽ پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ پرامن جمهوري جدوجهد ڪن

بقايا 14 — ڪري ڇڏيو

ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب واقعي بابت مختلف پاسن کان جاچ جاري آهي جڏهن ته پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ ڪانپوءِ موت جا اصل ڪارڻ سامهون اچي سگهندا، جنهن جي بنياد تي وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي هوڏانهن واقعي ڪانپوءِ علائقي واسين پڻ افسوس جو اظهار ڪيو آهي جڏهن ته پوليس جو چوڻ آهي ته جاچ مڪمل ٿيڻ تائين ڪنهن به امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي

بقايا 15 — گارڊ گرفتار

ڪمپنين جي نالن تي اربين روپين جا ڏاڙا هڻندڙ سرڪاري ملازمن خلاف ڪارروائي جو مطالبو تفصيل موجب ضلعي انتظاميه ۽ گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن جو آشيرواد حاصل هجڻ سبب ميرپور ماٿيلو جي سمورن کاتن اندر انڌير نگري چرپٽ راڄا وارو جهان هلندڙ آهي ان سلسلي ۾ شهرين جي شڪايتن بعد گذريل ڏينهن ايف آءِ اي سکر جي ٽيم پاسپورٽ آفيس ميرپور ماٿيلو تي چڙهائي ڪري شهرين کان في پاسپورٽ تي 6500 مبينه طور رشوت وصول ڪندڙ سيڪورٽي گارڊ عبدالوهاب کي گرفتار ڪري تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ٻيا ايجنٽ ۽ عملو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو اهڙي قسم جي ايف آءِ اي جي ڪارروائي تي سياسي سماجي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته قانون صرف گارڊ لاءِ نه هجڻ گهرجي ايف آءِ اي سکر کان مطالبو ڪندي گهر ڪيون ٿا ته ڊي سي آفيس گهوٽڪي ايريگيشن ڊپارٽمينٽ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ توڙي جو ضلع ڪائونسل جي ملازمن پاران پنهنجن عزيزن جي نالن تي اربين روپين جا ڏاڙا هڻندڙ سرڪاري ملازمن کي تحويل ۾ وٺي اداڻا چيڪ ڪيا وڃن ته وڏا راز فاش ٿيندا ياد رهي ته سال 2019 کان 2026 تائين ڊي سي آفيس پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ايريگيشن توڙي جو ضلع ڪائونسل ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن پاران پنهنجن عزيزن جي فرضي ڪمپنين جي نالن تي مبينه طور اربين روپين جي بلنگ ڪرائي آهي پر هن وقت تائين احتساب ڪندڙ ادارن پاران ڪا به جاچ شروع نه ڪئي وئي آهي

بقايا 16 — ڇٽا زخمي

ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي نوجوان اشرف علي پنهور فوت ٿي ويو فوتي جو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو آندو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارث لاش گهر کڻي پهتا ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو واقعي جي اين سي داخل ڪئي وئي آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 17 — اميدوارن جو احتجاج

نه پر انهن هزارين قابل محنتي ۽ ميرٽ تي پورو لهندڙ نوجوانن جي نمائندگي ڪري ٿو جيڪي 50٪ مارڪون حاصل ڪرڻ باوجود ڀرتي جي عمل کان محروم آهن . اسان جو مطالبو آهي ته 50٪ پاسنگ مارڪس رکندڙ سڀني اهل اميدوارن کي ميرٽ انصاف ۽ برابري جي بنياد تي ڀرتي جي عمل ۾ شامل ڪيو اسان سڀني ساٿين صحافين ميڊيا جي نمائندن ۽ هر اُن فرد جا دل جي گهراين سان ٿورائتا آهيون جنهن هن پرامن جدوجهد دوستن ڪنهن به صورت ۾ ساٿ ڏنوانهن جي مدد سان ميڊيا جي ساٿ سان انشاءالله گڏجي سڏ جي ۽ پرامن جدوجهد سان اسان پنهنجي جائز حق جي جدوجهد جاري ساري رکنداسين حق وٺڻ لاءِ خاموش نه رهنداسين پنهنجي حقن خاطر جي اگر ڪراچي پريس ڪلب آڳيان احتجاج ڪرڻو پوندو اسين پرامن احتجاج ڪنداسين .

بقايا 18 — متاثرن سان

موقعي تي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري خاطري ڪرائي ته هن ڳوٺ ۾ ٿيل نقصان جو ازالو ڪرايو ويندو ۽ ڳوٺ کي ٻيهر آباد ڪري ماڊل وليج ۾ تبديل ڪيو ويندو پوليس گردي ڪندڙ عملدارن ۽ ريونيو عملدارن خلاف سخت کان سخت ڪارروائي ڪئي ويندي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري وڌيڪ چيو ته هن ڳوٺ طرف هاڻي ڪنهن کي به اک کڻڻ نه ڏنو ويندو ڳوٺ عارب سولنگي جا چوڪيدار هاڻي اسان آهيون انشاءالله 2 آگسٽ تائين ڳوٺ عارب سولنگي ۾ پوليس گردي سميت ملوث ريونيو آفيسرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلعي جنرل سيڪريٽري امتياز احمد قريشي ، اڳوڻو ميونسپل ڪميٽي ٽنڊي جو چيئرمين ممتاز علي ميمڻ ، شاهنواز لوهار ، منور علي هيلايو پورو سرڪي ، نور حسن سرڪي ، واپاري اڳواڻ ڊاڪٽر ڪامران قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 19 — جو مطالبو

جانب عاقلاڻي قبضو ڪري ڪوڙا کاتا ٺهرائڻ جي چڪر ۾ آهن جڏهن ته ڪورٽ سڳوري ۾ پڻ ڪيس هلندڙ آهي ۽ هاڻ هو اسان کي پنهنجو حق گهرڻ تان موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جي اسان کي ڪجهه ٿيو ۽ اسان جي زرعي زمين جا ڪوڙا کاتا ڊاهيا ويا ته اُن جو ذميوار ڊپٽي ڪمشنر جام شورو اسسٽنٽ ڪمشنر جامشورو مختيارڪار جامشورو علي خان وارا هوندا.

بقايا 20 — ۾ فوت گهر ۾ ڪهرام

واپرائي، جنهن بعد سندس وارثن کيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ميهڙ تعلقا اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻي جي اسپتال اماڻيو ويو پر هو اتي علاج دوران زخمن جي سٽ نه سهي سگهيو ۽ فوت ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي وارثن ۽ علائقي واسين ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي فوتي جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته سندس جنازي نماز ۽ تدفين بابت آخري اطلاعن تائين ڪا سرڪاري ڄاڻ سامهون نه اچي سگهي هئي

بقايا 21 — مارڪيٽ ۾ اچي ويو

۾ اچي ويو آهي ليکڪ عبيدالله چچڙ سنڌ جي سرسوڙ سباجهڙي صحافڻ سهڻي پارس کي پنهنجي هڪ ڪتاب ارپنا ڪيو آهي، جنهن گذريل هڪ مهيني کان سکر لڳ ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس پرسان احتجاج ڪئمپ لڳائي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ پرامن احتجاج ڪيو هن ڪتاب ۾ ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ لکيو آهي ته اهڙي جاکوڙ تي سهڻي پارس جس لهڻي ڪتاب جي ٽائيٽل عڪس ۾ پريا ڪماري ٻانهون ٻڌي رياستي ادارن کان انصاف جي گهُر ڪري رهي آهي 96 صفحن تي ٻڌل ڪتاب ۾ ليکڪ عبيدالله چچڙ سنڌ ۾ نه صرف بدامني خلاف آواز اٿاريو آهي بلڪه انهن پهلوئن کي اجاگر ڪيو آهي، جيڪي سنڌ ۾ عام ماڻهن سان زيادتيون ٿي رهيون آهن ناميارو ليکڪ عبيدالله چچڙ معاشري ۾ ٿيندڙ اهڙي قسم جي واقعن جي سخت مذمت ڪندي حڪومتي انتظاميا کان سنڌ ۾ پکڙجندڙ بدامني تي پڻ سوال اٿاريا آهن ۽ اهڙن واقعن جي نشاندهي ڪئي آهي، جن جي ڪري ڪري سنڌ جي امن امان جي صورتحال خراب ٿيندي پئي وڃي ياد رهي ته ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ جو هي چوٿون ڪتاب شايع ٿيو آهي، پر ان جي خاص ڳالهه اها به آهي ته ليکڪ پنهنجي روايت قائم رکندي ڪتاب جي قيمت مقرر ناهي ڪئي ته جيئن سندس ڪتاب نه رڳو مختلف ادارن تائين پهچي سگهي بلڪ عام ماڻهو به ان ڪتاب کي پڙهي حالتن کان واقف ٿي سگهن

بقايا 22 — مارڻ جي دعوي

ٿي ويا. مارجي ويل ڌوڙاري جي سڃاڻپ ڏتي بخش ولد محمد بخش بروهي طور ٿي آهي پوليس موجب مارجي ويل ڏوهاري منشيات، چوري، ڦر پوليس مقابلن ۽ قتل سميت 20 کان وڌيڪ سنگين ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل ۽ اشتهاري هو مارجي ويل ڏوهاري جي قبضي مان ڪلاشنڪوف بمعه ايمونيشن پڻ هٿ ڪئي وئي آهي پوليس مارجي ويل ڌوڙاري جو لاش اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته فرار ٿيل سندس ساٿي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون جاري آهن

بقايا 23 — تي قتل جو

وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي نظام وارن ماءَ کي ماري پوءِ مٿس بجليءَ جي تار اڇلي ڪرنٽ سان موت جو جواز بڻائي رهيا آهن ڪارنهن جو ڊرامو رچائيندا_عورت پناه خاتون جا وارث سٽي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقي اسپتال آندو_ماءَ کي مارڻ تي ماڻهن کي ڏنڊين اڳريون سٽي ٿاڻي جي حد بشيرآباد ۾ هڪ عورت فوت ٿي وئي وارثن موجب عورت مسمات پناهه خاتون کي سندس ويڳن پٽن تي گهٽا ڏئي قتل ڪرڻ جو الزام. اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال پنوعاقل منتقل ڪري ڇڏيو، پنوعاقل ۾ مسمات پناهه خاتون ولد امام الدين انبهڙ کي مبينا طور ڪارنهن جو الزام هڻي قتل ڪرڻ واري واقعي ۾ پوليس تيز ڪارروائي ڪندي اهم اڳڀرائي ڪئي آهي. ايس ايچ او پنوعاقل عبدالشڪور لاڪو جي اڳواڻي ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي واقعي ۾ ملوث ٻه جوابدار گرفتار ڪري ورتا آهن جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي ۾ ملوث ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ به ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ کين جلد قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

بقايا 24 — جو سلسلو جاري

لغاري ، سنڌ ترقي پسند جي پارٽي جي اڳواڻ نورالله مگسي ، بابو شيدي ،لياقت جويو پيپلزپارٽي يوسي علي آباد جي چئرمين بشير لغاري ، امام بخش حاجاڻو، حيدرآباد عوامي آواز جي صحافي حسيب ملاح ، پريس ڪلب مسو ڀرڙيءَ جي صحافي ، عاشق ترڪ ، غلام قادر وسير ، سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن (سيوا) صدر محمد علي گهانگهرو سميت ٻين سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي ڪامريڊ دوست علي لغاري سان تعزيت ڪئي

بقايا 25 — خلاف احتجاج

هوجنهن تان زميندار اسان جي پورهيت هارين تي تشدد ڪيو ۽ بعد ۾ اسان جي گهرن ۾ داخل ٿي هٿيار بندن ماڻهن اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري حملو ڪيو ۽ فائرنگ ڪري چوپايو مال پڻ ڪاهي ويا هنن چيو ته زميندار ۽ ان جي ماڻهن اسان تي تشدد ڪيو ۽ پوليس ڪيس به اسان مٿان داخل ڪري اسان جي پورهيت هارين کي گرفتار ڪري ڇڏيو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي هنن چيو ته اسان آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 26 — عملدار طلب

امجد نوناري کي هٿڪڙيون هڻائي غير قانوني ڪنيڪشنن جي ڀرمار ڪرائيندڙ ايڪسيئن سيپڪو ايس ڊي او سيپڪو ۽ بي عملي کي طلب ڪري ورتو اهڙي قسم جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد غير اعلانيل لوڊشيڊنگ کان تنگ شهرين پاران سيڪنڊ ايڊيشنل جج جي ساراهه ڪئي پئي وڃي ياد رهي ته گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو جي سمورن علائقن ۾ سوين غير قانوني ڪنڊا ڪنيڪشنن سبب يونٽ ڪور ڪرڻ لاءِ روزاني بنياد تي 17 کان 18 ڪلاڪ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي ان کان علاوه بار بار بجلي بند ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي شهرين پاران احتجاج ڪرڻ باوجود ڪوبه ڪڙ ٿيل نه ڪٿو آهي

بقايا 27 — جي ڳالهائي

فوج جي شهيدن جي وارثن سان يڪجهتي ۽ رٽائرڊ فوجين کي درپيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ڪرڻ آهي هن چيو ته پاڪستان جي آزادي وارو ڏهاڙي تي آگاهي سرگرميون ڪري ڀرپور نموني ملهائينداسين جيئن اڄ جي نوجوان نسل کي پاڪستان جي اصل اهميت جي خبر پئجي سگهي جيڪو ملڪ جي هر فرد لاءِ ضروري آهي هن وڌيڪ چيو ته شهيد هميشه زنده هوندا آهن شهيدن جو هڪ اعليٰ مرتبو آهي اسان پاڪ فوج جي شهيد جوانن جي وارثن ۽ رٽائرڊ فوجين جا همدرد ۽ ساٿي آهيون اسان جي تنظيم وسائل نه هجڻ باوجود پنهنجي ذاتي خرچ تي شهيدن جي وارثن ۽ رٽائرڊ فوجين جي هر ممڪن مدد ڪري رهي آهي اسان جي ڪوشش آهي ته وڌ کان وڌ پنهنجي ماڻهن جي خدمت ڪريون انهي لاءِ گڏجاڻيون ڪري رهيا آهيون ان موقعي تي رٽائرڊ آن ريٽائر ليفٽيننٽ نياز حسين ميرجت . طالب حسين سومرو . رستم علي بوزدار . محمد يامين ملڪ . نورل خان . شوڪت علي خانزاده . جميل احمد خانزاده . علي محمد ٻڪيرو . آفتاب بوزدار . محمد اسلم خانزاده سميت وڏي انگ ۾ رٽائرڊ فوجين شرڪت ڪئي

بقايا 28 — سميت 5 زخمي

سور نه سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻين زخمين جو علاج جاري آهي واقعي جي اطلاع ملندي ئي لڪي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال تي ضابطو آندو جڏهن ته ڳوٺ ۾ وڌيڪ ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کان بچڻ لاءِ پوليس نفري مقرر ڪئي وئي آهي علائقي ۾ سخت خوف ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي، جڏهن ته فوتي جي گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو ۽ وارثن مٿان غم جا ڪڪر ڇانيل آهن رابطي ڪرڻ تي لڪي پوليس ٻڌايو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ جهيڙي جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا هئا. پوليس موجب زخمين مان هڪ ڄڻو علاج دوران فوت ٿي ويو آهي فوتي جي وارثن جي اچڻ ڪانپوءِ لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائي قانون موجب وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي

بقايا 29 — گرفتار ڪرڻ جي دعوي

دعوي ڪئي وئي ان حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي ياد رهي پنج ڏينهن اڳ نوجوان پيرو ڪولهي کي سندس پياءَ جي سامهون موٽر سائيڪل ڦر مزاحمت تي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو واقعي بعد وارثن سياسي سماجي اڳواڻن ٻه ڏينهن ڪيرو عمرڪوٽ روڊ تي لاش رکي ڌرڻو هنيو واقعي جو پ پ ايم اين اي شازيه مري سيد رياض شاه سميت پ پ اڳواڻن نوٽيس ورتو هو ايس ايس پي سانگهڙ شاهنواز چاچڙ جي ٽن ڏينهن ۾ جوابدارن جي خاطري تي ڌرڻو ختم ڪيو ويو هو مقتول جي تڏي تي ايم پي اي علي حسن هنگورجو پ پ اڳواڻ ڪرشنا ڪماري اسامه مري عمر گل هنگورجو ۽ ٻيا پهتا هئا مليل ڄاڻ موجب زخمي جوابدارن کي مختلف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جانچ هلي پئي کين علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي

بقايا 30 — آهي،سهراڻ شاهه

ڪرپشن جي جانچ ڪرائي زميوار ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي هن پي پي سرڪار کان مطالبو ڪيو ته فشر فوڪ فورم جي سوسائٽي ايڪٽ سان لاڳاپيل دستاويزات ۽ قانوني معاملن کي جلد حل ڪيو وڃي ته جيئن تنظيم پنهنجي آئيني قانوني ذميوارين کي بنان ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رکي سگهي هن چيو ته ماهيگير برادري پنهنجي روزي جي حوالي سان گهڻن مسئلن جو شڪار آهي جنهن جي حل لاءِ ماضي جيان هن وقت به فشر فوڪ فورم جي طرفان جدوجهد ڪئي پئي وڃي ۽ تنظيم ملڪ جيان سنڌ ۾ ماهيگير برادري جي حقن روزگار ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ پنهنجي جدوجهد کي مرحليوار جاري رکندو هن موقعي تي فشر فوڪ فورم جي وائس چيئرمين ياسمين شاه ضلع اڳواڻن عمر ملاح قاسم بجو ۽ ٻين به پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو

بقايا 31 — خلاف احتجاج

جنجال ڪري ڇڏيو آهي جيڪي چوپائي مال جي زرعي زمين ۾ گاهه چرڻ جو الزام مڙهي اسان جي نوجوان جهانزيب کي ڪٽي وجهي هٿ پير ٻڌي تشدد ڪن ٿا ۽ ڌاڙي تي وٺي وڃي پوليس ذريعي پريشر ڏئي هراسان ڪن ٿا مذڪوره ماڻهن مان اسان کي مالي ۽ جاني نقصان جو خطرو پڻ آهي هنن چيو ته اسان غريب آهيون تنهنڪري اسان جي ڪير به نٿو ٻڌي ڳوٺ جا چڱا مڙس به مذڪوره ماڻهن جو ساٿ ڏيندي اسان جي دادرسي نٿا ڪن مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون جيڪڏهن اسان سان انصاف نه ٿيو ته پاڻ کي باهه ڏئي ساڙينداسين هنن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته مذڪوره ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 32 — علامتي بڪ هڙتال

ٻئي ڏينهن به علامتي بڪ هڙتال جاري رهي انهي دوران شاگرد سخت نعريبازي ڪندا رهيا. ان موقعي شاگرد تنظيمن جي اڳواڻن شبير سنڌي، انعام جتوئي، سجل سنڌي، مجيب ابڙو، حيدر بنگلاڻي سليم سرگاڻي، عثمان ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ اڪثر هارين ۽ مزدورن جا ٻار تعليم حاصل ڪن ٿا، جيڪي فيس ۾ 50 کان 60 سيڪڙو واڌ جو بار برداشت نٿا ڪري سگهن هنن چيو ته هاسٽلن ۾ روزانو پنجن کان ڇهه ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٿي

بقايا 33 — سيد محمد شاهه

ڳلتي ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ضلعي جي مختلف علائقن خاص ڪري سيتا روڊ، رکڻ راجو ديرو راڌڻ ۽ جوهي ۾ ڦر چوري، رستا روڪ ۽ ٻين ڏوهاري واقعن ۾ مسلسل اضافو انتهائي تشويشناڪ آهي جنهن سبب عام شهري خوف ۽ بيچيني جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ رياست جي بنيادي ذميواري آهي پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته دادو ضلعي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن ڪاروباري، ملازم، هاري، شاگرد ۽ مسافر روزانو خوف جي ماحول ۾ پنهنجا معمول جا ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن.

بقايا 34 — مين روڊ بلاڪ

روڊ مڪمل طور تي بند رهيو جڏهن ته مظاهرين ۽ مسافرن ۾ منهن ماريون پڻ ٿينديون رهيون. بعد ۾ ڌرڻي دوران ڊي ايس پي سيوهڻ فراز ميتلو ون فائيو انچارج اياز ابڙو ۽ شاهين فورس جي زمان پنهور مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڇهن ڪلاڪن کان بند پيل انڊس هاءِ وي روڊ کولرايو ۽ واپارين کي خاطري ڪرائي ته موٽروي پوليس گاڏين کي چالان نه ڪندي. اهڙي خاطري ملڻ بعد روڊ کي کوليو ويو.

بقايا 35 — رقم ڦري ويا

ٽنڊوآدم جي نائب صدر ح[illegible]ب خان ٻهلم جي پٽ م[illegible]ز خان ۽ اڳوڻي تعلقي نائب ناظم لياقت شيخ جي پوٽي ۽ مرڪزي مسلم ليگ جي اڳواڻ راشد شيخ جي پٽ فهد ش[illegible]خ کان لکين روپين جي سا[illegible]ٽ جا موبائل فون هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري فرار ٿي ويا ح[illegible]ب خان ٻهلم جو چوڻ آهي ته ٽنڊوآدم ۾ واپاري ۽ شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن ڌاڙا ڦرون چوريون روز جو معمول بڻيل آهن ڪير به هٿياربند ڦورن کان محفوظ نه آهي هن ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان واپس ڏياريو وڃي.

بقايا 36 — چٽو قتل 4 زخمي

آهناطلاع ملڻ تي زخمين کي فوري طور رورل هيلٿ سينٽر نصيرآباد منتقل ڪيو ويو جتي کين شروعاتي طبي امداد فراهم ڪئي وئي ڊاڪٽرن موجب زخمين جي حالت ڳنڀير جوڳي هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻي جي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي 18 نوجوان سالا مزمل پٽ بخشل مسڻ فوت ٿي ويو.

بقايا 37 — ٻڏي فوت

سان نوجوان جي لاش جي ڳولا آخري اطلاعن موجب لاش هٿ اچي نه سگهيو آهي. هوڏانهن وارثن وس وارن ۽ لاڳاپيل ادارن کي اپيل ڪئي آهي ته نوجوان جي لاش جي جلد ڳولا لاءِ مدد فراهم ڪئي

بقايا 38 — نوٽيس جو مطالبو

وڏيرو نجب علي ڳاهو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو جو ڊرينج اسڪيم جو ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو آهي ٺيڪيدار غائب ٿي ويو آهي ناليون ٽٽڻ سبب ناليون جو گندو پاڻي ڳوٺ جي گهٽين رستن چونڪن چوراهن تي بيهڻ سبب ڳوٺ ۾ مڇر وڌي ويو آهي ڪيترن ئي بيمارين ڪر کنيو آهي گهٽين ۾ گندگي جا ڍير لڳل آهن صفائي نه ٿيڻ سبب مختلف بيمارين جي ويا ڦهلجڻ ڪري بيماري ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ڪيترين ئي گهٽين پيور بلاڪ کان رهجي ويون آهن ڳوٺ جي من پسند ماڻهن جي گهٽين ۾ پيور بلاڪ لڳائڻ پنهنجن کي نوازڻ کلي عام ميرٽ جي لتاڙ برابر آهي ان ڪري ڳوٺاڻن وڏي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي هنن اعليٰ اختيارين سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي جاچ ڪري رهيل گهٽين ۾ پيور بلاڪ لڳائي ڏنو وڃي ۽ ڊرينج اسڪيم جو رهيل ڪم مڪمل ڪرائي ڏنو وڃي ته جيئن برسات جو پاڻي نيڪال ٿي سگهي

بقايا 39 — عمارت مڪمل

نزاڪت علي جهتيال جي نگراني هيٺ وڪيشن دوران لڳ ڀڳ 2400 چورس فٽن تي ڊبل اسٽوري عمارت تعمير ڪرائي وئي جنهن ۾ 15 ڪمرا شامل آهن جيئن نئين تعليمي سيشن جي شروعات تي شاگردياڻين کي بهتر تعليمي سهولتون مهيا ڪري سگهجن عمارت جي تعمير جو ٺيڪو استاد همت علي سولنگي کي ڏنو ويو جنهن مقرر وقت کان اڳ، صرف ڏيڍ مهيني اندر عمارت جو ڪم مڪمل ڪري ڏنو بهترين ڪارڪردگي محنت ۽ وقت سر ڪم مڪمل ڪرڻ تي پرنسپال ساٿين نزاڪت علي جهتيال طرفان استاد همت علي سولنگي کي اعزازي تقريب دوران ٽوپي نوٽن جا هار ۽ بوسڪي جو پٽڪو پارائي سندس خدمتن کي ساراهيو ويو .

بقايا 40 — مهورتي تقريب

اڪيڊمي جي اهتمام هيٺ خواجه جماعت هال بدين ۾ ٿي جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان آيل اديبن دانشورن صحافين سياسي سماجي مذهبي ۽ ادبي شخصيتن توڙي زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جو خاص مهمان ناميارو علمي ۽ ادبي شخصيت پروفيسر اخلاق احمد اخلاق هو جڏهن ته صدارت خواجه جماعت بدين جي صدر مختيار علي خواجه ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي پروفيسر اخلاق احمد اخلاق چيو ته قلم سدائين حق سچ انصاف ۽ انسانيت جي آواز رهيو آهي هن چيو ته قرآن پاڪ ۾ قلم جو قسم کڻي ان جي عظمت کي اجاگر ڪيو ويو آهي سندس چوڻ هو ته ظهير حسين حيدري جون لکڻيون ظلم جبر ۽ ناانصافي خلاف مزاحمت جو سگهارو اظهار آهن جن ۾ ڪربلا جي واقعي اهل بيت عليه السلام جي قربانين ۽ حضرت عليؓ جي انسان دوست فڪر کي نمايان نموني پيش ڪيو ويو آهي ليکڪ ظهير حسين حيدري خطاب ڪندي چيو ته حضرت عليؓ ۽ حضرت امام حسينؓ سڄي انسانيت لاءِ حق عدل آزادي ۽ ثابت قدمي جا روشن مثال آهن هن چيو ته ڪربلا رڳو تاريخي واقعو نه پر هر دور جي مظلومن لاءِ ظلم خلاف جدوجهد جو دائمي پيغام آهي سندس چوڻ هو ته دنيا جي ڪيترن ئي عظيم اڳواڻن پڻ امام حسينؓ جي قرباني مان آزادي همت ۽ ثابت قدمي جو سبق حاصل ڪيو عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ خادم ٽالپر چيو ته ڪتاب ۾ انسان دوستي مزاحمت ۽ حق تي ثابت قدم رهڻ جو چٽو پيغام ڏنل آهي هن چيو ته ظهير حسين حيدري پنهنجي والد نذير حسين جي فڪري ورثي کي اڳتي وڌايو آهي جڏهن ته نئين دور جي گهرجن موجب جديد ۽ سائنسي موضوعن تي پڻ وڌيڪ لکڻ جي ضرورت آهي ڊاڪٽر شفقت حسين جعفري چيو ته ليکڪ پنهنجي تحريرن وسيلي حق ۽ سچ جي روايت کي زنده رکيو آهي جڏهن ته مختيار علي خواجه چيو ته ڪتاب ۾ حضرت عليؓ سان محبت، امام حسينؓ جي فڪر قرباني ۽ سچائي کي سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي قائم الدين ڏاهري چيو ته ظهير حسين حيدري پنهنجي قلم کي سدائين مظلوم ماڻهن جو آواز بڻايو آهي جڏهن ته مولانا عابد حسين عابدي چيو ته ظلم جي سامهون " نه " چوڻ ئي انسان جي سڀ کان وڏي طاقت آهي ۽ اهو ئي هن ڪتاب جو بنيادي فڪري پيغام آهي حسنين خواجه ڪتاب جو تنقيدي جائزو پيش ڪندي چيو ته هن تصنيف ۾ انساني ڪردار حق ۽ باطل جي ويڙهه ۽ سماجي جدوجهد کي فڪري انداز سان بيان ڪيو ويو آهي سينيئر صحافي تنوير احمد آرائين چيو ته ظهير حسين حيدري جي هر تحرير مظلومن جي حمايت ظلم خلاف مزاحمت ۽ حق گوئي جو درس ڏئي ٿي ناصر بلوچ چيو ته تاريخ سدائين حق ۽ باطل جي ويڙهه جي شاهدي ڏيندي آئي آهي جڏهن ته ظفر حسين حيدري چيو ته هي ڪتاب سنڌ جي مزاحمتي ادب ۾ اهم واڌارو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ قيمتي فڪري سرمايو آهي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن ليکڪ ظهير حسين حيدري کي سندس ادبي خدمتن تي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي ۽ ڪتاب کي سنڌي مزاحمتي ادب ۾ اهم ۽ قيمتي واڌارو قرار ڏنو

بقايا 41

جي غير حاضر هجڻ ڪري اسپتال ويراني جو ڏيک ڏئي رهي آهي ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو ڳوٺ محمد لائق راڄپر ڳوٺ پيارو خان خاصخيلي ڳوٺ جوڻا ڳوٺ محمد عمر پٽي ڳوٺ مير محمد شر جي علائقن جا ماڻهو صحت کاتي جي سهولت نه هجڻ ڪري مريض سخت پريشان ڳوٺاڻن ۽ سماجي تنظيمن ڀرتا پڪڙيل ۽ جڏهن ته صحت کاتو اڪثر ننڊ ستل علائقي واسين جي سهولت نه ملڻ جي ڪري احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهن سياسي سماجي صحافتي حلقن حڪومت سنڌ وزير اعليٰ کان گهر ڪئي آهي ته هن پاسي توجهه ڏنو وڃي جڏهن ته ممتا پروگرام جيڪو ڳورهاري عورتن کي سنڌ گورنمينٽ طرفان سٺ هزار جو پيڪيج ڏنو آهي ان مان ڳورهاري عورتن کي ڪوبه لاڀ نه ملي سگهيو آهي ڳوٺ حاجي امام بخش پلهه بي بي ايڇ آءِ اسپتال ۾ ممتا پروگرام جي فارم ڀرائڻ واري ڊاڪٽر به غير حاضر رهڻ ڪري ڪيترائي ڀيرا ڳورهاري عورتون فارم ڀرائڻ کان بغير واپس هليون وڃن ٿيون ليڊيز ڊاڪٽر آيل مريض عورتن کان غلط رويو اختيار ڪري رهيون آهن علائقي واسين اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي آهي

بقايا 42 — فراهم ڪيون ويون

وصحت کاتي جا اهلڪار پڻ شامل هئا. سب جيل جو جيلر وسيم احمد ڇنا پڻ ان موقعي تي موجود رهيو جنهن طبي عملي لاءِ انتظامي سهولتون قيدين جي ترتيب ۽ ٻين ضروري معاملن جي نگراني ڪئي

Government of Pakistan

FINANCE DIVISION

VACANCY ANNOUNCEMENT

The Government of Pakistan has established a Macro-Fiscal Policy Unit (MFPU) in the Ministry of Finance and Revenue to enhance the capacity of the Ministry in developing the Medium Term Fiscal Framework (MTFF) and Fiscal Risk Management under Public Management Reforms and intends to hire the services of dynamic and high caliber professional for Macro-Fiscal Policy Unit (MFPU) on contract basis initially for a period of three (03) years:

S.#	Name of Post	Pay Package	No of Post(s)
1	Director (Fiscal)	MP-III	01

2. Details of required qualification and professional experience can be downloaded from the website of Finance Division (www.finance.gov.pk).
3. Qualified and eligible interested candidates **should apply online through "National Job Portal"(http://njp.gov.pk/)** till 09.08.2026.
4. The terms and conditions as contained in Establishment Division's O.M. dated 12.01.2021 (MP Scales Policy, 2020) https://establishment.gov.pk/SiteImage/Misc/files/MP%20Policy.pdf and Finance Division's O.M. dated 31.10.2023 (Revision of MP Scales), as amended from time to time https://www.finance.gov.pk/circulars/circular_14072017.pdf shall apply.
5. Incomplete applications and those received after closing date will not be entertained. Only shortlisted candidates fulfilling the laid down criteria will be called for interview. No TA/DA will be admissible.
6. Finance Division reserves the right to cancel the recruitment process at any time without assigning any reason.

URAAN PAKISTAN

(Zeeshan Mazhar)
Section Officer (HR-IV)
Room No. 129, "S" Block, Pak Secretariat,
Finance Division, Islamabad
Ph: (0092)51-9209930

PID(I)786/26

دفتر ضلع ايجوڪيشن آفيسر (ايليمينٽري/سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري)، ضلعو ٺٽو

اي ميل: doeelemthatta@gmail.com

بي پي ايس-01 کان بي پي ايس-04 جي
غير فني آسامين تي ڀرتي

اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي کاتو، سنڌ حڪومت تحت دفتر ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري) ٺٽي ۾ خالي غير فني آسامين (BPS-01 کان BPS-04) تي ابتدائي مقررين لاءِ درخواستون گهربل آهن.

نمبر	آساميءَ جو نالو	پي اسڪيل	قابليت ۽ تجربو	عمر جي حد	مٿين عمر ۾ رعايت	آسامين جو تعداد
1	ليبارٽري اٽينڊنٽ	03	خوانده (ترجيحاً)	18 کان 28 سال	سنڌ حڪومت جي نوٽيفڪيشن موجب	10
2	نائب قاصد	01				10
3	نائب قاصد / چوڪيدار	01				38
4	مالهي	01				02
5	بورچي (ڪُڪ)	01				02
6	همال	01				01
7	چوڪيدار	01				01
8	سينيٽري ورڪر (خاڪروب)	01				08
					ڪل آساميون	72

شرط ۽ ضابطا / عام هدايتون:

- اهي درخواستون صرف ضلعي ٺٽي جو ڊوميسائل رکندڙ اميدوارن کان شروعاتي مقرريءَ لاءِ گهربل آهن.
- سڀئي درخواستون هن اشتهار جي اشاعت جي 15 ڏينهن اندر هن دفتر تائين پهچي وڃڻ گهرجن.
- اڻپوريون يا دير سان ملندڙ درخواستن تي غور نه ڪيو ويندو.
- اڳ ۾ ئي ملازمت ۾ موجود اميدوار لاڳاپيل شعبي/مناسب طريقيڪار ذريعي درخواست ڏين.
- عورتن، اقليتن ۽ معذور ماڻهن لاءِ ڪوٽا حڪومتي پاليسيءَ موجب برقرار رکي ويندي.
- نوٽيفڪيشن نمبر SO-II(SGA&CD)5-64/2011(Part-II) ڪراچي تاريخ 06 مارچ 2025 تحت ڏنل حڪومتي پاليسي/قاعدن موجب مٿين عمر جي حد ۾ (5) سالن جي عمومي رعايت هوندي.
- اهي آساميون مڪمل طور عارضي بنيادن تي آهن ۽ سنڌ سروس (اپوائنٽمينٽ، پروموشن اينڊ ٽرانسفر) رولز 1973 تحت پروبيشن جو مدو مڪمل ٿيڻ کانپوءِ مستقل ڪيون وينديون.
- ٽيسٽ/انٽرويو ۾ شرڪت لاءِ ڪو به TA/DA نه ڏنو ويندو.
- مجاز اٿارٽيءَ وٽ بنا ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي آسامين جي تعداد ۾ گهٽتائي، واڌارو يا انهن کي رد ڪرڻ جو مڪمل اختيار محفوظ آهي.
- ڀرتي مڪمل طور ميرٽ ۽ شفافيت جي بنياد تي ڪئي ويندي.

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر
(ايليمينٽري/سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري)،
ضلعو ٺٽو

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/3146/2026

ڊائريڪٽوريٽ آف ٽائون پلاننگ، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي

فون نمبر: 70-99244761، فيڪس: 99244766
اي ميل: Info@mda.gos.pk
هيڊ آفيس: G-4/B، بلاڪ-17، گلشن اقبال، ڪراچي

پبلڪ نوٽيس

عنوان: سروي نمبر 173، ديهه طور، تپو ڪونڪر، ضلعو ملير ڪراچي جي 01 ايڪڙ 10 گهنٽا ۽ 43 چورس ميٽر (ڪل ايراضي 6093 چورس ميٽر) جي تجويز ڪيل ڪمرشل لي آئوٽ پلان جي منظوري.

هر عام خاص کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_I، ضلعو ملير، ڪراچي سروي نمبر 173، ديهه طور، تپو ڪونڪر، ضلعو ملير ڪراچي جي 01 ايڪڙ 10 گهنٽا ۽ 43 چورس ميٽر (ڪل ايراضي 6093 چورس ميٽر) زمين جي مالڪي حقن جي تصديق ڪندي، ڊائريڪٽر جنرل ايم ڊي اي ڏانهن، مسمات ارم بلوائي زال عظيم بلوائي، شناختي ڪارڊ نمبر 42301-8678837-6 ، رهاڪو گهر نمبر T2/1 ، ST-5، ڊي ايڇ اي، فيز_6، خيابانِ بادبان، ڪراچي ڏکڻ جي حق ۾ پنهنجي خط نمبر DC/Malir/K/Rev.Br/1314/2026، تاريخ 24-06-2026 ذريعي موڪليو آهي. ان سان گڏ مختيارڪار، تعلقو مراد ميمڻ، ضلعو ملير ڪراچي جو خط نمبر Mukh/M.M/Malir/K/1008/2026 تاريخ 24-06-2026 پڻ شامل آهي، جنهن کي اسسٽنٽ ڪمشنر، سب ڊويزن مراد ميمڻ، ضلعو ملير ڪراچي پنهنجي خط نمبر AC/M.M/Malir/K/448/2026 تاريخ 24-06-2026 ذريعي صرف پلاننگ جي نقط نظر کان لي آئوٽ پلان جي منظوري لاءِ موڪليو آهي.

ان سلسلي ۾، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (MDA) ايڪٽ 94-1993 ۽ (ترميم) ايڪٽ 2013 ۽ KBTPR-2002 (تازي ترميم سان) ۽ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ٽائون پلاننگ ريگوليشنز_2015 جي ڪلاز نمبر 2-15.5 تحت هي عوامي اطلاع شايع ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن به لاڳاپيل شخص/تنظيم کي ڪو اعتراض هجي ته هو پنهنجو اعتراض براهه راست ڊائريڪٽر جنرل، MDA، ڊائريڪٽر (اسٽيٽ ۽ انفورسمينٽ) يا ڊائريڪٽر، ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ، MDA، جنهن جي آفيس G-4/B ، بلاڪ_17، گلشن اقبال، ڪراچي ۾ واقع آهي، فون نمبر 021_99239120، 021_99244762 تي هن نوٽيس جي شايع ٿيڻ جي تاريخ کان 07 ڏينهن اندر جمع ڪرائي سگهي ٿو.

مقرره تاريخ گذرڻ کان پوءِ وصول ٿيل ڪنهن به اعتراض تي غور نه ڪيو ويندو.

لوڪيشن پلان:

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (T.P)
ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي

INF/KRY/3157/26

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

عمرڪوٽ ۾ پرپاسي برساتي وسڪارا، ٽي ٻار برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، هڪ فوت

عمرڪوٽ، ڪنري سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ ٻئي ڏينهن به وقفي وقفي سان برسات جاري

ڳوٺ ڪيرلو ۾ هڪ ئي گهر جا ٽي معصوم ٻار برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، 8 سالن جو ثناالله فوت ٿي ويو

12 سالن جو راشد ۽ ٽي ورهين جي اسد کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

عمرڪوٽ(ن ر) عمرڪوٽ ڪنري سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ ٻئي ڏينهن به وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهيو جڏهن ته عمرڪوٽ جي رڻ علائقي جي ڳوٺ ڪيرلو ۾ افسوسناڪ واقعي ۾ هڪ ئي گهر جا ٽي معصوم ٻار برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا جن مان 8 سالہ ثناالله فوت ٿي ويو 12 سالہ راشد ۽ ٽي سالہ اسد کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ٻڌايو پيو وڃي ته ٽئي ٻار پنهنجي گهر ڀرسان برساتي پاڻي سان ڀريل کڏي وٽ راند ڪندي اوچتو پير ترڪڻ سبب پاڻي ۾

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: سينيٽر ڪرشنا ڪماري ايس ايس پي سانگهڙ سان گڏ مقتول پيرو ڪولهي جي وارثن سان تعزيت ڪندي

خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم شخص جو لاش هٿ، سول اسپتال منتقل

خيرپور (ڊ ر)خيرپور سول اسپتال ڀرسان اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ آيو علائقي واسين لاش ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن کان پوءِ پوليس پهچي ڪري لاش کي سول اسپتال جي سرد خاني منتقل ڪرائي ڇڏيو جڏهن ته لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان نشي جو عادي هو جيڪو سول اسپتال

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ جسقم ڪارڪنن جو ٻيرلوءِ ڏرٽي تي تشدد ۽ گرفتارين خلاف احتجاج

ڪارڪنن زاهد حسين، نواز شنباڻي، فريد خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پنهل خان ساريو، سهڻي ڀارس، شهناز شيخ ۽ ٻين تي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن

گمبٽ (ت ر) جيئي سنڌ قومي محاذ جسقم شهيد بشيرخان قريشي پاران ٻيرلوءِ ڏرٽي تي تشدد گرفتارين ۽ اڳواڻن سميت احتجاج ڪندڙن مٿان داخل ڪيل ڪيسن خلاف گمبٽ پريس ڪلب اڳيان فقيرآباد ۾ سائين جي ايم سيد چوڪ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجا مظاهري جي اڳواڻي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لڙي ميرواهه ۾ جنسي زيادتي الزام هيٺ آيل ڌر جو احتجاج، اڻ ڌري جاچ جو مطالبو

مورو ۾ زرداري برادري پاران مبينا پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ مڪرياري زرداري واسين غلام اڪبر زرداري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج

پوليس بنا جواز اسان جي ماڻهن کي ڪنهن پريشان ڪري رهي آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ پورهيت جو نائي خلاف احتجاج، ڌيءُ تي تشدد ۽ ڌمڪين جا الزام

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ جي گلشير محلا جي رهواسي پورهيت غلام رسول چنا پنهنجي پٽن ۽ نياڻي سان گڏجي پنهنجي ڄاتي عبدالحفيظ چنا خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان سلسلي ۾ احتجاج ڪندڙن مسمات آسيا چنو محمد ابراهيم چنو اسماعيل چنو اسحاق چنو اڪبر چنو ۽ ٻين چيو ته جوابدار حميد چنو مسلسل اسان کان پيسا گهرندو رهيو آهي جنهن کي اسان جي نياڻي حق نڪاح ۾ ڏنل آهي جنهن مٿان به هو روز تشدد ڪندو هو ۽ اڄ جي معرفت وقتن به وقت پيسن جي ڊيمانڊ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ پنهور برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ نوجوان قتل، ٽي ڄڻا زخمي

ٽي بي اسپتال ڪالوني ۾ پنهور برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي رشتيداري تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ ۽ ڏنڊا لڳڻ سبب مسمات آمنہ، سندس ٽي پٽ مظهر، اشرف ۽ احسان علي زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو، جتي زخمن جا سور نہ سهندي اشرف علي دم ڏٽي حوالي ڪيو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايم ڪيو ايم پاڪستان پاران ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

اوڏيرولال واسي جو زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاج، تحفظ ۽ انصاف جو مطالبو

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ فارسي فارم جي رهواسي علي نواز عاقلاڻي عوامي پريس ڪلب اوڏيرولال اسٽيشن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي زرعي زمين جيڪا جام شورو ضلع جي ديهه پال ۾ واقعي جنهن تي بااثر يارو عاقلاڻي بچايو عاقلاڻي علي خان ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پوليس پاران 20 ڪان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل جوابدار کي مقابلي ۾ مارڻ جي دعويٰ

رستم چوڪ روڊ ڀرسان ٻلي واري علائقي ۾ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني: ايس ايس پي

فائرنگ جي ڏي وٽ دوران بدنام اشتهاري ڌاڙيل ڏٽي بخش ولد محمد بخش بروهي مارجي ويو سندس ساٿي فرار ٿي ويا

مارجي ويل ڌاڙيل منشيات، چوري، ڦرلٽ، پوليس مقابلن ۽ قتل سميت 20 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل ۽ اشتهاري هو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: مقتول جو لاش رکي وارث احتجاج ڪندي

ٽنڊوآدم لڳ هٿيارٿند ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل ڦري ويا، اين سي داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي علائقي الهيار ڳوٺ ۾ نامعلوم هٿيار بند ڦورو هٿيارن جي زور تي راشد ملڪ کان موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا واقعي جي اين سي بي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي.

لڪي غلام شاهه ويجهو شر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ قتل، عورتن سميت 5 زخمي

ڳوٺ ارباب شر ۾ گهٽي جي لنگهه جي پراڻي تڪرار تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو زخمي

زخمين کي تعلقي اسپتال نيو ويو جتان نازڪ حالت ۾ سکر نيو ويو ته ڪرم الله ولد زهرو شر فوت ٿي ويو

فوتي جي وارثن جي اچڻ کانپوءِ لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائي قانون موجب وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي: پوليس

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ماهيگير برادري روزگار ۽ وسيلن جي مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي: مهراڻ شاهه

فشر مين ڪو آپريٽو سوسائٽي ۾ مبينا ڪرپشن جي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي ۾ شاگردن جي ٻئي ڏينهن به علامتي بک هڙتال

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ وڌندڙ بدامني ۽ ٻين ڏوهن ۾ اضافو انتهائي تشويشناڪ آهي: سيد محمد شاهه

عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ رياست جي بنيادي ذميواري آهي، ۾ افسوس ماڻهو غير محفوظ آهن

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ بدامني ۾ ڪا نه آئي، ڦورو لکين روپين جا موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦري ويا

ڪنڊو روڊ تان موٽرسائيڪل سوار هٿيارٿند معيز ٻهلم ۽ فهد شيخ کان ڦرلٽ ڪئي

متاثرن پاران جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦريل سامان واپس ڏيارڻ جو مطالبو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: جهيڙي ۾ قتل ٿيل نوجوان جو لاش روڊ تي رکي احتجاج ڪيو پيو وڃي

هنگورجا: پ پ جي ايم اين اي ڊاڪٽر مهرين رزاق ڀٽو تقريب کي خطاب ڪندي

گمبٽ ويجهو لالڻ واهه ڪي گهارو، فصل پاڻي هيٺ

ڳوٺ سانول ميتلو وٽان لڳل گهاري جي اطلاع باوجود آبپاشي عملو نہ پهتو

ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت گهارو بند ڪيو، متاثرن پاران عملدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

گمبٽ (ت ر) احمدپور ڀرسان ڳوٺ سانول ميتلو وٽان لالڻ واهه کي 5 فوٽن کان وڌيڪ گهارو پئجي ويو جنهن ڪري ڪيترن ئي ايڪڙن تي بيٺل مختلف فصل پاڻي هيٺ اچي ويا اطلاع ملڻ جي باوجود به آبپاشي عملو نہ پهتو ۽ ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت گهارو بند ڪري وڌيڪ ڦيلڻ کي نقصان ٿيڻ کان بچائي ورتو ان ڏس ۾ ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته لالڻ واهه جا ڪير

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ فقيرآباد واسين جو پوليس اهلڪار جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ استاد رحم علي ملڪ واسين عرفان، نصيرالله، مهربان ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪشمور پوليس جي سپاهي عباس ملڪ سائين سان گڏجي گهرن تي حملو ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

گمبٽ (ت ر) گمبٽ لڳ فقيرآباد جي ڳوٺ استاد رحم علي ملڪ جي رهواسين ريٽائرڊ استاد رحم علي ملڪ عرفان علي ملڪ نصرالله ملڪ مهربان ملڪ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪشمور پوليس جو سپاهي عباس ملڪ چئين بنا وردي پوليس اهلڪارن سان گڏ پوليس موبائيل تي اچي اسان جي گهرن مٿان حملو ڪري گهرن ۾ گهڙي عورتن سميت اسان مٿان تشدد

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ اجالا پروين سولنگي جي اغوا کي 100 ڏينهن ٿي استادن جو احتجاج

پ ٽ الف پاران ريلي ڪڍي معصوم نياڻي جي بازيابي لاءِ نعريبازي ڪئي وئي

ٻيرلوءِ ڏرٽي تي پوليس ڪارروائي ۽ احتجاج ڪندڙن خلاف داخل ڪيسن جي سخت مذمت

مطالبا نہ مڃڻ جي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ تيز ڪرڻ جي چتاءُ

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي منظور ڪالوني جي رهواسي پرائمري استاد شمس الدين سولنگي جي 6 ورهين جي نياڻي اجالا پروين سولنگي جي اغوا کي 100 ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود بازيابي نہ ٿيڻ خلاف ۽ ٻيرلوءِ ڏرٽي تي جاري ڌرڻي دوران پوليس ڪارروائي، تشدد ۽ احتجاج ڪندڙن خلاف داخل ڪيل ڪيسن جي مذمت ڪندي پ ٽ الف تعلقي ميهڙ جي استادن پاران سيد

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

لڙي ميرواهه: جنسي زيادتي جي الزام هيٺ آيل ڌر پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊڪوٽ ۾ جي ايس ٽي جي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن جو احتجاج

50 سيڪڙو مارڪون باوجود حق کان محروم ڪيو پيو وڃي:مظاهرين

ميرٽ، انصاف ۽ برابري جي بنياد تي ڀرتي ۾ شامل ڪيو وڃي

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ ۾ 25 جولاءِ تي JST 50+ جي دوستن پاران ڪنڊڪوٽ پريس ڪلب اڳيان پرامن احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن اميدوارن مختيار علي جاگيراڻي منصور احمد جکراڻي، ياسر ڪوسو ثناءالله گولو منير احمد ڀهلڪاڻي ۽ ٻين سائين پرپور شرڪت ڪندي پنهنجي جائز حق لاءِ پرامن انداز ۾ مضبوط آواز بلند ڪيو هي احتجاج صرف چند اميدوارن جو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان پوليس جي ڪارروائي، قتل ڪيس ۾ گهربل اشتهاري جوابدار گرفتار

منور علي خاصخيلي ۾ سال پراڻي اشفاق علي خاصخيلي قتل ڪيس ۾ گهربل هو

گرفتار جوابدار وٽان پسٽل ۽ 3 گوليون هٿ ڪيون ويون، وڌيڪ جاچ جاري: پوليس

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان پوليس ڪارروائي ڪندي قتل ڪيس ۾ گهربل اشتهاري جوابدار منور علي خاصخيلي گرفتار جوابدار ٻه سال اڳ 35 ورهين جي اشفاق علي خاصخيلي جي قتل ڪيس ۾ گهربل هو پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان واردات ۾ استعمال ٿيل هڪ پسٽل ۽ 3 گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون

نامياري ليکڪ عبيدالله ڇڇڙ جو ڪتاب "سنڌ جي پريا ڪماري" مارڪيٽ ۾ اچي ويو

ليکڪ پاران 96 صفحن تي ٻڌل ڪتاب سنڌ جي سرموڙ صحافتي سهڻي پارس کي ارپنا ڪيل

ڪتاب جي ٽائيٽل عڪس ۾ پريا ڪماري ٻاٻهون ٻڌي رياستي ادارن کان انصاف جي گهر ڪري ٿي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) روزاني عبرت اخبار جي ڪالم نگار ۽ سنڌ جي نامياري قانوندان ۽ ليکڪ عبيدالله ڇڇڙ ايڊووڪيٽ جو "سنڌ جي پريا ڪماري" جي نالي سان شايع ٿيندڙ ڪتاب ڇپجي ڪاپي مارڪيٽ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جي ايس ٽي جي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

ٽنڊو محمد خان ۾ ڪولهي برادري جو زميندارن جي ڌاڌاين خلاف احتجاج

پاڻي جي معاملي تان تڪرار بعد تشدد ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا:مظاهرين

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان نوٽيس وٺي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ قمبر مڪسي جي رهواسين ڪولهي برادري جي پورهيت هارين جو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي شنڪر لال شريمتي شامون ۽ ٻين چيو ته بااثر زميندار اسان خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي اسانجا نوجوان پوليس کي ڇٽي ڪر ڪرائي ڇڏيا آهن انهن وڌيڪ چيو ته اسانجو پاڻي ڪولڻ تان مسئلو ٿيو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ پاڪستان ايڪس مين سوسائٽي جي گڏجاڻي

گڏجاڻي جو مقصد رٽائرڊ فوجين کي درپيش اهم مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ڪرڻ آهي: ذوالفقار ميمڻ

اسان جي تنظيم وسائل نہ هجڻ باوجود پنهنجي ذاتي خرچ تي شهيدن جي وارثن جي هر ممڪن مدد ڪري پئي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ پاڪستان ايڪس مين سوسائٽي طرفان جيمر خانہ ٽنڊوالهيار ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي ڪرنل گڏجاڻي ۾ رٽائرڊ برگيڊيئر ذوالفقار احمد ميمڻ سميت وڏي انگ ۾ رٽائرڊ فوجين شرڪت ڪئي انهي موقعي تي رٽائرڊ برگيڊيئر ذوالفقار احمد ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ جي گڏجاڻي جو مقصد هڪ ٻئي ۾ ويجهڙايون ڪري پاڪ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺ ٻچل خاصخيلي جي رهواسين جو بااثرن خلاف احتجاج

نوجوان کي ڪنهي تشدد ڪري پوليس ذريعي هراسان ڪيو پيو وڃي: ڳوٺاڻا

متاثر خاندان جو چوڻ، بااثر ماڻهن جي ڌاڌاين سبب جينڻ جنجال ٿيل آهي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ ٻچل خاصخيلي جي رهواسين پاران بااثرن جي ڌاڌاين خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي خاصخيلي رخسانہ، نظيران ۽ ٻين خاصخيلي ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ جي بااثر ماڻهن پنو خاصخيلي، عمران اريس ۽ سليم خاصخيلي اسان جو جيئڻ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: مقتول جي ڪيس ۾ نامزد ٻن جوابدارن

ڪيرو پوليس پاران پيرو ڪولهي جو قتل ڪيس ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪيرو(ن ع) ڪيرو ويجهو ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ قتل ٿيل نوجوان پيرو ڪولهي جو قتل ڪيس مقتول نامزد ٻن جوابدارن طالب سري ۽ عارف سري کي ڪاهي پوليس هڪ جوابدار حيات سري کي ڪيرو پاران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي فرياد تن نامزد تن جوابدارن ۽ اڻ سڃاتل جوابدارن خلاف ڪاهي ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو هو جنهن ۾ حيات سري ..عارف سري ۽ اڻ سڃاتل سميت 5 ڄڻا شامل آهن جن تي ڪيس داخل ڪيو ويو جن مان ٽن ڄڻن ڪاهي ۽ ڪيرو پوليس زخمي الت ۾ گرفتار ڪرڻ جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پان سيدآباد ويجهو ٻهه جي واپارين جو موٽروي پوليس خلاف گاڏيون بيهاري احتجاج، ڪلاڪن تائين روڊ بلاڪ

ڳوٺ واهڙ وٽ انڊس هاءِ وي تي واپارين اسلم برهماڻي، مهتاب، اسلم ۽ سهيل پنهور جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻيو ويو

ڌرڻي سبب روڊ مڪمل طور تي بند، گاڏيون بيهجي ويون، مظاهرين ۽ مسافرن ۾ جهيڙيون پڻ ٿينديون رهيون

آءِ جي سنڌ کان گاڏين لوڊ ڪرڻ جي اجازت مليل آهي، پر موٽروي پوليس چالان هڻي زيادتيون ڪري ٿي: اڳواڻ

پان سيد آباد (ن ع) پان سيدآباد شهر جي ويجهو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي ڳوٺ واهڙ وٽ انڊس هاءِ وي تي ٻهه جي واپارين اسلم برهماڻي، مهتاب، اسلم ۽ سهيل پنهور جي اڳواڻي ۾ واپارين

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ گهٽيءَ ۾ ويهڻ تان ٻن ڌرين جهيڙو ٿي پيو، فائرنگ هڪ ڄڻو قتل، 4 زخمي

مسڻ محلا جي گهٽيءَ ۾ ويڻلن کي منع ڪرڻ تان مسڻ ۽ سولنگي ذات جي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ دوران مسڻ برادري جا پنج ڄڻا خادم حسين، شاهد علي، عدل، علي رضا ۽ مزمل زخمي ٿي پيا

نصيرآباد (ن ع) گذريل رات مسڻ محلا جي گهٽيءَ ۾ ويڻلن کي منع ڪرڻ تان مسڻ ۽ سولنگي ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جيڪو فائرنگ ۾ تبديل ٿي ويو فائرنگ جي نتيجي ۾ مسڻ برادري جا پنج ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، زخمين ۾ خادم حسين مسڻ شاهد علي مسڻ عدل مسڻ علي رضا مسڻ ۽ مزمل مسڻ شامل

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ نجي اسڪول جو نوجوان فوت

ناڪو اسٽاپ ڀرسان تيز رفتار ڪار جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ 30 ورهين جو فرهاد قائمخاني زخمي ٿيو، ڪراچي اسپتال ۾ فوت

لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، حادثي جو ذميوار اڻڄاتل ڪار ڊرائيور فرار

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ۾ نجي اسڪول جو نوجوان مالڪ ٽريفڪ حادثي ۾ فوت، علائقي ۾ سوڳ جي لهر خبر موجب ٽنڊوڄام جي علائقي مظفرآباد جو رهواسي نجي اسڪول جو مالڪ 30 ورهين جو فرهاد قائمخاني موٽرسائيڪل تي فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ لاءِ وڃي رهيو هو تہ ناڪو اسٽاپ ڀرسان تيز رفتار اڻڄاتل ڪار ڪيس ٽڪر هڻي فرار ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو واقعي بعد زخمي کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ٽنڊوڄام اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي جي اسپتال اماڻيو ويو پر هو زخمن جا سور نہ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

پان سيد آباد: ٻهه جا واپاري ۽ پورهيت موٽر وي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

خيرپور ۾ هيپاٽائيٽس جي عالمي ڏينهن حوالي سان سول اسپتال جي ڊاڪٽرن پاران آگاهي ريلي ڪڍي وئي

خيرپور(ڊ ر) هيپاٽائيٽس جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي هيپاٽائيٽس سينٽر جي ڊاڪٽرن ۽ عملي پاران سول اسپتال جي او پي ڊي کان آگاهي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڊاڪٽر عابده چانڊيو، ڊاڪٽر صفدر علي ٿيٻو، ڊاڪٽر جاويد احمد ڦليوٽو، ڊاڪٽر رفيق منگي، علي محمد مهر، ڊاڪٽر عليما

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد : عورت مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهي آهي

پيپلزپارٽي جا حڪمران سنڌي عوام سان مذاق ڪرڻ بند ڪن: ستار رند

وفاق سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڏيڍ سو سالن کان زور زبردستي ڌاڙا

عوامي پ پ جي ڪوڙن ڊرامن ،مڪر، ٺڳي ۽ دوکي ۾ نہ پنهنجي

ڪيرو (ن ع) عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ستار رند، لال جروار عطاءالله اٿي موسي راڄڙ پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو آهي تہ پنجاب جو حڪمران طبقو ۽ وفاقي حڪومت سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڊيمن ڪينالن ۽ ٻين وسيلي گذريل ڏيڍ سو سالن کان زور زبردستي ڌاڙا هڻندو اچي ٿو ۽ ڌاڙيل واهه چشمه جهلم لنڪ ڪئنال ۽ ٽونسه پنجند

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر پوليس پاران قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر پوليس قتل ڪيس ۾ گهربل هڪ اشتهاري جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ايس ايچ او خانپورمهر اشفاق احمد شر موجب ڳجهي اطلاع تي پوليس ڪيم ڪامياب ڪارروائي ڪندي خان محمد ولد حمزه پدافي کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايچ او موجب گرفتار ڪيل جوابدار پدافي برادري جي ٽن ڄڻن جي قتل ۽ ٽن ڄڻن کي زخمي ڪرڻ واري سنگين ڪيس ۾ گهربل هو سندس خلاف خانپورمهر ٿاڻي تي اڳ ۾ ئي ڪيس داخل ٿيل هو ۽ هو ڪجهه عرصي کان پوليس کي گهربل هو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ويجهو نوجوان ناري ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ڦاڙ هڏي ۾ 22 ورهين جي نينا ميگهواڙ انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڪپرو(ن ع)ڪپرو ڀرسان ڳوٺ لڳ ڦاڙ هڏي مان 22 ورهين جي شادي شده عورت نينا ميگهواڙ جو گهر اندر ڦاهي لڳل لاش هٿ آيو جنهن بعد علائقي ۾ ڏک ۽ خوف جي لهر ڇانئجي وئي اطلاع ملڻ تي ڪپرو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال ڪپرو منتقل ڪيو فوتي عورت جو مڙس ضروري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو پاسپورٽ آفيس تي ايف آءِ اي جو ڇاپو، گارڊ گرفتار

عوامي شڪايت تي سيڪورٽي گارڊ عبدالوهاب کي گرفتار ڪيو آهي: عملدار

قانون صرف گارڊ لاءِ نہ هجڻ گهرجي ۽ ڪرپشن ملوث هر عملدار کي گرفتار ڪيو وڃي: رهواسي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

غلام الله: صوبائي وزير علي حسن زرداري جو ڳوٺ عارب سولنگي جو دورو، متاثرن سان ملاقات

صوبائي وزير متاثرن سان ملاقات ڪري نقصان جي ازالي ۽ ڪارروائي جي خاطري ڪرائي

ڳوٺ عارب سولنگي جا چوڪيدار هاڻي اسان آهيون، متاثرن کي اڪيلو نہ ڇڏينداسين: علي حسن زرداري

پوليس گردي ڪندڙ عملدارن ۽ روينيو عملدارن خلاف سخت کان سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

غلام الله (ن ع) صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري ڳوٺ عارب سولنگي پهچي متاثرين سان ملاقات ڪري تفصيل معلوم ڪيا ان موقعي تي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري سان گڏ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي صدر ۽ ايم اين اي صادق علي ميمڻ، ضلعي ڪائونسل ٺٽي جو چيئرمين عبدالحميد پنهور، عاشق حسين زرداري گڏ هئا ان موقعي تي سينيئر صحافي ۽ تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ حاجن سولنگي ۽ ٻين کين پوليس گردي بابت معلومات ڏني ان

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: چوڪي گهٽي تاجر برادري اڳواڻ ريحان علي، محسن ميمڻ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ميهڙ زهريلي دوا پي خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان لاڙڪاڻي اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي حاجا محلي ۾ گهرو پريشاني سبب زهريلي دوا کائي خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان عرفان سمون علاج دوران لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو مليل ڄاڻ موجب حاجا محلي جو رهواسي عرفان سمون مبينا طور گهرو پريشانين کان تنگ اچي زهريلي دوا

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل مان عورت جو گهر مان ڪرنٽ لڳل لاش هٿ، وارثن پاران ويڳي پٽن تي قتل جو الزام

بشيرآباد واري علائقي مان مائي پناه خاتون جو مبينا ڪرنٽ لڳل لاش سندس گهر مان هٿ آيو

اطلاع تي پوليس ڪنائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

جوابدار نظام انڊڙ ۽ ٻين ملڪيت تان پناه خاتون کي قتل ڪري ڪرنٽ جو ڪوڙو ڊرامو ناهيو آهي، جاچ ڪئي وڃي: وارث

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي علائقي بشيرآباد ۾ مائي پناه خاتون جو لاش سندس گهر مان هٿ آيو جنهن بعد علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو وارثن الزام هنيو آهي ته نظام انڊڙ ۽ ٻين جوابدارن ملڪيت جي تڪرار تان مائي پناه خاتون کي قتل ڪري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته عورت جو موت ڪرنٽ لڳڻ سبب ٿيو آهي واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لڪي غلام شاهه: گهٽي جي لنگهه تان جهيڙي ۾ مارجي ويل نوجوان جو لاش اسٽريچر تي پيل آهي

مسوري گهڙي: ڪامريڊ دوست علي لغاري جي چاچي جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

مسوري گهڙي (ن ع) پورهيت مزاحمت تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ دوست علي لغاري جي چاچي سانوڻ خان لغاري جي وفات تي تعزيت جو سلسلو هلندڙ تفصيل موجب ڪامريڊ دوست علي لغاري سان پورهيت مزاحمت تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ نثار لغاري، سنڌين نيشنل ڪانگريس جي اڳواڻ محب آزاد

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو جج لائيٽ بند ڪرڻ تي لائين سپريڊنٽ کي هٽڪڙيون هڻائي ڇڏيون، عملدار طلب

سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ بجلي بار بار بند ڪرڻ واري درخواست جي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران ڪاروڙ جو اظهار ڪندي لائين سپريڊنٽ امجد نوناري کي هٽڪڙيون هڻائي ايڪسين ۽ ٻين کي طلب ڪيو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽ: اشفاق بلوچ) ميرپور ماٿيلو سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج ميرپور ماٿيلو جي عدالت غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ بجلي جي بار بار بند ڪرڻ تي لائين سپريڊنٽ امجد نوناري کي هٽڪڙيون هڻائي ڇڏيون اين ايس ڊي او سميت ٻيو عملو طلب ڪري ورتو تفصيل موجب سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج ميرپور ماٿيلو سڪي ٻن جي بجلي جي غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ بار بار بجلي بند ڪرڻ تي ٻڌڻي دوران ڪاروڙ جو اظهار ڪندي لائين سپريڊنٽ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ملاڪاتيار سنڌو درياهه ۾ وهنجندي 30 سالن جو نوجوان ٻڏي فوت

ميرواهه وٽ ڳوٺ پيراڻي واسي سنتوش ڪمار راملو ميگهواڙ ٻڏي ويو

اطلاع تي پوليس پهتي، ڪافي ڳولا باوجود لاش هٿ اچي نہ سگهيو

ملاڪاتيار (ن ع) سنڌو درياهه ۾ وهنجندي نوجوان ٻڏي ويو ڇڻ ڪلاڪن کان لاش جي ڳولا جاري، ملاڪاتيار پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي جڏهن ته مقامي ماڻهن وارثن جي مدد سان ڳولا جاري وٽ سنڌو درياهه ۾ وهنجندي دوران نوجوان ڳوٺ پيراڻي وسي جو رهواسي 30 سالہ سنتوش ڪمار پٽ راملو ميگهواڙ ٻڏي ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ گرلس ماڊل هاءِ اسڪول جي نئين عمارت مڪمل

ميهڙ (ن ع) اياز ڪالوني ۾ گرلس ماڊل هاءِ اسڪول جي نئين عمارت مڪمل تعمير ڪندڙ ڪي اعزاز سان نوازيو ويو ميهڙ اياز ڪالوني ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ گرلس ماڊل هاءِ اسڪول جي نئين عمارت جي تعمير مڪمل ڪئي وئي آهي اسڪول جي پرنسپال سائين

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

فقيرآباد لڳ ڳوٺ خان محمد ڳاهو جو ڊرينيج اسڪيم ڪرپشن جو شڪار، رهواسي پريشان، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

فقيرآباد (ن ع) فقيرآباد ڀرسان ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو ۾ فقيرآباد ٽائون ڪاميٽي وارڊ نمبر چار جي ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو جي ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ٺهندڙ ڊرينيج اسڪيم رولوڙي جو شڪار ٺيڪيدار غائب ٿي ويو برسات سبب ڳوٺاڻن کي وڏي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئي ٿو ڳوٺاڻن سابقا ڪائونسلر وڏيرو احمد رضا ڳاهو ڳوٺ جي نيڪ مرد ڏيرو نجيب علي ڳاهو صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي ڳوٺ زوار خان

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ظهير حسين حيدري جي نئين ڪتاب "لهو مان لاٽ ٻرندي آ" جي مهورتي تقريب

تقريب ۾ اديبن، دانشورن ۽ سياسي سماجي شخصيتن جي وڏي شرڪت

ظهير حسين حيدري جون لکڻيون ظلم ۽ ناانصافي خلاف مزاحمت جو آواز آهن: اخلاق احمد اخلاق

بدين (ڊ ر) سنڌ جي نامياري سياسي سماجي علمي ادبي شخصيت ليکڪ ۽ مزاحمتي قلمڪار ظهير حسين حيدري جي نئين سنڌي ڪتاب "لهو مان لاٽ ٻرندي آ" جي مهورتي تقريب نذير حسين حيدري

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم تعلقي اسپتال پاران سب جيل ۾ قيدين لاءِ طبي ڪيمپ لڳائي، چڪاس بعد دوائون فراهم ڪيون ويون

ٽنڊوآدم (ن ع) سب جيل ٽنڊوآدم ۾ قيدين جي صحت ۽ ڀلائي کي نظر ۾ رکندي خصوصي طبي ڪيمپ منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران جيل ۾ موجود سمورن اندر ٽرائل قيدين جو طبي معائنو ڪري کين مفت دوائون فراهم ڪيون ويون طبي ڪيمپ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم ڊاڪٽر غلام علي سمون جي هدايتن تي منعقد ڪئي وئي، ان موقعي تي مختيارڪار ۽ سپرنٽينڊنٽ سب جيل ٽنڊوآدم امام الدين لاڙڪ طبي ڪيمپ جي انتظامن جي نگراني ڪئي جڏهن تہ ميڊيڪل ٽيم جي اڳواڻي ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر آفتاب ڏاهري ڪئي ٽيم ۾ وسيم خاصخيلي ۽ ٻيا

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

فقيرآباد پي پي ايڇ آءِ عوام لاءِ بي لاپ بڻيل، رهواسي سخت پريشان

ڊاڪٽر ۽ عملي جي غير حاضر هجڻ ڪري ايندڙ مريض دربدر ٿيڻ لڳا

علائقي واسين پاران اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي علاج جون سهولتون ڏيڻ جو مطالبو

فقير آباد (ن ع) فقيرآباد لڳ ڳوٺ امام بخش پلهه جي پي پي ايڇ آءِ سرڪاري اسپتال بکڙن جي حوالي ڊاڪٽر ۽ عملي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ڪولهي برادري جي پورهيت هارين جو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.